# سر ڍهر

مرتب

ڊاڪٽر نواز علي شوق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڏهر

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ٢٤٤ عرس جي موقعي تي پڙهيل مقالا

مرتب

ڊاڪٽر نواز علي شوق

تي سؤ ساله جشن ولادت
شاهه عبداللطيف ڀٽائي
١٦٨٩ع ـــــ ١٩٨٩ع

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽشاهه - حيدرآباد

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Jeay Sindh

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا ڀٽشاهه ثقافتي مرڪز وٽ موجود آهن

ٻيون ڇاپو ۱۹۸۹ع

تعداد ۲ هزار

**قيمت چاليهه رپيا**

---

هي ڪتاب مهتاب اڪبر راشدي سيڪريٽري سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو ۽ اعزازي سيڪريٽري شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ آفتاب ابڙي انچارج پبليڪشن سيڪشن جي نگراني هيٺ آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي وٽان ڇپيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ترتيب


| | | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ١. پہ اکر | | ٧ |
| ٢. ترتيب | | |
| ٣. مرتب پاران | | ٩ |
| ۴. سر ڏاهر جو مطالعو | معمور يوسفاڻي | ١٥ |
| ۵. سر ڏهر-موضوع، مواد ۽ متن جي چند ڇاڻ | شيخ محمد اسماعيل | ٦٩ |
| ٦. ڪرا وڻ ڪنگار ڪي | محمد حسين ڪاشف | ٨٣ |
| ٧. سر ڏهر جو تاريخي پسمنظر | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | ٩١ |
| ٨. سر ڏهر جو مجموعي پيغام | علي احمد بروهي | ١٠١ |
| ٩. سر ڏهر جو علامتي مطالعو | ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو | ١١٥ |
| ١٠. سر ڏهر سڃاڻپ ۽ جو سڏ | ڊاڪٽر اسد جمال پلي | ١٣٧ |
| ١١. لاکو ڦلاڻي | حافظ ارشد انڍڙ | ١۴٧ |
| ١٢. شاهه جي ڪونج | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ١٦٥ |
| ١٣. سر ڏهر-تاريخ ۽ فلسفو | فقير محمد لاشاري | ١٧٧ |
| ١۴. سر ڏهر جا ماڳ مڪان | پريتم پياسي | ١٩٥ |
| ١٥. سر ڏهر جو هڪ جائزو | جوهر بروهي | ٢٠٧ |
| ١٦. سر ڏهر جي لغات | آفتاب ابڙو. | ٢١٩ |


Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻه اکر

ڀٽشاهه ثقافتي مرڪز جي هڪ صحتمند روايت مطابق گذريل سال شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ٢۴۴ سالانه عرس جي موقعي تي منعقد ٿيل 'ادبي ڪانفرنس' ۾ "سر ڏهر" بابت پڙهيل مقالا پيش ڪجن ٿا.

لطيف سائين جي محققن جي گڏيل راءِ آهي ته "سر ڏهر" شاهه جي رسالي جو مغز يا تت آهي. هن سر ۾ شاهه سائين وڏ ۾ وڏ موضوعن کي جاءِ ڏني آهي. جنهن ۾ سڄاڳي، ڏاڍي سان مهاڏو اٽڪائڻ، حالتن کان باخبر رهڻ، آئيندي جو اونو رکڻ، پنهنجي مقصد سان سچو رهڻ وغيره شامل آهن. انهيءَ ڪري اسان ڪوشش ڪئي آهي ته هن سر ۾ آيل سڀني موضوعن تي، لکيل مقالن کي هن ڪتاب ۾ جاءِ ڏيون. انڪان اڳ اها روايت پئي ته منتخب سر کان علاوه هڪ اڌ ٻئي موضوع کي ٻه سر واري مجموعي ۾ شامل ڪيو ويندو هو، پر اسان صرف هڪ ئي سر تي آيل مقالن کي گڏ ڪيو آهي. باقي جيڪي ٻيا موضوع آهن، انهن تي الڳ ڪتاب ڇپائڻ جو ارادو اٿئون.

ان ڳالهه کي اسان جا اديب حضرات چڱي طرح محسوس ڪندا هوندا ته "لطيف ادبي ڪانفرنس" کي جنهن سنجيدگيءَ سان ٿيڻ گهرجي. اهو ڪجهه عرصي کان باوجود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوشش جي انتي پوري طرح عمل نہ ٿي سگھيو ۽ اديب حضرات جيڪي وڏي تعداد ۾ محنت، محبت ۽ عقيدت سان مقالا تيار ڪري ايندا هئا، انهن ڪي سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ ممڪن نہ هيو، انڪري فطري طور اديب دوستن بہ بددليءَ جو اظهار پئي ڪيو. هن سال اسان 'لطيف ادبي ڪانفرنس' کي مڪمل مقصد ۽ گھربل سنجيده ماحول مطابق منعقد ڪري رهيا آهيون.

لطيف سائين جي ٢٠٠ سالہ جشن ولادت جي نسبت سان، اسان هن سال ميلي جي موقعي تي هن ڪتاب سان گڏ، شاه سائين بابت اهم ۽ نادر ڪتاب 'لطيفي سئر' 'شاهاڻوشاه' شاه جي رسالي جو "آڳاٽو قلمي نسخو"، 'آڳاٽو قلمي نسخو جديد صورتخطي ۾، پيش ڪري رهيا آهيون.

ڪراچي

٧- سيپٽمبر ١٩٨٩

**مهتاب اڪبر راشدي**

سيڪريٽري،

ڀٽشاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مرتب پاران

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ کي سنڌ سان سچي سڪ ۽ اڻ ميو پيار هو. ان جو چٽو ثبوت سندن ڪلام آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنڌ جي مختلف حصن ۾ وڃي سانگيئڙن جا سُور معلوم ڪيا. جو تہ ڏوٿيئڙن جا ڏک هن جا پنهنجا ڏک ٿي سمجهيا.

ڏاهن هن دنيا کي دارالمحن يعني ڏکن جو گهر سڏيو. انسان جي زندگيءَ ۾ سُک ٿورا پر ڏک گهڻا آهن. شاه صاحب انساني زندگيءَ جي ترجماني ڪندي، خاص طور سنڌ ۽ سنڌ واسين جي سُورن جي ڪهاڻي ور ور ڪري بيان ڪئي آهي. جو تہ سونهاري سنڌ سدائين ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ رهي آهي. ڌارين جون ڪاهون، پنهنجن جون بي وفائيون، ظلم ۽ زيادتيون سنڌ جي تاريخ اهڙن واقعن سان ڀريل آهي.

شاه صاحب جو هڪ حساس ۽ درد مند دل وارو انسان هو. هڪ وستي جيڪا واپار جو مرڪز هئي. ماڻهو سکيا ستابا هئا، پر اها وستي جڏهن ويران ٿي وڃي ٿي تہ شاه صاحب کي سخت صدمو رسي ٿو. جتان وڻجارا ٻيڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاهي. پري پري هليا ويندا هئا. وڏي رونق هوندي هئي. اتي اڄ ڪا پهر نظر نہ ٿي اچي. رڳو اڪ ۽ ڪنڊا بيٺا آهن. شاهہ صاحب ڪنڊي سان مخاطب ٿي، ڪانئس ڏور ڏٺين جون خبرون پڇي ٿو. تہ اي ڪنڊا! هن وستيءَ جو تو اوج ڏٺو، پر هينئر جڏهن اها اجڙي وئي تہ توتي ڪو اثر ڪونہ ٿيو. وڇڙي وڃڻ وارن جو توکي ڪو افسوس ارمان ڪونہ آهي! ڪيڏو نہ ڪٺور آهين، جو اجا سائو آهين، مجر پيو ڪرين، حيف هجيئي.تون تہ هن صدمي کان ڪري جهري، پري وڃين ها!

انسان ۽ انساني آباديءَ سان محبت جو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ثبوت ملي سگهي ٿو. ان قسم جو مضمون عربي شاعريءَ ۾ پڻ نظر اچي ٿو. ڪن شاعرن وستي ويران ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پر فرق هيءُ آهي تہ شاهہ صاحب کي انسان ذات سان محبت آهي، پر عرب شاعرن پنهنجي ڪنهن خاص محبوبہ جي محبت سبب افسوس ۽ ارمان ڪيو آهي.

هن سُر ۾ ڪونجن جي ذڪر ذريعي فراق ۽ قورڙائي جو مضمون آندو ويو آهي. ڪا ڪونج وڳر کان وڇڙي ٿي تہ پني ڪُوڪون ڪري، انهن پريت وندن پرديسي پکيئڙن جو ماري شڪار ڪن ٿا اهي ظالم وڳر ۾ وڇوڙا وجهن ٿا. تنهنڪري شاهہ صاحب انهن کي پاراتو ڏنو آهي تہ اي ماري شل مري مات ٿئين تنهنجي شڪار جا سڀ سامان سڙي وڃن.

ماري! مرين شال! ڏَٻ وڃين ئي ڏِٻيون،
جيئن تو اچي ڪال، وڌو وچ وِرهن ۾.

ڪٿي ڪا ڪونج لنوي ٿي تہ سندس چاڪ چڪجي پون ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مَ لنؤ ڪونجي! ماٺ ڪر، چور مَ هڻنئين چاڪ،
ڦٽيون جي فراق، سي گهر گهاريندين ڪيترو.

هن سر جي، جيئن ته شاه صاحب شروعات ئي درد پيرئي نموني ڪئي آهي، تنهن ڪري بار بار فراق ۽ ڦوڙائي جو ذڪر ڪري ٿو. سسئي جا سور شاه صاحب پنجن سُرن ۾ بيان ڪيا آهن، پر ڏهر ۾ ڏک اوريندي وري سسئي کي ياد ڪري فراق ۽ ڦوڙائي جو ذڪر ڪيو اٿن. فرمائين ٿا:

نيڻ نهاري منهنجا، روئي رت ٿيا،
جي هٿان هوت ويا، سي اچن ته آجي ٿيان!

هڪ وائي ۾ فرمايو اٿن:

هوتن جي هيڪاند کي، آءٌ روئان راتو ڏينهن،
ڇيڙي وڏيس ڇپرين، ڀاروچالي نينهن،
مون کي پرين ميڙئين، روجهڙيون ميڙئين مينهن.

صرف سسئي جي سُورن سان فرق ۽ ڦوڙائي وارو مضمون ڪٿي ٿو مڪمل ٿي سگهي، ڪين لِيلا جي زباني فرمائين ٿا!

ڪرڪو ڀيرو ڪانڌ! مون نماڻيءَ جي نجهري،
پرين تنهنجي پاند، ڀولا ڀي ڪي آهيان.

جڏهن ڏکن جي ڳاله ٿئي، وستيءَ جي ويرانيءَ جو ذڪر نڪري، ته جهوڪ ڪيئن نه ياد ايندو! جتي شاه عنايت ۽ سندس مريدن سبب وڏي رونق هئي، پر جڏهن ظالمن قرآن وچ ۾ ڏيئي دوکو ڪري، شاه عنايت کي شهيد ڪيو ته اهو دردناڪ داستان ڪٿي وسري سگهي ٿو! اهوئي سبب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي جو شاهه صاحب بي اختيار چئي ڏنو ته:

جهڄان پسنو جهوڪَ، آيل سنگهارن جي

وري جڏهن ڪا چو ويران ٿي وڃي ٿو، ڏڪار جا ڏينهن اچي وڃن ٿا ته سنگهار اتان لڏي وڃن ٿا ته چڻ ڪاڇي ۾ ڪُوڪ پئجي وڃي ٿي:

ڪاڇي پئي ڪُوڪ، سچ ڪِ سنگهارن لڏئو

شاهه صاحب کي اوڏن سان الفت آهي، هو پورهيت آهن. هو اڏين ٿا پر ڊاهين ڪونه ٿا. جڏهن هو لڏين ٿا ته شاهه صاحب کي انهن جي وڃڻ جو ارمان ٿئي ٿو. چڻ سندن دل مان دانهن نڪري ٿي.

چنل چڃ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،
پورهئي ڪارڻ پيٽ جي، اٿن سوارا،
اوڏ بہ ويچارا، وڃن لاڪا لڏئو!

انسان جو هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ وڃڻ واريون ڳالهيون ڪندي، شاهه صاحب انسان جي مختصر زندگيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، ته هو بہ هيءُ فاني جڳ ڇڏي، بقا واري بستيءَ ڏانهن راهي ٿئي ٿو. اها لڏ پلاڻ جاري آهي. هيءَ اڏڻ جي نہ پر لڏڻ جي جاءِ آهي. شاهه صاحب کهڙو نہ سهڻو فرمايو آهي:

ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙه مقام ۾،
سندو واريءَ ڪوٽ، اڏيو اڏبو ڪيترو!

هيءَ هڪ فطري ڳالهه آهي تہ ڏکِ ۽ مصيبت جي مهل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻانهو پنهنجي پروردگار کي ياد ڪري ٿو ۽ ان کان نئي دعائون گهري ٿو. مثال لاءِ هڪڙو بيت پيش ڪجي ٿو. ٿورڙن لفظن ۾ ڪهڙي نه سهڻي دعا گهري وئي آهي:

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجھ بہ اوڏيائي مڱان،
ري ٿـنيين، ري ٿوڻين، تون ڇپر، تون ڇانءُ،
ڪڄاڙو ڪهانءُ، توکي معلوم سڀ ڪا!

ان اوکيءَ گهڙيءَ ۾ ڪائنات جو ڪارڻي، محبوب خدا مدني منٺار ڪيئن نہ ياد ايندو. جيڪو رحمتہ العامين آهي، جنهن جي مبارڪ نالي وٺڻ سان سوين سُور هڪ لمحي ۾ لهي وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو شاهہ صاحب مديني جي مير کي سڪ مان سڏڙا ڪيا آهن:

مديني جا مير، سڻ منهنجا سڏڙا،
سَرَڻِ تنهنجي سير، تون پار لنگهائين پيڙا.

سُر ڏهر ۾ شاهہ صاحب ڪن تاريخي ڪردارن، ماڳن ۾ مڪانن جو ذڪر ڪندي، وطن ۽ وطن وارن سان محبت، فراق ۽ ڦوڙائي جي ڪيفيت بيان ڪندي، دنيا جي ثباتيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هيءَ زندگي مختصر آهي. اها ڪهڙي ريت سجائي ٿي سگهي ٿي. ان لاءِ شاهہ صاحب ڪي پنڌ پيچرا ڏسيا آهن، جن تي هلي انسان ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو.

هن سُر ۾ هردم هوشيار ۽ خبردار رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. مَچُ سست، بي خبر ۽ مغرور رهيو. جڏهن واهڙ ۾ وَهُ هو، تڏهن موٽڻ جي ڪانہ ڪيائين تہ ان جو نتيجو ڀوڳيائين. هيءَ حياتي الله تعالي جي طرفان هڪ وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نعمت ۽ امانت آهي. ان جو هرهڪ پَلُ اَمُله آهي. وريتيءَ جو اهو فرض آهي ته ورَ ۽ ڪر ۾ فرق سمجهي، عقلمند انسان لاءِ اهو ضروري آهي ته هُو ڪير ۽ ڦيڻ، ڪَڻِ ۽ تُهَ ڪي هڪ نه سمجهي. سچ ۽ ڪوڙ، اصل ۽ نقل، ڪريِ ۽ ڪوٽي کي جنهن نه سڃاتو ته ان جو جيڻ اجايو آهي. سُهڻ ساڙو آهي. ننڊ نياڳي آهي، جيڪو سُتو، سو مُئو، جيڪو جاڳيو، سو ڀاڳيو. سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي حاصل ٿي نه ٿو سگهي. مانجهاندي جي ماڳ کي ساڃهه سمجهڻ سراسر ناداني آهي. هَر سُرَ وانگر سُر ڏهر پڻ سچو سون آهي. هر بيت موتين ڪان مهانگو آهي. پر مون کي هن سُر جي هڪ بيت تمام گهڻو متاثر ڪيو. اهوئي هن سُر جو مجموعي پيغام آهي. انسان جيڪڏهن شاه سائين جي هن بيت تي عمل ڪري، ته سندس زندگي سڄائي ٿي پوي ۽ پنهنجي مقصد جا موتي ميڙي پنهي جهانن ۾ مالا مال ٿي وڃي. اهو بيت آهي:

سُتي نه سرندياءِ، ڪر پچار پرين جي،
وهامي ويندياءِ، گهڻا هٽندين هٿڙا!

هن ڪتاب جي ترتيب ڏيڻ وقت نه صرف معياري مضمونن جي چونڊ ڪئي وئي آهي، پر موضوع جهڙوڪ سر ڏهر جا ڪردار، سر ۾ آيل ماڳ مڪان، سر جو مجموعي تاثر، سر ۾ آيل انوکن لفظن جي لغات اهڙي تسلسل سان رکيا ويا آهن، جو پڙهندڙ هر لحاظ کان حظ حاصل ڪندو. اميد ته شاه شناس هن مقالن جي مجموعي مان پورو لاڀ حاصل ڪندا.

ڊاڪٽر نواز علي شوق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ڏاهر جو مطالعو

معمور يوسفاڻي

ڏاهر لفظ جي معنيٰ آهي، سڌ سما يا ڏس پتو ڏيڻ وارو. هي لفظ بنيادي طرح 'ڏاهه' لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي خبرچار، اهڃاڻ، ڏس، پتو، سڌ سما وغيره. لسانياتي پيچ گهڙ موجب 'ڏاهه' جي پوئتان اَر حرف ملائڻ سان (ڏاهه ار) ڏاهر لفظ ٺهيو آهي، جيڪو مشهور سنڌي نالو آهي، جيڪو قديم سنڌي نالو آهي جيڪو قديم دور کان سنڌ جون قومون پنهنجي اولاد تي رکنديون آهن.

شاهه صاحب جي رسالي جو موجوده سر پڻ انهي معنوي دائري ۾ اچي وڃي ٿو. جنهن ۾ سنڌ جي قديم تاريخ جا ڪافي ڏس پتا موجود آهن.

هن سُر جو نالو: شاهه صاحب جي ڇاپي رسالن کي سامهون رکي، جيڪڏهن هن سر جي نالي جو جائزو وٺبو ته ١٨٦٦ع ۾ ڇپيل ۽ سڀ کان پهرئين ڇاپي ۾ اسان کي هن سر جونالو ڏاهرلکيل نظر ايندو، جيڪو ڊاڪٽر 'ارنيسٽ ٽرمپ' جرمني جي لپسيا شهر مان ڇپايو هو.

ڊاڪٽر ٽرمپ جي ترتيب ڏنل ڇاپي کان ساڳئي سال جي آخر ۽ ١٨٦٧ع جي شروع ۾ پهريون بمبئي ڇاپو ظاهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيو ۽ ٻيو ڇاپو ١٨٧٦ع ۾ ڇپيو ۽ ٽيون ڇاپو ١٣٠٣ھ مطابق ١٨٨٦ع ۾ شايع ٿيو. ٽنهي رسالن ۾ سرود ڏاهر يا 'سر ڏاهر' لکيل آهي.

١٨٨٦ع بعد ١٨٨٩ع ۾ چوٿون ڇاپو آيو ۽ ان کان پوءِ پنجون ڇاپو ١٨٩٢ع ۾ پڌرو ٿيو. انهن ٻنهي ڇاپن ۾ سر جو نالو سر ڏاهر لکيل آهي.

١٨٩٢ع کان پوءِ ڇهون ڇاپو ١٨٩٩ع ۾ اشاعت هيٺ آيو ۽ ستون ڇاپو ١٩١١ع ۾ ظاهر ٿيو ۽ اٺون ڇاپو ١٩٢١ع ۾ پڌرو ٿيو. ٽن سيني رسالن ۾ پڻ سر ڏاهر لکيل آهي.

بمبئي جا ٻه ايڊيشن مس ظاهر ٿيا ته قاضي احمد جو منتخب ڪيل مختصر رسالو ظاهر ٿيو ۽ ان رسالي ۾ سر ڏاهر لکيل آهي.

انهي وچ ۾ ٻيا به ڪافي نسخا ميدان تي آيا آهن، جن ۾ پڻ سر ڏاهر لکيل آهي.

١٩٢١ع ۾ مولوي محمد ابراهيم بختيارپوريءَ جو مرتب ڪيل ۽ عبدالله سومري جو ڪتابت ڪيل رسالو وجود ۾ آيو ۽ ان کان اڳ ١٩١٣ع ۾ مرزا قليچ جو ترتيب ڏنل رسالو شايع ٿيو ۽ ويجهي دور ۾ خان بهادر محمد صديق ميمڻ ۽ محمد عثمان ڏيپلائي جا رسالا پڻ ميدان ۾ آيا. جن سيني رسالن ۾ سر ڏاهر لکيل آهي.

ڳاڻيٽي جي حساب کان اٺ بمبئي ڇاپا، نائون ڊاڪٽر ٽرمپ وارو نسخو، ڏهون چوويهن سٽن وارو قديم ڇاپو، يارهون مولانا بختيارپوريءَ وارو نسخو، ٻارهون برٽش ميوزيم وارو نسخو، تيرهون قاضي احمد وارو منتخب، چوڏهون مرزا قليچ بيگ وارو ڇاپو، پندرهون خانبهادر محمد صديق وارو ڇاپو ۽ سورهون محمد عثمان ڏيپلائيءَ وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۱۹۵۱ع وارو ڇاپو، اهڙا ڇاپا آهن، جن سڀني ۾ سر ڏاهر لکيل آهي.

ٻنهي طرف ڇاپي رسالن مان فقط ائن رسالن ۾ سر ڏهر لکيل آهي، جن مان فقط تارا چند شوقيرام وارو رسالو ۱۹۰۰ع جو ڇپيل آهي، باقي سڀ رسالا ۱۹۵۰ع ۽ ان کان پوءِ واري ويجهي دور جا ڇپيل آهن. انهي حساب سان قديم رسالن ۽ گهڻن رسالن کي ترجيح ڏيئي ۽ هن سر کي سر ڏهر نه بلڪ سر ڏاهر سڏبو.

## ڏاهر ۽ ڏهر جو لاڳاپو:

لسانيات جي دائري ۾ ٻنهي لفظن جو جائزو ونبو ته ڏهر لفظ، ڏاهر جو مخفف (انديوکيل) ڏسڻ ۾ ايندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏاهر سان هم وزن ڪئين لفظ ملن ٿا، جن جا مخفف پڻ ڏهر جهڙا ٿين ٿا، جنين واهر مان وهر ۽ ٿاهر مان ٿهر لفظ جڙيا آهن. اهڙي طرح ساڳي دائري ۾ لوهار مان لوهر، ميهار مان ميهر، ڏاتار مان ڏاتر لفظ ٺهيا آهن. اسان وٽ اڄ به ڏاهري قوم جي ماڻهن کي عام طرح ڏهري سڏيو وڃي ٿو.

## ڏهر نالي جو ڪارڻ

شاه صاحب هن سر ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي جنهن ڌرتيءَ جا اهڃاڻ پيش ڪيا آهن. اها ڌرتي قديم دور ۾ مشهور سمي سردار 'ڄام ڏاهر' ۽ ان جي وڏن جي آباد ڪيل ٻوڻ هئي، جنهن ۾ ڄام ڏاهر جي خاندان جي مشهور شخصيتن جي نالن سان منسوب ڪيترائي آثار موجود آهن جيئن 'هبو'، 'لوٽو'، 'ڪيرو'، 'ڪريڙ'، وغيره جيڪي قديم دور ۾ سڀني سنڌ ۾ شامل هئا ۽ پوءِ مختلف دورن

۾ ٿـنـدا ويا آهن اجا بہ انهن علائقن تي سنڌ جو اثر غالب آهي. اهوهيئن جو اڄ بہ انهن علائقن جوماڻهو جيڪر ڪڇ جي ڏاڪڻين حصي ۾ ويندو تہ اتي جا ماڻهو چوندا تہ فلاڻو سنڌ کان آيو آهي.

جيئن تہ ڄام ڏاهر کي بہ سنڌ توڙي ڪڇ جا ماڻهو ڄام ڏهر ڪوٺيندا هئا. ان ڪري جڏهن ڄام ڏاهر، وٽ واري سهٽي علائقي ۾ پنهنجي نالي سان شهر ٻڌايو تہ اهو شهر بہ ڄام ڏهر جو شهر سڏجڻ ۾ آيو۽ گهٽي وقت کان پوءِ ان شهر کي ماڻهن فقط ڏهر ڪوٺيو، جنهن جا آثار ڏيپلي تعلقي جي ٻلهياري ۽ راحمڪي بازار شهرن جي وچ تي موجود آهن، جتان انهي دور ۾، ڍورو دريا جو وڏو وهڪرو وهندو هو ۽ اهو شهر تمام آباد هو، جيڪو هڪ طرف دريائن سان ۽ ٻئي طرف 'ڪوڙيءَ جي نار' (ڪوريءَ جي نار) سان ڳنڍيل هو.

ڄام ڏاهر يا ڏهر جي راڄڌاني ٿرپارڪر ضلعي جي ننگر پارڪر، مٺي ۽ ڏيپلي تعلقن ۽ ڏگهڙي تعلقي جي ڏاکڻين حصي ۽ بدين ضلعي جي ٽنڊي باگي، بدين ۽ گولاڙچي تعلقن ۽ ڪڇ جي لکپت، سنڌڙي ڪريڪ، ٻني، ٻيلي ۽ ٻين قريبي ٻيٽن واري ايراضي تي مشتمل هئي، جتي اڄ بہ سندس قوم جا ماڻهو ۽ خاندان جا فرد آباد آهن.

نوٽ: لوئر سنڌ ۽ ڪڇ جي ايراضي ۾ بہ ڄام ڏاهر جي راڄڌاني واري ايراضي جنهن ۾ ٿرپارڪر ۽ بدين ضلعن جي ڪجهہ ايراضي، ڪڇ جو رڻ ، رڻ جي ڪنڌيءَ جي ڏکڻ طرف ڪڇ جي ٻيٽن واري ايراضي.

ٿرپارڪر ۽ بدين ضلعن واري ايراضيءَ تي هن خاندان جي سپوٽ شخص ڄام جسوڏڻ مهراڻي جي حڪومت رهي، جيڪا پارينگر کان وٺي پٽيهل تائين رهي. جنهن ۾ پٽيهل جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪناري جسوڏڻ جي وڏن جو آباد ڪيل شهر آڳڙي هو. جنهن جا ڪنڊر اڄ بہ موجود آهن.

'آڳڙي' شهر انهي ڪري مشهور ٿيو، جو جسوڏڻ جا وڏا، لوهارڪو ڪم ڪندا هئا، جنهن ۾ بہ، ترارين ناهڻ سندن خاص پيشو هو ۽ انهيءَ پيشي جي ڪري اُهي 'آڳڙيا' سڏبا هئا.

شاه صاحب سر جمن ڪلياڻ ۾ آڳڙين جو ذڪر بہ ڪيو آهي جيئن فرمائي ٿو تہ:

اُڄ آڳڙيا آئيا، سوڏا سراڻي
پياري پاڻي، 'تيغون' ڪندا تکيون.

اڄ آڳڙيا آئيا، سائو ڪي سچاڻ
لاهيندا مورياڻ، رک ڪريندا پڌرو.

ڪٽ ڪڙهي، لوهہ ٻري، ڏوڏا جت ڏڳن
مطرقن منهن ڪيڏيا، سانڌاڻيون سهڪن
اڄ پڻ آڳڙين، ميڙو آهي مچ تي.

قديم دور ۾ آڳڙيا انهن لوهارن کي چئبو هو، جيڪي تلوارن ناهڻ جو ڪم ڪندا هئا. آڳڙيو لفظ آڳ-ڙيو مان ٺهيل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي تہ آڳ سان ڪيڏيندڙ يا آڳ تي ڪم ڪرڻ وارو، جيڪو اڳتي هلي آڳڙيو ۽ پوءِ آگريو ۽ آگرو بنجي ويو، جيڪو اڄ بہ استعمال ۾ آهي. هن وقت سنڌ ۾ جيڪي آگريا، آگرا ۽ اگرا ذات جا خاندان موجود آهن، اهي سڀ اصل ۾ جسوڏڻ مهڙاڻي جي خاندان مان آهن.

جسوڏڻ مهڙاڻيءَ کي ڪن مؤرخن جسوڏڻ آگريو پڻ ڪوٺيو ۽ ڪيترن ليکڪن وري جسوڏڻ مهڙاڻي کي جدا شخصيت قرار ڏنو آهي. اصل ۾ جسوڏڻ اهو هڪ ئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهراڻي سندس پاڙو هو ۽ آڪريو (اڪڙيه) سندس وڏن جو شو هو.
جسو ڏڻ کي شاه صاحب سر ڏهر ۾ هيئين طرح ياد ڪيو آهي.

١. 'ڪنڊا' تون ڪيڏو، جڏهن پريو 'ڏور' وهي
جسو ڏڻ جيڏو، تو ڪو گڏيو پهيڙو

٢. 'ڏور' نه اڳين ڏار، مهند 'ملاحن' لکيو
موڙي ڇوڙيئون مڪڙا، پسي پاڻي پار
جسوڏڻ جهڙا يار، پيا ويرو ماس ۾

٣. جڏهن 'ڏاڪي' ڏور، هني وهن هلهيار ۾
تڏهن تازئين طور، هئي جسوڏڻ سين

٤. جسو ڏڻ يارن، ڪٽي ڇني ڇڏيو
رنو اڪڙين، جڏهن قوڙايو سچٽين.

٥. پنيهل ڇني پرين کي ساري آئون سڪو
آهم اولاڪو، جسوڏڻ جو جان ۾.

مٿي ڏنل شاه صاحب جي پنجن بيتن مان جسوڏڻ جي تاريخ آسانيءَ سان ملي سگهي ٿي، جن مان هڪ بيت (٢) ۾ آهي ته جڏهن جسوڏڻ جي دور ۾ ڏاڪي ۽ ڏور ۾ وهڪرو هلهيارجي ايراضي ڪان وهندا هئا. تڏهن جسوڏڻ وٽ تازئين گهوڙيون بيشمار هيون، پرجڏهن پاڻي سڪي ۽ گهٽجي ويو ته ملڪ پڙپانگ بنجي ويو؛ نه رکو 'ڏاڪي' سڪي ويا پر پنيهل به سڪي ويو.
پر هڪ ڳاله مٿي جيڪا جسوڏڻ جي عظمت ظاهر ڪري ٿي. اها هي مني ته ايڏي وڏي آفت جي اچڻ بعد به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهو انهيءَ ملڪ ۾ وينا رهيا. پر جڏهن حالتون برداشت کان نڪري ويون تڏهن هو جسوڏڻ کان موڪلائي روئي روانا ٿيا ۽ رواني ٿيڻ کان پهرين ان کان موڪل گهرڻ لڳا ۽ رضا معلوم ڪرڻ لڳا. جنهن لاءِ لطيف سائين به شاهدي ڏني آهي ته.

ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا، سانگهه سڪو ساهه
مهڙاڻيءَ وٿان، رويو ماڃ رضا گهري.

جسوڏڻ کي نرينو اولاد ڪونه هو. ڪيس فقط به ڌيئرون سهڻي ۽ سانجهي نالن سان هيون. جيڪي ڄام انڙ ولد سمي ولد راءِ راڏڻ جي پٽن ڄام هوتي ۽ ڄام جکري جي نڪاح ۾ آيون. ڄام هوتيءَ کي سهڻيءَ جي پيٽ مان ڄام ابڙو، ڄام جوڻو ۽ ڄام ڪيبر ٿيا ۽ جکري کي سانجهيءَ جي پيٽان ساند ۽ ٿيٻو نالي ٻه پٽ ٿيا، جن ڄام جسوڏڻ بعد پنهنجي ناني جي راڄڌاني سنڀالي ۽ وڏا ناليوارا شخص ٿيا.

جسوڏڻ جي ڏوهٽن کان پوءِ هن خاندان ۾ ڄام هبو ولد ڄام انڙ ولد ڄام ٿيٻو ولد ڄام انڙ ولد ڄام سمون ولد راءِ راڏڻ ناليوارو حاڪم ٿيو، جنهن سنڌ جي موجوده حدن کان اڳتي هنيءَ واري ايراضي تائين پنهنجو ملڪ وڌايائين، جتي سندس نالي سان هبو نالي 'پٽ' ۽ هبو جبل' پڻ مشهور ٿيا ۽ اڃا تائين انهي ايراضيءَ ۾ هبو نالي سان ڳوٺ به موجود آهي.

شاهه صاحب سر ڏاهر جي هڪ بيت ۾ هبي جبل کي پڻ ياد فرمايو آهي ته:

لاکو لوڌي آئيو، هبي پيني هاڪ
پاندر پهري ڪانه ڪا، ڏونگر پيني ڏاڪ
انيون ۽ عراق، گڏيا ته گنون ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڄام هپي کي ٻہ پٽ هڪ سمون ۽ ٻيو ڪيريو ٿيا. جن مان ڪيريو وڏيڪ سپوت ٿيو. جنهن جي نالي سان ٻني جي ڪناري ڪيرو نالي جبل مشهور آهي جنهن سان مخاطب ٿيندي ڪنهن شاعر هيئن ٻہ فرمايو آهي تہ:

'ڪيرا' تون نيرو ٿئين، تنهنجي ٻني ڇڏي ٻهڪ،

ڄام ڪيريي کان پوءِ ڄام جوڄهي ولد سمي ولد هپي جو راڄ شروع ٿيو، جيڪو پڻ پنهنجي دور جي يادگار شخصيت هو. جنهن کان پوءِ سندس پٽ ڄام ڏاهر ساماڻو، جنهن جو اثر اڳوڻن سڀني سردارن کان اڳرو رهيو، جنهن ٻلهيار واري ايراضيءَ ۾ ڀڳور جي وڏي وهڪري تي هڪ وڏو ۽ نئون شهر آباد ڪرايو، جنهن جو نالو اڳتي هلي 'ڏهر' مشهور ٿي ويو ۽ هنڌين ماڳين ڏاهر جي تعريف ٿيڻ لڳي. جڏهن شاه صاحب پنهنجي دور ۾ انهيءَ ايراضيءَ ۾ آيو ۽ سمن سردارن جا يادگار ڏٺائين تہ انهن کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ آثارن واري ايراضي ۽ سردارن کي ڳائيندي، ان سر جو نالو ئي ڪٽي 'سر ڏاهر' رکيائين. جنهن کي پوئين دور جي مرتبن سر ڏهر لکيو آهي.

ڄام ڏاهر سنڌ توڙي ڪڇ ۾ مشهور هو، ڪائنس پوءِ سندس پٽ ڄام 'ڀيڻن سي' وڏو درويش ۽ فقير ٿي گذريو آهي ۽ ڪيس هزارين مريد هئا، ان ڪري هو پنهنجي ئي دور ۾ 'ڄام ڀيڻن سي' سڏجڻ بدران 'پير ڀيڻن سي' سڏجڻ لڳو ۽ ڪلهوڙا دور جي مشهور عالم، علامہ ابوالحسن ڏاهريءَ بہ سنڌ جي نسب نامي ۾ ڪيس 'پير ڀينن سي' ڪري لکيو آهي. پير 'ڀيڻن سي' کي ۹ پٽ ٿيا، جن جو اولاد سنڌ جي مختلف علائقن ۾ آباد آهي ۽ ڪجھ خاندان ڪڇ طرف هليو ويو ۽ اتي بہ مختلف ماڳن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي رهندڙ آهي.

## رسالن جي ترتيب ۾ سر ڏاهر جو نمبر:

سيني ڇاپي رسالن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو ٿو معلوم ٿئي ته رسالن جي سروار ترتيب ۾، سر ڏاهر جو نمبر ساڳيو نه آهي. ڪن رسالن ۾ ١٧ نمبر، ڪن ۾ ٢٢ نمبر، ڪن ۾ ٢٣ نمبر، ڪن ۾ ٢۴ نمبر، ڪن ۾ ٢۵ نمبر ته ڪٿي وري ٢٩ نمبر ۾ آيل آهي، پر سراسري طرح يا اڪثريت وٽ گهڻو ڪري هيءَ سر ٢۴ نمبر تي آهي.

## فصلن جو تعداد:

ڇاپي رسالن ۾، هڪ رسالي ڪانسواءِ ٻين رسالن ۾ فصلن جو تعداد چار آهي جن ۾ بيتن جو تعداد هڪجهڙو نه آهي.

## بيتن جو تعداد

ڇاپي رسالن جي حساب سان ڪن رسالن ۾ بيتن جو تعداد ١٦٢ آهي، ته ڪن ۾ ١٦١ آهي، ته ڪن ۾ ١٠١ آهي، ته ڪن ۾ ١۵٠ آهي، ته ڪن ۾ ١۴٧ آهي، ته ڪنهن ۾ ١١۵ آهي، ته ڪن ۾ ١١٢ آهي، ته ڪن ۾ ١٠٩ آهي، ته ڪن ۾ ١٠٦ آهي، ته ڪنهن ۾ ٩٨ آهي، ته ڪنهن ۾ وري ٧١ آهي.

تنهي ليکي هينئن چئي سگهجي ٿو ته رسالن ۾ آيل بيتن جو وڌ ۾ وڌ تعداد ١٦٢ آهي. گهٽ ۾ گهٽ تعداد ٧١ آهي.

## سر ۾ آيل ڏاريان بيت:

مختلف رسالن ۾ جيڪر بيتن جو جائزو وٺبو ته انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ڪجهه ڏاريون ڪلام به نظر ايندو، جنهن جو تعداد گهٽ ڪونه آهي، البت چند بيت آهن. جيڪي ظاهر بيٺا آهن. جيئن مخدوم نوح جو مشهور بيت

پيئي جا پريات، سا ماڪ مَ پسو ماڙهوئا
روئي چڙي رات، ڏسي ڏڪوين کي.

البت شاهه صاحب جي ٻئن سرن جا چند بيت هن سر ۾ شامل ڪيا ويا آهن. انهن ۾ به سسئي پنهونءَ واري مضمون جا ڪافي بيت آهن. جن ۾ پنهون، هوت، ڪيچ، ڀنڀور وغيره جا نالا ظاهر پيا آهن.پوءِ به مرتبين اهي بيت هن سر ۾ الاجي ڇو رکيا آهن؟ علامه آءِ آءِ قاضي صاحب جهڙي سڃاڻ شخصيت به بيت جدا ڪيا پر وايون شامل ڪري ڇڏيائين، جن جو پڻ ساڳيو مضمون آهي.
اهڙي طرح غلام محمد شاهوالي وٽ ڏاريا بيت به آهن ته شاهه جي سر سسئي وارا بيت به آهن ته سسئي جي سر واريون ڏاريون وايون به ڪنيون اٿس. خان بهادر ميمڻ ته بمبئي ڇاپي جي هڪ ايڊيشن کي سامهون رکي رسالو ترتيب ڏنو. هن جو مقصد به اهو هوته بمبئي ڇاپو ئي شڪل ۾، وري ماڻهن جي سامهون اچي.
مطلب ته سڀني مرتبن وٽ صاف ڪم ڪونه آهي. ان ڪري اها دعويٰ ڪرڻ ته فلاڻي رسالو جو ڪلام نج شاهه جو ڪلام آهي. اها ڳالهه غلط ٿيندي.

## وايون:

اجتماعي طرح هن سر ۾ مرتبن جيڪي وايون ڪنيون آهن، انهن ۾ به اختلاف آهي. سڀني مرتبن وٽ واين جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعداد چار (۴) آهي، پر اهي چارئي وايون ساڳيون نہ آهن. ٽلهي ليکي هن سر ۾ آيل ڪل ست (۷) وايون آهن، جن مان ڪنهن کھڙيون چار ڪنيون آهن تہ ڪنهن کھڙيون. هن سر ۾ ڪم آيل واين جا ٽلہ هيٺين ريت آهن.

۱. لائي جا وِرَن ڪي، سا ڪانڌ منهنجي ڪورا.

۲. منهنجي ننڊ نہ نيٽين نيٽين، ڪالهون پوءِ لڪن ۾.

۳. مون سين هوت نہ ڪنڌڙا هيئن، ماءِ چام نہ ڪندڙا هيئن،
اللہ مون نہ ڇڏيندا ڇپرين!

۴. تون جو وڃين ڪيچ کھي، اي ادا ڏج پاراپو پرين کي.

۵. هي سڀ هلڻ هارا ڪونہ رهندو ڪو هت جيڏيون.

۶. ڪاهيين سان لاءِ، پوري ڪاهيين سان لاءِ

۷. پلئي لڳي آهيان، مون کي ڇپر تان نہ ڇڏيندا.

ڇاپي رسالن جي اڪثريت ۾ پهريون چار وايون آهن. باقي ڪن ٽورن ۾ واين جي تبديل آهي. جيئن:

| | | |
|---|---|---|
| بمبئي ڇاپو ۱۲۴۰ ھ وٽ | ۱، ۲، ۴، ۶، | آهن عدد ۴ |
| ڊاڪٽر ٽرمپ ـــــ وٽ | ۱، ۲، ۳، ۵ | آهن عدد ۴ |
| شاهوالي ـــــ وٽ | ۱، ۲، ۳، ۶، | آهن عدد ۴ |
| ڊاڪٽر بلوچ جي سسئي جي سرن کان شروع ٽينڊڙ رسالي ۾ | ۴، ۷، ۱، ۲ | آهن عدد ۴ |
| ڊاڪٽر بلوچ جي ڪلياڻ جي سر کان شروع ٽينڊڙ رسالي ۾ | ۱، ۲، ۳، | آهن عدد ۳ |
| برٽش ميوزم واري رسالي ۾ فقط ۲، نمبر | | آهي عدد ۱ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متني ذڪر ڪيل واين ۾ لفظن جو ٿورو گهڻو اختلاف آهي. جيئن ڪنهن لکيو آهي ته "منهنجي ننڊ نه نيٽين نيٽين" ته ڪنهن وري لکيو آهي ته "مون کي ننڊ نه نيٽين نيٽين" وغيره

مون پهرئين ذڪر ڪيو هو ته اڪثريت وٽ ۱، ۲، ۳، ۴ نمبر وايون استعمال ٿيل آهن. ان کا پوءِ ۵ نمبر وائي فقط ڊاڪٽر ٽرمپ وٽ آهي ۽ ۷ نمبر وائي، ڊاڪٽر بلوچ سسئي جي سر کان شروع ٿيندڙ رسالي واري ترتيب ۾ آهي. ٻئي ڪنهن به رسالي ۾ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي اچي.

## بيتن جون غلط لکڻيون

اسان جي بزرگ مرتبن شاه صاحب جي ٻين سرن وانگر هن سر جي ڪجھ بيتن کي پنهنجي خيال موجب لکي، ڏاڍائيءَ جو ثبوت ڏنو آهي.هتي آئون انهن بيتن جي نشاندهي ڪندس.

مولانا غلام مصطفي قاسمي صاحب سر ڏاهر جي چوٿين داستان ۾ صفحي ۵۹۷ تي ۱۴ نمبر بيت کي هيئن لکيو آهي:

آيون ڍور ڍري، اصل سندي آسري
ڪري هر پيون ڪري، پاڻا پير ڏکويا پڪٽين

علامه آءِ.آءِ قاضي صاحب انهي ساڳئي بيت جي ٻي مصرع هيئين لکي آهي:

"ڪڙي هَرَ پيون ڪري، پاڻان ڏکويا پکٽين"

صفحو ٦٥٩ بيت نمبر ۱۴

غلام محمد شاهواڻي ساڳئي بيت جي پوئين مصرع کي هيئين طرح لکيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ڪنيڙ ڀون ۽ ڪري، پاٽا پير ڏڪويا پڪٽين"
صفحو. ١٢٧ بيت نمبر ١٣

۽ هيٺ حاشيءَ ۾ ڪنيڙ جي معنيٰ لکي اٿس ڪنيڙاٽين، پرن ۽ ڪري جي معنيٰ لکي اٿس سخت، صحيح.

محمد عثمان ڏيپلائي، صاحب ٻنهي رسالن ۾، ٻي مصرع هينئن لکي آهي:

"ڪري هر ڀون ڪري، پاٽا پير ڏڪويا پڪٽين"
صفحو ١/٢٢٥ ۽ صفحو٢/ ٤٩٩.

اصل ۾ بمبئي ڇاپن ۾ پڻ پوئين مصرع ۾ 'ڪري هر' لفظ لکيو آهي ۽ ٽرمپ ڪنيڙ لکيو آهي. پوئين سڀني انهن پهرين رسالن جو نقل ڪيو آهي. اهو بيت دست نمونو ڊاڪٽر بلوچ جي سسئي جي سر واري ترتيب وار رسالي ۾ صحيح آهن. اتي هينئن آهي ته :

ڪريڙ ڀون ڪري، پاٽا پير ڏڪويا پڪٽين

ثابت اهو ٿيو ته سسئي جي سرن واري ترتيب، جيڪا رسالي جي سڀني ڪان پهرين ۽ اڳاٽي ترتيب آهي. تنهن ۾ اهو بيت درست هو. ان ڪان پوءِ وارن همراهن جن ڪلياڻ ڪان ترتيب شروع ڪئي آهي. انهن لفظ ڪريڙ ڪي نه سمجهندي 'ڪري هر ۽ ڪنيڙ' ڪري ڇڏيو آهي. ڪن رسالن ۾ اهو لفظ 'ڳنيهر' پڻ لکيو آهي.

پهرئين دور جي بزرگن تي ميارڪونه آهي. ڇو ته اهي عالم ۽ شاه صاحب جا شيدائي ته هئا، پر محقق ڪونه هئا. ميار آهي پوئين دور جي عالمن تي، جيڪي سڀئي محقق ۽ وڏا عالم هئا، جن ۾ اسان جو دوست ميمڻ عبدالمجيد صاحب به اچي ٿو،جنهن 'سر ڏهر' جي شرح لکي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اصل ۾ اسان سيني جي غفلت اها آهي، جو شاه صاحب جو ڪوبه سر مطالع ڪندي، اسين ان جي جاگرافيائي ماحول جو جائزو ڪونه ٿا وٺون. نه ته جيڪر ائين ڪونه ٿئي. ساڳئي سر ۾ ٻئي هڪڙي بيت ۾ به "ڪريڙ" جو لفظ آيل آهي. ان بيت ۾ به انهيءَ لفظ کي الاجي ڇا جو ڇا ڪري لکيو ويو آهي. اهو بيت صحيح شڪل ۾ هن طرح آهي:

هني مٿان هنڙا لاکو نه لاهي،
ڪريڙا ڪيل ڪريو اپوئي آهي،
وجيو سي ڪاهي، جي ڪيڙي هيٺ ڪنگهار جي.

ڪريڙ اصل ۾ رڻ ڪڇ جو مشهور هيٺ آهي، جيڪو ٻنيءَ ٻيلي جي وچ ۾ ظاهر بيٺو آهي، جنهن جو ذڪر رڻ ڪڇ واري ڪيس ۾ عبدالله چنا پڻ ڪيو آهي.

مذڪور بيتن کان سواءِ هن سر جا ٻيا به ڪجھ بيت آهن، جن کي عالمن بي توجهي سبب غلط ڪري ڇڏيو آهي. آئون هتي انهن جي صحيح شڪل پيش ڪريان ٿو. اميد ته لطيف جا شائق انهي کي رسالن ۾ درست ڪري پڙهندا.

٣. لاکو 'لوڻٽي' آئيو، 'هبي' پيئي هاڪ
'پاندر' ڦري ڪانه ڪا، ڏونگر پيئي ڏاڪ
ائيو ۽ عراق، گڏيا ته گنئون ٿيا.

٤. 'ٻنيءَ' ڀهڻ نه ڏي، 'جُهري' وينئي جهوڪ
'لوڻٽي' مٿان لوڪ، لاکي لڪ لڏائيا.

٥. پورين پانڌ ٿمن، جهڳر جهاڳي آئيون،
ڪاڇو مينهڙين، منڊائتو ماڻيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### هن سر جا مضمون ۽ موضوع:

هن سر جي چئني فصلن ۾، سر جا مضمون ۽ موضوع گڏيا پيا آهن. نه رڳو ايترو پر هن سر ۾ ڪي بيت پڻ اهڙا ملن ٿا جن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ مضمون ۽ موضوع موجود آهن. ان ڪري سر جي فصلن کي ڇڏي، سڄي سر جي مضمونن ۽ موضوعن جو خاڪو پيش ڪبو، جيڪو هيٺين طرح آهي:

**(١) جاگرافي:** هن سر جو وڏو مضمون جاگرافي آهي، جيڪو ٻين مضمونن سان گڏيل به آهي ته جدا به آهيءَ ان جا ڪيترا موضوع آهن، جن جو تفصيلي خاڪو جدا ايندو، هتي فقط عنوان يا موضوع لکندس ته جيئن جاگرافي جي مضمون جي وسعت معلوم ٿئي. هن مضمون جا وڏا ۽ خاص موضوع هيٺئن آهن.

الف. وهڪرا

ب. علائقا ۽ پٽ

ج. ٻيٽ ۽ جبل

د. ماڳ مڪان

ه. قومون ۽ ذاتيون

و. لوڙائو ۽ هاٽو

ز. ماري ۽ شڪاري

ح. پکي ۽ جانور

**(٢) تاريخ:** هن سر جو ٻيو وڏو مضمون تاريخ آهي، جنهن ۾ نائين ۽ ڏهين صدي عيسوي جي تاريخ جا جزا شامل آهن، جن ۾ مشهور سکر ۽ چگو مڙس جسودڻ، اڪڙيو، لاکو ڦلاڻي، پنرو بداماڻي خاص آهن، جن تي اڳتي بحث



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايندو.

**٣. مناجات ۽ دعا:** هن سر جي بيتن ۾ ٽيون ۽ اهم مضمون مناجات ۽ دعا آهن. جن ۾ الله پاڪ جي حضور ۾ ٻاڏايو ويو آهي ۽ مديني جي مير کي پڻ پڪاريو ويو آهي. جن تي وضاحت آخر ۾ ايندي.

**٤. غافل ۽ مغرور انسان کي چتاءُ ۽ ڏس:** هن مضمون ۾ بيت مختصر آهن، پر ان ۾ مطلب وسيع پيش ٿيل آهي. ان مضمون جي وضاحت بلڪل آخر ۾ پيش ڪبي.

**٥. شاعر جو ذاتي مشاهدو:** ڪڏهن ڪڏهن ڪي شاعر شين جو ذاتي مشاهدو ڪرڻ ۽ ڏسڻ کان پوءِ ان شي ڏانهن اشارا ڪن ٿا ۽ ان مان ڪو سبق به سيکارين ٿا. هن سر ۾، هڪڙي بيت اندر هڪ شاهدي ڏانهن اشارو ۽ ان مان سبق سيکاريل آهي، جيڪو بهترين سبق آهي. هاڻي مضمون وار عنوانن تي بحث ڪجي ٿو ۽ واقفيت ڏجي ٿي.

## سنڌ جا مشهور وهڪرا:

سر ڏاهر ۾ سنڌ جي ڇئن وهڪرن جو ذڪر آهي، جيڪي ڏهين صديءَ جي آخر تائين ڏاهر واري جاگرافيائي دائري ۾ وهندا هئا ۽ پوءِ آهستي آهستي سڪي ويا. ڏاهر واري ايراضي جا مکيه دريا هي هئا:

(١) ايرندو هاڪڙو:

هي دريا، سنڌو دريا کان بلڪل جدا، اتر ۾ هماليه جبلن مان نڪري، پنجاب بهاولپور، جيسلمير جي ايرندي ڪناري مان وهندو، ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڇوڙ اسٽيشن وٽان اوڀر ڏکڻ طرف مڙي، عمر ڪوٽ، ۽ ڇاڇري تعلقن جي ايراضي مان وهندو ننگرپارڪر تعلقي ۾، پاري ننگر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قريب، ساموندي ڪاري ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو هو، ٿرپارڪر واري ايراضي ۾ هن دريا جي ڪنارن تي ڪئين شهر آباد هئا، جيڪي سيني هيننر وري هيٺ اچي ويا آهن.

هڪ اندازي موجب 'ٻانهياري'، 'ساڪي جوٽر'، 'ٻانيڙياڻي' ۽ پوٽيو (ٻانيه) ويرادا ڏي وهڪري تي ۽ ڪافي شهر سندس ڇاڙن تي هئا.

جسوڏڻ مهڙاڻي جي وقت هي ننڍي ڍوري جي شڪل ۾ هو، جنهن کي سانگاهه سڏيندا هئا، جيڪو ڍورو ۽ نالو هن وقت به قائم آهن. لطيف سائين سندن ذڪر هيننن ڪيو آهي:

ڪنڌيين اڪ ٿلاريا، 'سانگهه' سڪو ساهه
مهڙاڻي وٽان، روپوراڄ رضا گهري.

(٢) ڍاڳي:

ڍاڳي قديم دور جي مشهور دريا، جنهن کي 'دامن دريا' ڪوٺيندا هئا، جي هڪ وڏي شاخ جو ناو هو، جيڪو ننين ڪوٽ واري ايراضيءَ مان ڏکڻ طرف ٻلهيار جي ايراضي ڏانهن وهندو هو: جيڪو موجود ٻلهيارجي شهر جي اوپر کان وهندو، ڪڇ جي رڻ ۾ داخل ٿيندو هو.

شاهه سائين سندس ذڪر 'ڍور' دريا سان گڏ هن طرح ڪيو آهي:

جڏهن 'ڍاڳي'، ڍور، ٻئي وهن ٻلهيار ۾
تڏهن تازڻين طور، هئي جسوڏڻ سين.

(٣) ڍور:

هن ا يراضيءَ جو ٽيون ۽ وڏو دريا 'ڍور' هو. جيڪو ونگي جي شهر وٽان ڏکڻ اوپر ڏانهن مڙيي، 'ڏهر' وٽان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وهي ڪڇ جي ايراضيءَ ۾ داخل ٿيندو هو. ڪڇ جا قريبي هيٺ هن دريا تي آباد ٿيندا هئا. سر ڏاهر ۾ هن دريا جو ذڪر اٽڪل ٻارهن بيتن ۾ آيل آهي، جن مان ٻه بيت هتي ڏجن ٿا.

'ڍورِ' نه اڱڻين ڍار، مهند ملاحن لکيو
موڏي ڇوڙيئون مڪڙا، پسي پاڻي پار
جسوڏڻ جهڙا يار، پيا ويرو ماس ۾.

سچ ڪ سڪو ڍورِ، ڪنڌيين اڪ ڦلاريا
جنگن ڇڏيو زورِ، سر سڪو، سونگي گيا.

(۴) پوراڻ:

هي درياءَ ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڪاهوءَ جي دڙي جي ڀر سان وهندو ڏکڻ ڏانهن وڃي ٿو هن وهڪري ۾ ور وڪڙ تمام گهڻا آهن، ان ڪري هن ندي تي پوراڻ يعني پورن واري ندي نالو مشهور ٿيو آهي. هن جي ڪنارن تي پراڻن شهرن جا تمام گهڻا ڪنڊر آهن، جن ۾ ڪاهوءَ جي دڙي ڪان پوءِ 'پوپرائي' 'آٻهارو'، 'دڙيلو'، 'منڌرا'، 'ٻرڙائي ڪوٽ'، 'ساموئي قديم'، 'جهڏو قديم'، 'ٻالائي ڪوٽ'، 'ٻنگار'، 'پيٺارو'، 'ڏوڏارو'، 'ونگو'، 'ڪيٽي'، 'پاتار'، 'علي بندر'، 'ڪيلڙي'، 'ٻانيڙا'، 'وڳه ڪوٽ'، 'ڪانجي ڪوٽ'، 'سنڌوڙي' ۽ 'لکپت' مشهور آهن.

هن دريا کي شاهه صاحب، سر ڏاهر ۾ اجهو هيئن ياد ڪيو آهي:

جهوني تون پوراڻ، جڳ ڄڻيه سنيرين
توکي ڏٺا هاڻ، لاکي جهڙا پهيڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن دريا کي لطيف سائين سر سارنگ ۾ بہ ياد فرمايو آهي. جيئن:

وٺا پٽ پوراڻ جا، وٺيون ساماري
ڪکر منجھ ڪاري، وڄن پسو ويس ڪيا.

(٥) پٺيهل:

پٺيهل لاڙ جو مشهور وهڪرو آهي، جيڪو بدين جي اولھ کان گولاڙچي تعلقي جي ايراضيءَ مان وهندو هو. هن وقت بہ ان جوڊور باقي آهي، جنهن جي ڪنارن تي ڪيترن ئي قديم شهرن جا ڪنڊر موجود آهن. هن ۾ 'اڳڙي' خاص آهي. جيڪو قديم دور ۾ اڳڙين سمن (اڳ تي ڪم ڪندڙ لوهارن) جو راڄ رهندڙ هو، جن مان جسوڏڻ اڳڙيو مشهور ٿيو، جنهن جي هنڌين ماڳين هوءَ پهتي. هن جي حڪومت نہ رڳو لاڙ ۾ ٿر ۾ هئي پر هو وچولي واري ايراضيءَ تي اثر انداز رهيو. شاھ صاحب هن وهڪري جو ذڪر، سر ڏاهر ۾ ٽن بيتن ۾ ڪيو آهي. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

١. سڪي ڊور ڊيون ٿيو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪائو،
پاڻيءَ پٺيهل ۾، اڳيون نہ آئو،
ماڻهن ميڙائو، ڪنين ڪنين پيٽيين.

٢. پٺيهل تو ۾ پور، اڳيون نہ آب جو
سڪين ڪهڙي سور، پيئي واري وچ ۾،

٣. پٺيهل چني، پرين ڪي ساري آئون سڪو
آهم اولڪو، جسوڏڻ جو جان ۾.

متين بيتن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ جڏهن ڊور دريا سڪي ويو هو، تڏهن پٺيهل جو پاڻي بہ ختم ٿي ويو هو.البت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجھ ڪجھ هليو پئي. اهو ڏهين صدي عيسوي جو دور هو.

## ٿـن سر ۾ مختلف علائقن جو ذڪر:

هن سر جي مختلف علائقن جو ذڪر اچي ٿو، جن مان ڪجھ ٿرپارڪر، ڪجھ بدين ۽ ڪجھ ڪڇ جي ايراضيءَ جا آهن. جن جو خاڪو هيٺين طرح آهي.

(A) ڪاڇو:

ڪاڇو، ڪڇ جو ٻيو نالو آهي، جنهن کي هن سر جي تيرهن بيتن ۾ ڳايو ويو آهي. 'ڪاڇو' اسم تمغير آهي، جنهن جو ٻيو روپ آهي 'ڪاڇڙو' ۽ ٽيون آهي 'ڪڇ ڙو'، ڪيترن اديبن سر ڏاهر واري ڪاڇي کي، دادوضلعي وارو ڪاڇو سمجهيو آهي ۽ ڪن دوستن شاھ جي بيتن جي روشنيءَ ۾ انهي ڪاڇي کي، شاھ جوڳايل ڪاڇو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اهو ٿي نه سگهيو. انهيءَ پاسي جي هڪ دوست محترم، جوهر بروهيءَ سان هڪ ملاقات ۾ اهو بحث ڇيڙيو ۽ چيم ته ادا شاھ صاحب جي ڪاڇي ۾ ٻني به آهي، ٻيلو به آهي ڪريڙ به آهي، لوڙو، هبو ۽ جهرو جبل به آهن، ٻج به آهي، اتي ڏاڪي ۽ ڏور وهڪرا به پهچن ٿا. اتي لاکي ڦلاڻي، پنري بداماڻي، جسوڌڻ مهراڻي جا آثار به آهن. اتي جاڙيجا، ريٻاري، ۽ سنگهار قومن جا آثار به آهن، پر تنهنجي ڪاڇي ۾ اهي ڪٿي؟ اهو ڪاڇو چوڏهن چارو آهي يعني ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ ۾ اچڻ وڃڻ جا چوڏهن رستا آهن. اهو ٻڌي جوهر صاحب قبول ڪيو ته برابر اهو ڪاڇو 'ڪڇ' ئي آهي. انهي ڪاڇي کي ثابت ڪندڙ هيٺيان بيت آهن.

ٻُج ٿا ٻيلي ٻير، وڏو راءِ رڪاب ۾،
ڪڇ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تن جاڙيجن جاڙ ڪني، راءِ سان رنا جي
ڪيئن ماٽيندا سي، چوڏهن چارو ڪاچڙو.

(B) چوٽاڻ:

قديم دور ۾ ننگر پارڪر تعلقي واري الهندئين ياڳي ۾ مٺي تعلقي جي اوير واري ايراضي کي چوٽاڻ چوندا هئا. هي پٽ نهايت سر سبز ، آباد ۽ وٽندڙ خطو هو. انهيءَ خطي جا ڪي رهاڪو جڏهن ڪڇ ڏانهن هليا ويا ته اتي سندن رهائش وارو خطو پڻ 'چوٽاڻ' سڏجڻ ۾ آيو. جيڪو پڇ جي اوير ۾ آهي. پر اصل ۾ قديم 'چوٽاڻ' اهو خطو هو جنهن تي ڄام سپڙ جي حڪومت به هئي ۽ انهيءَ خطي جي نسبت 'سپڙ چوٽاڻي' سڏبو هو ۽ انهي علائقي تي ڄام انڙ وير جو اثر به هو. هو جڏهن سماننگر جو حاڪم هو تڏهن وسڪاري جي مند ۾ 'چوٽاڻ' ۾ وڃي رهندو هو، جتي وٽس سائل ۽ فقير ايندا رهندا هئا. هن سر جي ٽن بيتن ۾ 'چوٽاڻ' واري خطي جو ذڪر آهي، جنهن ۾ ڪٿي ڪيس چوٽاڻو به چيو ويوآهي، جيئن:

لاڪي لوڙيون ڇڏيون، سرها ٿيا سنگهار
چوٽاڻي چوڏار، وانڍيون وس چرنديون

جهوڪون نه جهٽڪن، وڳ نه پسان وٽ ۾
آيل سنگهارن، جيڪس چوٽاڻو چت ڪيو.

هنئي بيت مان اهو پتو به پوي ٿو ته 'چوٽاڻو'، وٽ واري خطي سان لڳ آهي.

(C) وٽ:

تعلقي ڏيپلي مٺي جي ڪڇ جي رڻ واري لاڳيتي پٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو نالو وٽ آهي. جيڪو ڏيگهه ۾ گهٽو ۽ ويڪر ۾ گهٽ آهي. هن خطي هيٺان سم آهي، ان ڪري ان ۾ ٿوري ڪڏ ڪرڻ سان سم جو پاڻي نڪري ايندو آهي، هن ' وٽ ' جو ذڪر صرف هڪ بيت ۾ آهي، جيئن:

جهوڪون نہ جهٽڪن، وڳ نہ پسان وٽ ۾
آيل سنگهارن، جيڪس چوٽالو چت ڪيو.

(D) هيلو:

هيلو ڪڇ جي رڻ ۾، ڪڇ واري ڪناري جي قريب مشهور هيٺ آهي. جتي قديم دور سپڙ چوٽاليءَ ۽ ڏياچ ويراليءَ جي حڪومت هئي ٩-١٠ صديءَ ۾ اهو هيٺ سمن سردارن جي هٿ هيٺ هو.

هن سر ۾ هيلي جو ذڪر فقط هڪ بيت ۾ آهي، جيڪو هيٺين طرح آهي:

ڪيڏانهن ويا سنگهار، جي هتا هيٺين هيٺين،
ڏور تہ ڏوريون يار، هيلي هنهي ڪنڌيئن.

هيلي جو ذڪر سر پرڀات ۾ ۽ سر سورٺ ۾ پڻ آهي. ڄام سپڙ چوٽالي کي چوٽالي لقب سان گڏ 'هيلي ڌڻي' پڻ ڪوٺيندا هئا.

مذڪور هيلي جي ڄاڻ نہ هئڻ سبب، ڪيترن اديبن انهيءَ هيلي کي لس هيلو سمجهي، سپڙ ڄام کي لس هيلي جو حاڪم ڪٺي بنايو آهي.

اصل ۾ سپڙ نالي سان ٻہ مشهور ڪردار آهن. هڪڙو آهي، سخي ڄام سپڙ سمون 'هيلي ڌڻي'، 'پٽ ڌڻي' ۽ چوٽالي، جيڪو چوٽاڻ جي علائقي جي نسبت سان چوٽالي سڏبو هو. ٻيو آهي سپڙ ولد چوٽو رونجهو، جيڪو اصل لس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻيلي جو هو. پوءِ اتان ڪاوڙجي وچولي واري علائقي ۾ اچي رهيو. جتي شهداد پور تعلقي جي ايراضيءَ ۾ سندس ماڙيءَ جا ڪنڊر "ماڙي سپڙ" جي نالي سان اڃا به موجود آهن.

(E) ڪريڙ:

ڪريڙ پڻ ٻيلي وانگر رڻ ڪڇ جو مشهور ٻيٽ آهي جيڪو ٻيلي کان اولهه طرف ۽ ٻني کان اوڀرطرف آهي. قديم دور ۾ سنڌ جي وهڪرن جون ڪي شاخون ڪريڙ کي پاڻي پهچائينديون هيون. ڪريڙ آباد ٽڪندو هو ۽ پاڻي جي ڪري ڪونجون ۽ ٻيا پاڻي جا پکي اتي پهچندا هئا. ڏهين صديءَ جي آخر ۾ جڏهن اوپر سنڌ وارا وهڪرا سڪي ويا ته ڪريڙ به غير آباد بنجي ويو. شاهه صاحب انهيءَ ڳالهه جو اهڃاڻ هڪ بيت ۾ ڏنو آهي ته:

اصل سنڌي آسري، آيون ڏور ڏري
'ڪريڙ' پوڻءِ ڪري، پير ڏکويا پکڻين.

ڪريڙ جو ذڪر ٻني به هڪ بيت ۾ آهي ته

هني مٿان هٿڙا لاکو نه لاهي
ڪريڙا کيل ڪري اپوئي آهي
وڃيو سي ڪاهي، جي کيلي هيٺ ڪنگهار جي.

(F) ٻني:

ٻني پڻ 'ٻيلي' ۽ 'ڪريڙ' وانگر، ڪريڙ کان اولهه طرف مشهورخطو آهي، جنهن جي ڊيگهه ٦٠ ميل ۽ ويڪر ٢۴ ميل آهي. هي به ذري گهٽ هڪ ٻيٽ جي شڪل ۾ آهي، جنهن جو فقط ٿورو حصو اولهه ڏکڻ ڪنڊ وٽان ٻني آباد علائقي سان ڳنڍيل آهي. هن کي عام طرح 'ڏاڏي آدم جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻني' ڪوٺين ٿا. آثارن مان اهو ٿو ظاهر ٿئي ته واقعي اها ڏاڏي آدم جي ٻني آهي، جنهن لاءِ هڪ اهڃاڻ آهي ته قديم دور کان وٺي پاڪستان ٺهڻ تائين اها ٻني جي ايراضي پوکبي نه هئي. ان ۾ پوک ڪرڻ جي سخت منع هئي. ان لاءِ قانون هو ته اگر ڪوبه ماڻهو ٻاهر يا پنهنجي ويڙهه ۾ به ڪجھ پوکيندو هو ته ان جي لاءِ ڇهه مهينا سزا هئي (هن وقت ڇا قانون آهي، ان لاءِ مون کي خبر ڪونه آهي).

ٻيو اهڃاڻ اهو آهي ته وڏن عالمن لکيو آهي جنهن جاءِ تي آدم کي لاٿو ويو ان جاءِ جو نالو 'دجنا' هو. اهو لفظ عرب عالمن لکيو هو. ان کي سامهون رکي ٻني جو جائزو وٺبو ته ڪاهوڙي واري ايراضيءَ ۾ هڪ ماڳ اهڙو آهي، جنهن کي 'ڏاجهٽا' ڪوٺين ٿا، سو جيڪر انهيءَ ڏاجهٽا کي عربي خط ۾ لکبو ته اهو "داجنا" ٿي پوندو، جنهن کي پوءِ دجنا ڪوٺيو ويو آهي.

اهي اهڃاڻ ثابت ٿا ڪن ته بيشڪ اها ٻني ڏاڏي آدم جي ٻني آهي ٻني جي نالي سان ٻي ايراضي ٿرپارڪر ۾ به آهي، پر جيئن ته سر ڏاهر ۾ ذڪر ڪيل ٻني فقط ڪڇ واري آهي، جيڪا قديم دور ۾ ڪريڙ، ٻيلي وارن پيٽن سميت سنڌ ۾ شامل هئي. اڄ به ڪڇ جي ڀڄ ۽ مانڊوي وغيره علائقن جا ماڻهو ٻني واري خطي جي ماڻهن کي سنڌي ڪوٺيندا آهن. انهن ٻنين ۾ ڪو ماڻهو ڏاڪڻين علائقن ۾ ويو ته چوندا ته فلاڻو سنڌ کان آيو آهي.

ٻني کي هن سر جي هڪ بيت ۾ ڳايو ويو آهي.

> ٻَني ٻهڻ نه ڏي، جُهري ويئي جهوڪ
> لوڙي مٿان لوڪ، لاکي لڳ لڏائيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(G) پاندر:

ٻني جي قريب پاندر جو مشهور خطو آهي جنهن کي هڪ بيت ۾ شاه صاحب هيئن فرمايو آهي:

لاکو لوٺي آئيو، هٻي پيئي هاڪ
پاندر ڪنا پچڙي، ڏونگر پيئي ڏاڪ
ائيون ۽ عراق، ڳڏيا نه ڳئون ٿيا.

(H) پچم:

پاندر جي قريب پچم جو خطو به اچي ٿو، جيڪو ڪڇ توڙي سنڌ ۾ مشهور آهي، جنهن جوذڪرمٿين بيت ۾ پاندر سان ڳڏ ٿيل آهي، جنهن ۾ پچڙي مان مراد 'پچمڙي' آهي جتي ڏونگر به آهن ته سنئون پٽ به آهي. پچم جا بزرگ مشهور آهن، جن جا مريد ٿر ۽ لاڙ ۾ به آهن.

(I) ڪوهيار:

ڪڇ توڙي پارڪر واري علائقي کي هن سر جي بيتن ۾ ڪوهيار ڪوٺيو ويوآهي ۽ ڪٿي 'ڇپر' ۽ ڪٿي روه پڻ سڏيو ويو آهي، جنهن ۾ روا جي جبل به آهن ته نالي وارا جبل پڻ آهن. جيئن هَبو، جَهرو، ڪيرو، لوٺو، ووڙائو، ڪارونجهر وغيره شاه صاحب مختلف بيتن ۾ جابلو علائقي کي اجهو هيئن ياد ڪيو آهي:

روه راماٺا ڪن، اڄ پڻ هلڻ هاريون،
ڪرڳل ڪونجڙين، رائي ۾ رات ڪيو.

چيتا ڪيو چٽيج بداماٺي ٻٽ ۾،
تيئن نندٻ مَ ڏيج، ڇيڙون ڇپرا آئيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

كاڇو ۽ ڪوهيار، ڏونگر سندن ڏيهڙو
ساڄهر نهي بار، ڪوهه نہ وڃين ان سين.

(J) لوڙو:

ڀني واري ايراضي ۾ ڀني کان اولهه ڏکڻ طرف لوڙيي نالي پٽ بہ آهي. اتي لوڙو نالي جبل بہ آهي تہ لوڙو ڳوٺ بہ آهي، جيڪو پٽ، تورڙي جبل ڄام لوڙيي جي پويان انهي نالي سان مشهور آهي ڄام لوڙيو مشهور سورهيہ سردار هو.

(K) هبو:

هبو لوڙي واري خطي ۾ مشهور جبل آهي ۽ علائقو پڻ آهي، جيڪو مشهورسردار ڄام ڏاهر جي پڙ ڏاڏي ڄام هبي، ولد ڄام سمي ولد انڙ ولد ٿيبي ولد انڙ ولد سمي ولد راءِ راڏڻ جي نالي پويان انهي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو آهي.

لوڙي ۽ هبي جبلن کي هڪ ئي بيت ۾ شاهہ صاحب هن طرح ڳايو آهي:

لاکو لوڙي آئيو، هبي پيئي هاڪ
پاندر پهري ڪانہ ڪا، ڏونگر پيئي ڏاڪ
ائيون ۽ عراق، گڏيا نہ گئون ٿيا.

هن هڪڙي ئي بيت ۾ لاڳيتي خطن ۽ جبلن جهڙوڪ پاندر، ڏونگر، لوڙي ۽ هبي کي ياد ڪيو ويوآهي. جتي لاکي جي دور ۾ ائن جا وڳ چرندا هئا ۽ سندن جهوڪون هيون.

(L) جُهرو: جهرو ڀني جي ڪناري جو مشهور جبل آهي، جتي ائن جون جهوڪون هيون، جيڪي لاکي جولوڙائون بنجڻ کان پوءِ ختم ٿي ويون. جهري جبل ۾ تمام گهٽيون جهرون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. ان ڪري ان کي 'جهرو' سڏيو وڃي ٿو.
ڀني واري بيت ۾ جهري جو به ذڪر آيل آهي،
جيئن

ڀني ڀهڻ نه ڏي، جُهري ويئي جهوڪ
لوٽي مٺان لوڪ، لاکي لڪ لڏائيا.

(M) ٻيچ:

ٻيچ ڪڇ جو مرڪزي شهر ۽ ڪڇ جي صوبي جي بلڪل وچ ۾ آهي. ٻيچ جو ذڪر هڪ بيت ۾ ني ڪيل آهي ته:

ٻُجِنا (ٻيچ ٺا) ٻِلي پير وڏو راءِ رڪاب ۾
ڪڇ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين.

(N) بدام:

بدام جو علائقو ٽنڊي باگي تعلقي جي اترئين اڌ ۽ ڏگڙي تعلقي جي ڏاکڻين اڌ کي چئبو آهي. اصل ۾ بدام علائقو وسيع هو. جنهن کي شاه صاحب بداماڻي ٻٽ ڪوٺيو آهي، جيئن:

چيتا ڪيو چٽيج، بداماڻي ٻُٽ ۾،
نيٽين ننڊ مَ ڏيج، چيڙون چپرا آئيون.

بداماڻي ٻُٽ وارو علائقو بدام چني جي اولاد جي بستي ۽ رهائش گاه هو. جتي ڪيترا ماڳ آهن. جيڪي بدام جي اولاد مان مشهور شخصيتن جي نالن سان اڄ به مشهور آهن. جيئن وڏيو پٽ، سانگي پٽ، مالڪ پٽ وغيره.

(O) ڳهاڙي:

ڳهاڙي بدين ضلعي جو تمام پراڻو شهر آهي. لاکي دور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ جڏهن گهاڙي جو شهر آباد هو تڏهن لاکو ان شهر ۾ دوستن وٽ هميشه پيو ايندو هو، پر هڪ وقت اهڙو به آيو جو هوپنهنجين ٻين مشغولين سبب گهاڙي ڏانهن نه آيو ۽ گهاڙي جي دوستن ڏانهس نياپو ڏياري موڪليو ته لاکا! توکي ڇا ٿيو آهي، جو گهاڙي کي بلڪل وساري ڇڏيو اٿئي. شاه دوستن جي انهيءَ اڻ جهڻ کي هيٺين بيت جي شڪل ڏني آهي ته:

لاکي لڱئي ڏينهن، 'گهاڙيءَ' ري ڪيئن گهاريئين
مٿان وسي مينهن، واٽون ولين ڇا نئيون.

گهاڙيءَ جو شهر ڪئين دفعا ڦٽو ۽ وري ٺهيو آهي. هينئر ان جاءِ تي پراڻي شهر جا آثار به آهن ته نئين اڏاوت به آهي.هن وقت جيڪو نئون شهر آهي، تنهن کي 'گهاڙي شيخاڻي' ڪوٺيندا آهن.

(P) ڪنڊو:

ڏهر شهر جي ڪنڊرن وٽ، ٻور دريائي هڪ وڏو ڪنڊو هو. شاه صاحب جڏهن سير ڪندو اتي پهتو ته ڪنڊر، دريا سڪل جو پيٽ ۽ ڪنڊو ڏسي اهوانداز لڳايائين ته ڏهين صدي ۾ به سردار جسوڏڻ آڪڙيو ضرور هتي هن دريا تي ڪنڊي جي وڻ هيٺ ويٺو هوندو. ڪچهريون ڪيون هونديائين. سو ان ڪنڊي کي سائو ۽ ميڄر سان ڀرپور ڏسي ڪيس ميار ڏنائين:

ڪنڊا ڪچاڙيا اپو آهين ريل ۾،
پرين پڇاڻا، سڪي پانگهر نه ٿيئين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کنڌا توکي سور، ڪونهي ٻور ڏٿين جو
لامن مٿي ٻور، هوند نہ چاڙهيئي هيترو.

(Q) چوڏهن چارا:

شاهه سائين ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ ۾ اچڻ وڃڻ جي چوڏهن چارن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ فرمايو اٿس تہ.

تن جاڙيجن جاڙ ڪئي، راءِ سان رٺا جي
ڪيئن ماڻيندا سي، چوڏهن چارو 'ڪاڇڙو.'

سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ اچڻ وڃڻ لاءِ جيڪي ماڳ، دڳ، پها، رستا، پيچرا، گس، راهون ۽ واٽون هيون جن کي شاهه صاحب چارا ڪوٺيو آهي، جن کي رند بہ ڪوٺبو هو، هن وقت اسين انهن کي روڊ ڪوٺيون ٿا، انهن جو خاڪو هيٺين طرح آهي.

١. جاتيءَ وارو چارو: هي چارو پهرين مسافر خاني کان لکپت پهچي ٿو، پوءِ اتان ساندرو پهچي ٿو.

٢. ڪرهيي وارو چارو: هي چارو ڪرهيي کان وانر پهچي ٿو اتان لکپت پوءِ ساندرو پهچي ٿو.

٣. گهاڙيءَ وارو چارو: هي چارو شيخاڻي گهاڙي کان ڪهري پهچي ٿوءِ اتان لکپت پهچي، ساندرو ڏانهن وڃي ٿو.




٤. راهوڪي بازار وارو چارو: هي رستو راهوڪي بازار کان ڏنگ پهچي ٿو، جيڪو ماڳ ڏيپلي تعلقي جي ڏاڪڻي دنگ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، اتان ڪريم شاهي (رڻ ۾) اتان لوٽو (رڻ اندر) اتان پٿارو (رڻ جي ڏکڻي دنگ تي) اتان حاجي پير پهچي ٿو.

٥. علي بندر وارو چارو: هي چارو علي بندر کان ڏنگ، اتان ڪريم شاهه، اتان لوٽو، اتان پٿارو، اتان حاجي پير پهچي ٿو.

علي بندر

ڏنگ ← ڪريم شاهه ـ لوٽو ـ پٿارو ـ حاجي پير

راهوموڪي بازار

٦. ڏهر وارو چارو: هي چارو ڏهر کان پيانر سري، اتان ڪوئٽ سري، اتان سرن واري سري، اتان ڌرم شالا سري، اتان ڪنوار بيٽ، اتان ڪنوار بيٽ سري، اتان دونارا چونڪي (پڇم ۾) اتان ڏنارا (سليمان سمي جو ڳوٺ) اتان ڪاهوڙو شهر.

٧. ونگڙ وارو چارو: هي چارو ونگر کان پيانر سري، اتان ڪوئٽ جي سري، اتان سرن واري سري، اتان ڌرمشالا سري، اتان ڪنوار پٽ ، اتان ڪنوار پٽ جي سري، اتان دونارا، اتان ڏنارا، اتان ڪاهوڙي شهر پهچي ٿو.

٨. ٻلهياري وارو چارو: ٻلهياري کان ڪنوار بيٽ، اتان ڪنوار بيٽ جي سري، اتان دونارا، اتان ڏنارا، اتان ڪاهوڙي شهر پهچي ٿو. هتان رڻ جو فاصلو ٢٤ ميل آهي.

٩. ننگر وارو چارو: ننگر پارڪر کان ڪرڙين، اتان جڙويون، اتان رڻ ۾ نڙو بيٽ، اتان وائو ٿراڏرم جو علائقو اچي ٿو، جيڪو ڪڇ واري رڻ جو پرئين دنگ تي آهي.

١٠. ونگيءَ وارو چارو: ونگيءَ کان ٻلهياريءَ ۾ رڻ اچي ٿو اتان ڪانوڙو شهر سامهون اچي ٿو، جيڪو پڇم جو علائقي ۾ آهي. اِڪتي ٻني آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١١. جليلي وارو چارو: هتي رڻ ملهون آهي، هتي بارش ۾ پاڻي ٻن فوٽن کان مٿيڪونه چڙهي، هتان پاروجڻ لاءِ مفاصلو وڏ ۾ وڏ ٢ ميل آهي.
١٢. ٻڙ تلا وارو چارو: ٻڙ تلا کان ڏڻ ٻيٽ، اتان پرٻناٿو ٻيٽ، اتان نڙ ٻيٽ، اتان سوئيگام پهچبو آهي. هتان رڻ جو فاصلو ٢٤ ميل يعني ٻارهن ڪوهه آهي.
١٣. سوراچند وارو چارو: هن چاري ۾ سورا چند کان ناهر ٻيٽ، اتان سونگو ٻيٽ، اتان هي ڪڇ جي ايراضي ۾ پهچبو آهي هتان رڻ جو فاصلو ٢٢ ميل آهي.
١٤. آڏيگام وارو چارو: آڏيگام وارو چارو پراڻو آهي. هتان رڻ جو مفاصلو ١٤ ميل آهي هن چاري ۾ آڏيگام کان لودرا ئي پهچبو آهي، اتان اڳتي ڪڇ جو ميداني علائقو آهي.

هنن چارن مان ڪيترا چارا اهڙا آهن جن تان فقط وهٽن تي سفر ڪري سگهبو آهي. جن رستن تي، واٽ تي ڪوٻيٽ وغيره ڪونه آهي، انهن چارن تان تکن وهٽن جي ذريعي سفر ڪبو ته جيئن ڏينهن ڏني جو رڻ پار ڪري وڃجي، پارڪر جي پاسي وارا چارا گاڏين جي هلڻ لائق آهن جن ۾ ٻڙ تلا وارو چارو خاص آهي. جتان پاڪستان کان پهرين ٻيل گاڏين جي ذريعي سنڌ کان ڪڇ ڏانهن مال ويندو هو.

چارن جي واٽ تي جيڪا ٻيٽ آهن، انهن ۾ ڪيترن نيڪ مردن کوهه کٽايا تلا نهريا آهن، جتان مسافرن کي پاڻي ملندو هو. ڪن ٻيٽن ۾ ڪاڏي پيتي جون شيون به ملنديون هيون.

ڏهين صدي ۾ جڏهن لاکو ڦلاڻي لوڙائو ٿيو هو، تڏهن انهن چارن تان سندس سانئين جي ڊوڙ هوندي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاڙيجن ۽ ريبارين لاءِ گس ئي ڪونہ هو تہ ڪٿان اچن ۽ ڪٿان وڃن. شاهہ صاحب چيو آهي تہ.

تن جاڙيجن جاڙ ڪئي، راءِ سين رنا جي
ڪينئن ماڳيندا سي، چوڏهن چارو ڪاڇڙو.

## سر ڏاهر ۾ قومن ۽ ذاتين جو ذڪر:

سر ڏاهر ۾ جن قومن جو ۽ ذاتين جو ذڪر اچي ٿو، انهن جو خاڪو اجهو هيٺين ريت آهي.

جت:

جت سنڌ ۽ ڪڇ جي نهايت پراڻي قوم آهي، هن قوم لاءِ ڪئين رايا آهن، هڪڙا مؤرخ چون ٿا تہ هي جوتمال قوم سان وابستہ آهي، ٻيا چون ٿا تہ هيءُ بلوچ نسل قوم آهي، ٽيان چون ٿا تہ هي قوم اصل سنڌ جي قوم آهي، جيڪا حالتن جي دائري ۾ ٻين ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ ڪندي رهي آهي. وقت گذرڻ کان پوءِ هن قوم جا افراد عربستان ۾ زط، پنجاب ۾ جٽ، انڊيا ۾ جاٽ سڏجڻ ۾ آيا آهن. جن جون سوين ذاتيون آهن.

جت قوم جا ماڻهو، جيڪي سنڌ ۽ ڪڇ ۾ آهن، انهن جو سردار سنڌ ۾، ٺٽي ضلعي اندر رهي ٿو، جت قوم شاهہ جي رسالي جا وڏا چاهڪ آهن ۽ سنڌن لاءِ چوڻي آهي، تہ جنهن جت کي گهٽ ۾ گهٽ شاهہ صاحب جا ٽي سو بيت ياد نہ آهن اهو جت ئي نہ آهي.

هن سر ۾ جتن جو ذڪر اجهو هن طرح ٿيل آهي.

تن 'جتن' جاڙيجن سان، صلح ڪر سنگهار
تون وڃ چڏين ٿو ويسرا، هو چمڪيا چوڏار
ڏنم ڪالهہ پرار، لاڪو لوڙائن سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملاح:

هن سر ۾ ملاحن جو ذڪر فقط هڪڙي بيت ۾ آهي، جيئن.

ڏور نه اڳين ڏار، مهند ملاحن لکيو،
موڙي ڇوڙيئون مڪڙا، پسي پاڻي پار،
جسوڏڻ جهڙا يار، پيا ويروما س ۾.

ملاح ڪا خاص ذات نہ آهي، جن بہ ماڻهن اهو پيشو اختيار ڪيو اهي ملاح سڏجڻ ۾ آيا. فارسي زبان ۾ ملاحن کي ميربحر ۽ عربي ۾ اميرالبحر سڏيو ويو آهي. ملاحن جو دريائن ۽ سمنڊن سان واسطو آهي، جهاز راني ۽ ٻيڙا هاڪارڻ سندن پيشو آهي. هي پيشو بهادرن ۽ دليرن جو آهي، هر ڪنهن جي مجال نہ آهي تہ ملاح ٿي سگهي.

اوڏ:

اوڏ دراوڙ نسل جي مزدور قوم آهي، جن جو قديم دور کان وٺي مٽي سان واسطو رهيو آهي، هي محنت ڪش قوم قديم دور کان وٺي اڄ تائين اڏاوت جو ڪم ڪندي آهي، ڪوٽ ٺاهڻ، قلعا (ڪچا) تيار ڪرڻ، کوٽيون ۽ هيون پٽيون جوڙڻ سندن خاص هنر آهي.

شاهه صاحب هن سر جي اٺن (٨) بيتن ۾ سندن ذڪر ڪيو آهي.

ڪڇ جي علائقي ۾ لاکي ڄاڙيجي اوڏن کي ڏاڍو ستايو، پر لاکي ڦلاڻي مٿن هٿ رکيو جنهن ڳالهه ڏانهن لطيف سائين بہ اشارو ڏنو آهي.

اڏيو جو اوڏن، سو ڍنگهر ڍلو مَ ٿئي،
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي ڄام سين.
لاکا لک هنا، پر ڦلاڻي ڦير هيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آجا اوڏ ٿيا، پلئي لڳي جنهن جي.

سما :

سنڌ جي قديم قوم آهي، جيڪا جادم ولد سام جي اولاد مان آهي، ۽ ورهين کان وٺي سنڌ، ڪڇ ، هالار، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ راجستان جي مختلف صوبن تي حڪومت ڪندي پئي اچي. سمن جاسوين خاندان آهن، جن ۾ جاڙيجا، چوڙا، بيگڙا، لاڪاڻيا، ڪيهر، ٻائل، حاجي، ڳاها، ڦل، چارا، مشرف، ساهڙ، لياڻ، ويسريا، اوٺا، سلطان، ڀيئڻ ، مراد، سرفيا، منڌو، ابڙا، جيها، ايسر، سهنديا ري، مڙهي، جوڻاڳي، رامڏيا، آڪڙيا، دل وغيره.

سما، جادم بن سام جي پٽن مان هسپت بن جادم جو اولاد آهن، سمن مان جيڪي شخص سپوت ٿيا تن جي پٺيان ذاتيون ٿيون، جيڪي اصل ۾ سڀ سما آهن. پر جدا ذاتين سان سڏجن ٿا. انهن سڀني ذاتين جي سمن جي مٿي ذڪر ڪيل ذاتين کي گڏي 'سماٽ' ڪوٺبو آهي.

سماٽ ذاتيون بيشمار آهن جن مان ڪجھ هتي ڏجن ٿيون.

ڏيٽا، ٿوٽا، مهر، سنگها، اوڍا، ورياه، ٻاپڙا، لنجار، راڇپر، ڪور، ڳهڙ، دل، اوٺا، ٿيٻا، ٻرڙا، جوکيا، نومڙيا، نهڙيا، نوتيار، رامڻ، هاليپوٽا، ٻلي پوٽا، پلي، سميجا، ملڪ، هنگورجا، بنيرا، وساڻ، ڏيپر، انڙ، منگي، سينهڙا، ساند، جوکرا، ڪاڪا، پريا، جوڻيجا، ڳاها، سنگراسي، لاکيار، ڏهر، سوڍر، ڀاڻو پوٽا، سيڙ پوٽا، مرکيا، راڄڙ، پلي پوٽا، وکيجا، ڄڄر، آريسر، ڪيريا، ساريا، راهوجا، وغيره. جيڪي سنڌ، پنجاب بلوچستان، مارواڙ، جسلمير، نيڙ، ڪڇ ، ڪاٺياواڙ، هالار، گجرات، وغيره ۾ آباد آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاڙيجا:

جاڙيجا سمن جي مشهور نک آهي، جنهن کي هن سر ۾ شاه صاحب اجهو هيئن ياد ڪيو آهي تہ:

جاڳو جاڙيجا، سما سک مَ سمهو،
پسو آن پاريا، لاکو ٽولوڙيون ڪري.

جاڙيجن جو نسب نامون هيئين طرح آهي، جاڙو ولد ساند، ولد پلي، ولد راءِ راڏڻ، جواولاد جاڙيجا سڏجڻ ۾ آيو ۽ جاڙي جو ڀاءُ ويري ولدساند جنهن جو پٽ، جاڙو ٿيو. جاڙي جو پٽ ابڙو ٿيو، ابڙي جو پٽ ابڙو ٿيو، ان ابڙي جو پٽ ويرو ٿيو. ان جو اولاد بہ جاڙيجا سڏجڻ ۾ آيو، ڪڇ ۽ هالار جا جاڙيجا، ويري جي اولادن مان آهن.

سر ڏهر جي ڇهن بيتن ۾ جاڙيجن جو ذڪر آهي، جيڪي سيئي هن سر جي چوٿين فصل ۾ آهن.

جيئن :

تن جاڙيجن جاڙ ڪني راءِ سان رتا جي
ڪيئن ماٺيندا سي، جوڌهن چارو ڪاڇڙو

ٿاڪر:

راجپوت نسل قوم آهي. سندن پيشو جنگ ۽ سپاهگيري آهي. سنڌ جي ڪيترن حاڪمن جي فوج ۾ اڪثريت ٿاڪرن جي رهي آهي. ٿاڪرن جا ڪنين پاڙا ۽ شاخون آهن، ٿاڪرن جي هڪ شاخ 'مرمچ' بہ آهي، جيڪا رجا ڏاهر جي فوج ۾، سپاهگيري جو فرض ادا ڪري رهي هني، ٺڪرن بابت ڪنين بيت ۽ چوڻيون مشهور آهن.

جيئن

ڪاري ڪاهاڙلي، جهيڙو لڳندو ڇهہ پهر
'مرمچي' ماري، سک وسندي سنڌڙي. (هڪ مامويو فقير)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رڙي ريبارڻ روءِ، ايءِ ڍنگهر جهل
پري هتان پل، ڪيترين ڪاهي ويا.

سنگهار:

سنگهار سماٽ قوم جي نهايت پراڻي شاخ آهي، جيڪا سنگهار جو اولاد آهي، جنهن جو شجرو هيٺين طرح آهي.

سنگهار ولد سمون، ولد پورو، ولد ڳاهو، ولد ڦل، ولد ساهڙ، ولد مهڙ، ولد لاکو، ولد لاکيار، ولد اوڍ، ولد اوڍر، ولد وڏهار، ولد ليءُ ، ولد سراءِ، ولد دسرت، ولد پرت، ولد پاڳرت، ولد برد، ولدچند، ولد هسپت ولد جادم ولد سام.......

سنگهار قوم سنڌ جي مشهور مالدار قوم هئي، جنهن جو وطن ٿرپارڪر، بدين ۽ ڪڇ واري ايرضي هئي، هيءَ قوم نهايت وڙائتي، سخي، مهمان نواز، سلجهيل، سچاڻ ۽ بهادر قوم هئي، جنهن کي لاکيٽي لطيف سر ڏاهر جي سترهن (١٧) بيتن ۾ ياد ڪيو آهي ۽ ان جون خاصيتون بيان ڪيون، جن مان ڪجهه هن طرح آهن.

کير ورهائڻ جي باقاعدي رواج.

کير ڪريندي ريس، آيل سنگهارن سين
جنين جي خميس، ’منڌي‘ مور نه مٽ، ۾
کير ڪريندي ريس، آيل سنگهارن سين،
جنين جي خميس، واڻيو واري ڇڏيو.

سنگهار قوم وٽ رواج هو ته اهي اربع شام يعني خميس جي رات سمورو کير ورهائي ڇڏيندا هئا. ان ڪري خميس جهڏينهن سنگهارن وٽ ولوڙ ٿيندو ئي ڪونه هو.
واڻيا، مالدارن وٽان گيهه وٺڻ ايندا هئا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي خالي موٽي هليا ويندا هئا. ڇوته ان ڏينهن ولوڙو ئي ڪونه ٿيندو هو.

سخاوت ۽ مهمان نوازي ۽ پاڙي جو خيال:

سيڙهي سنگهارن جي جيڪا گهاري ماءِ،
توڙي هوءِ، اوڳٽي، توءِ رکو مور نه ڪاءِ

سُرهن سنگهارن جي سرهي آ ساجاڻ
پوءِ ٿا پين پاڻ، پهرين پياري پهيڙا

ايرن ۽ جڏن جو جياپو

سنڌيون مٽ ڳڙن، جهوڪ به سونهن پهيڙا،
سندي سنگهارن، جوءِ جياري جڏڙين

سنگهارن جو قانون هو ته سائلن ۽ جڏن جو انتظار ڪندا هئا، جيئن ڪو وڏو جڏڙو يا ايرو سائل نه ايندو هو تيسين کين آرام ڪونه ايندو هو. هو جڏڙن کي پنهنجي جوءِ جا جيارا سمجهندا هئا. هو پهريائين مسافرن ۽ راهه ويندن کي کارائي پياري، پوءِ پاڻ کائيندا پيئندا هئا. هنن جي پاڙي جيڪي ڪوڙا ۽ اوڳٽا ماڻهو رهندا هئا، هو انهن جي به سنڀال ڪندا هئا.

بهادرت ۽ جرئت:

جي پانئين وس ڇران ته سنگهارن سين گهار،
جنين سندي واڙ، چور نه اچي ڪڏهن.
جي پانئين وس ڇران ته سنگهارن سين لڏ،
ته هاجي سندي هڏ، ڪوڪ نه سنئين ڪڏهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنگھار قوم نهايت بهادر هئي، ان ڪري انهن جو رهائش تي ڪوبه چور يا ڌاڙو ڪونه ايندو هو، سنگهر قوم تي رب جو به راضپو هوندو هو، جو هو جتي به ۽ جنهن به جو ۾ رهندا هئا، اتي مينهن ضرور وسندو هو، لطيف سندن لاءِ هن طرح فرمايو آهي ته:

سيڙهي سنگهارن جي وان ڪنڌيون ڪاهي
'مينهن' نه مٿائي، جنين سندا پکڙا.

سنگهار قوم جي بي بها ڳڻن سبب ٻيا ماڻهو ۽ قومون کين ساراهيندا رهندا هئا، جيئن شاه صاحب هڪ بيت ۾ عوام جي خيالن جو ترجماني ڪئي آهي ته.

ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ، اي نه سنگهارن سٽ،

سنگهار اينئن ڇو ڪندا هئا؟ تنهنجو سبب ۽ ڪارڻ به ڳڌوڳڌ ٻڌايائين ته ڌاڙو ڪنهن به وقت اچي سگهن ٿا، ٻيل اهي

مائٽ، عزيز ۽ ذات وارا ڇو نه هجن.

ڪاهيندا ايندا ڪڏهن مٿي وانڊ وهٽ،
ڌاڙو هونئي مٽ، ته به ادولايو مَ ان جو
عام ماڻهن طرفان سنگهارن لاءِ جيڪا دعا هئي ۽ منجهن اميد هئي، تنهن کي پٽ ڏٺيءَ هيئن شعر جو روپ ڏنو آهي ته

جيئڻ سي سنگهار، اجهي جن جي گهاريان،
مان لهنئون سار، وچ ولهين ڏينهڙين

سنگهار قوم وٽ مينهيون، اٺيون، ڍڳيون هونديون هيون، پر هن قوم مان 'سارو' سنگهار اهڙو مالدار هو، جو ان وٽ نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکو هر قسم جو مال هو پر ججهو مال بہ رکندو جنهن جي رهائش جا سنڌ توڙي پـر وارن علائقن ۾ ڪئين نشان آهن.

تعلقي ساماري جي هڪ ايراضي سندس نالي سان مشهور آهي، جنهن کي سندس نالي پويا سارو ڪوٺجي ٿو، جنهن کي ميين شاه عنات اجهو هيئن ياد ڪيو آهي تہ

اُتـو ڍٽ، پٽ، پارڪر، اتـو 'سارو' سوارو
وڏي گاه وڏو ٿيو تنهن موه ۾ موچارو،

سنڌ، ڪڇ توڙي پـروارن ٻنهي علائقن ۾ سنگهار قوم جي مالداري مسلسل پنج ڇه سو سال هلي هئي، ان ڪري عام طرح مالهن تي اهو اثـر ويٺـو هو تہ "سنگهار معنيٰ مالدار" اڳتي هلي مالدارن کي سنگهار سمجهيو ويو ۽ مالهن جي ذهنن مان اها ڳالهہ بلڪل نڪري وِهِ تہ سنگهار مالدار نہ بلڪ هڪ قوم آهي.

هن وقت سنگهار قوم جو ڪٿي ڪو نان ونشان بہ ڪونہ آهي، شايد هي قوم مختلف ذاتين ۾ وراهجي وئي آهي، جن ذاتين بابت ڪنهن کي خبر بہ ڪونهي تہ اهي اصل ڪير آهن، جيئن ٻين قديم قومن جهڙوڪ مارو، هويا، جگ وغيره جو حشر ٿيو.

بدام:

بدام قوم بابت سر ڏاهر جي ٽـن بيتن ۾ اشارا آهن، جن ۾ لفظ بداماڻي لکيل آهي، اصل ۾ ڏهين صديءَ آڌيٺي ڏاري بدام ولد چنې جو اولاد بداماڻي سڏجڻ ۾ آيو، پوءِ 'بدام' مشهور ٿيو ۽ انهن مان ڪئين شاخون نڪتيون، جن جو مختصر خاڪو هيئن ڏجي ٿو.

بدام، ولد چنون، لد هڙراڄ، ولد پـوجراج، ولد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوڏاڻ يا سڏاوڻ، ولد پيمر، ولد پنٺي، ولد سمرت
ولدجادمر سامر

بدامر پٽ چنو کي ست پٽ هر هڪ جوٽو، ويسکو، سينرو، پاچوهو، پاتوريو، پونررو ۽ ڦل هئا. جن مان اڳتي هلي پونري ۽ ڦل جو اولاد 'چورا' سڏجڻ ۾ آيو، سينري ۽ چاچوهي جو اولاد 'چاپرو' ڪوٺيو ويو، پاتوري جو اولاد 'ڪائيجا' نالي سان مشهور ٿيو، جوٽي ۽ ويسکي جو اولاد 'سانگي' ڪوٺجڻ ۾ آيو، انهن چنن ۾ ڪئين بهادر ۽ سخي ٿي گذريا آهن.

انهن چنن جو ابتدائي وطن ڪاڇي يعني ڪڇ جا ڪنارا آهن، جتي سندن آثارن مان سانگي، وڏيو، ڦل، ماٽڪ نالي ماڳ، بدامر جو پٽ، ٻرڙوءِ ٻنگار جا ڪنڊر اڄ به باقي آهن، ٻنگار ۾ چنن جي گهڻو وقت رهائش رهي، سندن لاءِ هڪ مشهور بيت به آهي ته

'سما' 'ساموئي' رهن، 'چنا' منجهه 'ٻنگار،
'گاد' غورابين تڪڙا تا بندر ڏوهن بات،

جڏهن بدامر چنا لاڙ ڇڏي اتر ڏي وڌيا تڏهن ڪجهه وقت وچولي ۾ به رهيا جتي پڻ سندن آثار ملن ٿا. ڪجهه قبيلا دريا پارڪري دادو ضلعي جي ايراضي ڏانهن هليا ويا، جن جي شاخن مان 'وديا' ۽ 'پيلاٽي' ذات وارا قبيلا اڄ به موجود آهن.

بدامر قبيلي جا 'سانگي' به اتر طرف آيا ۽ دادو، لاڙڪاڻي، شڪارپور وغيره طرف آباد آهن، ساڳي نالي سان ڪجهه اهڙا قبيلا به موجود آهن، جيڪر چنا بنياد جا نه آهن، اهي ابڙن ۾ هين ذاتين مان آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سر ڏاهر جا مشهور ڪردار

سر ڏاهر جي بيتن ۾ ماڻهن جا ڪيترا ملن ٿا، جن مان نرالا ۽ خاص ڪردار هن طرح آهن:

**الف هاڻو ۽ لوڙائو.**

هاڻو جي معنيٰ آهي هٽن وارو يعني مال هٽي وجڻ وارو، مال هٽڻ جو مطلب آهي ته مال کي گهوڙن جي منهن ۾ ڏيئي ڊوڙائي ڪاهي وڃڻ، اهڙو تکو ڊوڙائڻ، جنهن کي عام ماڻهو ۽ عام وهٽ رسي نه سگهي.

وڙ جي معنيٰ لٽ آهي، جيڪي ٽورو لٽ هٽن جا هوشيار، چالو ۽ تيز هوندا هئا، جن کي پلٽي کيڏ چئبو هو. هو ٻين کي لٽيون هٽي کيرائي وجهنداهئا، پر پنهنجي پاڻ کي بچائي ويندا هئا، اهڙن ڦورن کي 'لوڙائو' چئبو هو.

لوڙائو ۽ هاڻو ڪا خاص قوم ۽ قبيلو نه هو، هو ڪنهن به قوم مان پيدا ٿي سگهيا ٿي. سر ڏاهر جي دائري ۾ جيڪي هاڻو ۽ لوڙائو اچن ٿا، اهي گهڻو ڪري ٽڪر، جاڙيجا، سما، چنا ۽ سنگهار هئا. سين ۾ لاکو جاڙيجو ۽ لاکو ڦلاڻي وڏا نالي وارا هئا. جن ڏانهن ڪئين اشارا آهن.

**لاکو جاڙيجو.**

لاکو لکيءَ تي چڙهيو، لکي لاکي ساڻ
چاري چاڙهي آئيو ڀسي رات وساڻ،
جاڙيجو زيان، ڪيڏو ڪري ويو ڪڇ سين.

**لاکو ڦلاڻي**

لاکو لوڙئن سين ڏس ٿو چڙهي
وڙهيو وريامن جا ڏڻيو ڏڻ هٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيس جو پري، سو واهر ڪنهن نه واريو.

**(ب) ماري ۽ شڪاري:**

سر ڏاهر جي ڪردارن ۾، هاڻن ۽ لوڙائن ڪان پوءِ ماري ۽ شڪاري آهن، جيڪي پرديسي پکين ۽ جانورن کي ماريندا ۽ شڪار ڪري ڦاسائي وڪڻندا هئا، سندن شڪار ڪونجون، هرڻ ۽ روجهه وغيره هئا. مارين ۽ شڪارين جو ذڪر اٽڪل ستن، اٺن بيتن ۾ آهي.

ڪونج نه لکيو پاڻ، جو مار سندي من ۾
اوچتي پرياڻ، وڳر هٽي ويچون ڪيا

بغل ۾ بندوق، ماري ميرا ڪپڙا،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيو لڪ چڙهي

چيتا ڪيو چٽيج، بداماٽي بٺ ۾
نيٽين نندبَ ۾ ڏيج، چيڙون چيرا آئيون.

وڳر ۾ وائي، ڪاله تنهنجي ڪونجڙي
سر ۾ سايني گهٽو، پينر ۽ پائي
پسين نه ڦاهي، جا ماري سندي من ۾

## سر ڏاهر ۾ جانور ۽ پکي:

هن سر ۾ جن جانورن ۽ پکين جو ذڪر مليو آهي، اهي هن طرح آهن.

(۱) جانور:

جانور ۾ هرڻ ۽ روجهه خاص آهن، جن بابت لطيف سائين هن سر جي بيتن ۾ اجهو هيئن ذڪر ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتي آهين روجهڙي، ڇٽي اٽي ويڙهه
مارينڙو تو پير، ڇارو وڻي سينگڙي

ڪوءِ ڀيريون، ڀن ڀور، ڦرڪو ڦاڪان نہ چرين
سائي پئي مسور، جڏهن تڏهن رڃ جو

رويو ريجاڻي چرندا ڇڏيو پانئروٽ،
ڪهي ڪيناري چاڙهيئون هرڻ وڪٽي هٽ،
تو سر مٺان سٽ، مادي ڏيهاڻي ڪري.

(٢) پکي:

هن سر جي ذڪر ڪيل پکين ۾ باز، مور، پاپيهو، للو، ٻگهه ۽ ڪونج اچي وڃن ٿا. جن ۾ ڪونج خاص آهي، جنهن جو ذڪر يارهن (١١) بيتن ۾ آهي.

ڪونجون، جيڪي سائبريان مان اڏامي هن علائقي ۾ اچن ٿيون، اهي هڪ طرف پنهنجي ٻچن کان وڇڙي انهن لاءِ روئنديون رهن ٿيون تہ ٻئي طرف اهي هتي جي مارين ۽ شڪارين جي ور چڙهي وڃن.

ٽنين طرف انهي دور ۾ پاڻي جي اڻاٺ سبب تڪليف ۾ اچي وڃن ٿيون، ڪونجون هتي ولرن جي شڪل ۾ اچن ٿيون، اهي هڪ ٻئي پٺيان قطار ۾ هلنديون اچن ٿيون ۽ انهن مان هڪ پکي سندن اڳ ۾ هوندو آهي، جيڪي اوهيءَ وانگر ٿورو اڳتي هلي جاچ ڪري وري پوئتي موٽي ٿو ۽ پوءِ ولر سان گڏ اڏامندو هلي ٿو، اهڙي طرح هو پنهنجي اها ديوٽي ڏيندو هلي ٿو.

ڪونجون جڏهن هتي اينديون هيون، تڏهن وڏي ولر ۾ هونديون هيون ۽ پر کاڌي جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلي، هڪ ٻئي کان وڇڙي بہ وينديون هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مطلب ته لاڪن هڪ پرتي رهيل ساٿ جو وڇوڙو، ٻني طرف آيل ساٿ ڪان جدا ٿي رولڙو ۽ ٿي طرف مارين جو ڊپ هر طرف ڏک ئي ڏک سامهون هوندو هين.

ڪونجن جا سيني بيت ڏاڍا درد ڀريا ۽ الميه آهن.

جيئن:

وڳر اڪيري، سر ساريو سور چري
جهري جهڄندي ڏي، سنيها ڪي سڄڻين

وڏي وڳر هيرئين، ڇٽي نه ٻين گڏ،
ڪونج ڪريندي سڏ، ويني وهامي راتڙي.

## ٢. ڏاهر جو تاريخي پس منظر ۽ تاريخي ڪردار:

سر ڏاهر جي تاريخ تي نظر وجهبي ته ان تي پهريائين نهايت آڳاٽا آثار نظر ايندا، جيڪي تاريخ جي ميجيل دور ڪان پهرئين دور جا آهن، ان ڪري انهيءَ دور کي جڏي اسين تاريخ جي ميجيل دور طرف وڌنداسون جنهن ۾ اسان کي نائين ۽ ڏهين صدي جي تاريخ سامهون ايندي. جنهن ۾ اسان کي ڪاڇي ٿر ۽ لاڙ جي خوشحالي واري دور ڪان هڪدم پوءِ پاڻي جي اڻاٺ وارو دور ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ ڏهين صديءَ جي ئي چوٿائي ۾ زلزلن جي ڪري اتر ڪان ايندڙ وهڪرا جيڪي سکر ضلعي جي ايراضي مان هيٺ ڏکڻ ڏانهن ايندا هئا. اهي سڪي وڃن ٿا ۽ ملڪ هڪ ڏڪار هيٺ اچي.وڃي ٿو

هن دور ۾ ماموين فقير بيت چيا. جن ۾ ڪي دعائيه، ڪي ناصحانه ۽ ڪي ٻئي قسم جا آهن.

دعائيه بيت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڄندي ٻنڌ اروڙ، هاڪ وهندو هاڪڙو
ٻه مڃي ۾ لوڙهه، سمي ايندا سوڪڙي.

نصيحت وارو بيت.

جمَ ويهجو ماڻهوئا، ننگر جي آڌار
پراڻا پرار، نوان اڏجو نجهرا.

هتي ننگر مان مراد ساموئي ياسما ننگر آهي، جيڪو هاڪڙي جي ڪپ تي مشهور دريائي بندر هو، جنهن جا ڪنڊر نئي ڪوٽ جي اوڀروان اڄ به موجود آهن، اهو شهر لاڪي ڳڙ راهو ٻڌايو هو ۽ سندس پوئتي ڄام سمي جي دور ۾ پاڻي جي اڻاٽ تي ۽ ماموند فقيرن، جيڪي ناڪتا به هئا، انهن اهي بيت ڏنا، جنهن ماڻهن کي ڏسي ڏنائون ته

هاڻي ننگر يعني سماننگر ۾ نه ويهجو، ڇو ته پاڻي گهٽجي ويو آهي، پراڻ ڪان پار يعني اوله طرف هليا وڃجو جيڏانهن پاڻي آهي.

انهي دور ۾ ڪڇ ۾ ڄاڙيجن ۽ ڪيهر سمن جا راڄ هئا ۽ لاڙ ۾ ٺٽو ۽ بدام ڇني ۽ سنگهارن، اڳڙين ۽ ٻين سماٽ قوم جي ماڻهن جا راڄ هئا، جيڪي پاڻ ۾ ميٺ محبت سان رهندا هئا.

انهن راڄن ۾ سورهيه به هئا، ڏاتار به هئا، سخي به هئا، سڪر به هئا ته هاٺو ۽ لوڙائو به هئا، جن کي سڪرن ۽ بهادرن جي موجودگيءَ ۾ جرئت ڪونه ٿيندي هئي، جن ڳالهن ڏانهن سر جي بيتن ۾ ڪئين اشارا آهن.

انهي جي سردارن ۾ هيٺين سردار مشهور هئا.

جسوڏڻ مهڙالي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جسوڏڻ ولد مهڙ آڪڙين سمن ءان هو، جن جي وڏن جو
بڌايل شهر آڪڙي پڻيهل دريا جي ڪناري تي هو، جتي
جسوڏڻ جائو وڏو ٿيو ۽ وڏو ٿي پڻيهل کان پارڪر تائين
واري ايراضي تي حڪومت ڪيائين.

هن ڪجهه وقت منصوره واريءَ ايراضي تي به حڪومت
ڪئي. عرب مؤرخن آڪڙيا کي آڪريا لکيو، جنهن بعد پوئين
ليکڪن جسوڏڻ کي آڪڙيو لکڻ جي بدران آڪريو لکيو ۽ اجا
تائين ڪيترا ليکڪ آڪريو پيا لکن.

جسوڏڻ پنهنجي دور جو بهادر، سمي، سپوت سکر
سردار هو، راڄ تي ان جا ايتري قدر هٿ هئا، جو جڏهن
جسوڏڻ جي دور ۾ پاڻيءَ جو اڻاٺ آئي ۽ ماڻهو پورهيي لاءِ
ٻين علائقن ڏانهن ويا، تڏهن جسوڏڻ کان اڇي موڪل
ورتائون.

ڪنڌيئن اک ڦلاريا، سانگهه سکو ساهه
مهڙاڻيءَ وٺان، رويو راڄ رضا گهري.

پونرو بداماڻي:

پونرو ولد بدام چنو، مشهور پهلوان ۽ سورهيه سردار
هو، سنڌ جي ستن سورهين ۾ پهريون سورهيه سردار آهي،
هن جو دور ۾ ڪنهن به هاڻو کي همت ڪونه ٿي جو هن جي
علائقي يا آسپاس جي علائقن مان ڏڻ ڪاهي يا وڳ هٽي
وڃي.

اگرهر هاڻو مال ڪاهي روانو ٿيندو هو پونرو هڪدم
ان کي پهچي، ڀڄائي مال موٽائي ايندو هو، هن جي تيز آمد
جي باري بابت ڪنهن شاعر هينئن ورهه ڏنو آهي ته :

ڪنڌيو سور ڪٽڪيو، وڳن واڄهايو،
بداماڻي پونرو، جو ڀڄهي سو آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پونري جي رهائش گاهه ٻرڙائي ڪوٽ هو، جنهن جا ڪنڊر جهڏي شهر کان ٽي ميل اتر طرف، پوراڻ درياهه جي اڀرندي ڪناري موجود آهن.

پونري بداماڻي کي هڪ پٽ وڪيو ٿيو، جنهن درياهه کوٽيو ويو. وڪي جا ٽي پٽ ، مالڪ، ڦل ۽ وڏيو ٿيا، جن مان ڦل وڏائي جو قصو سنڌ ۾ مشهور آهي، هن ڪهاڻي جا جاگرافيائي آثا تعلقي چاچري ۾ پوريلو، تعلقي ساماري ۾ ارنچل ڪوٽ، تعلقي ٽنڊي الله يار ۾ پوري جو پڙو ۽ ڦل جو پڙو اجا باقي آهن.

جڏهن به پونري جي پاڙيسرين کي تڪليف پهچندي هئي يا مٿن ڪا آفت ايندي هئي ته اهي ڪيس پڪاريندا هئا.

لطيف سائين ماڻهن جي انهن پڪارن کي هيٺين طرح شاعريءَ جو روپ ڏنو آهي ته.

اڄ گهرجين يار، بداماڻي پونرا،
ڪاچي ڀني پار اچي ويرين ويڙهيا.

اڄ گهرجين هت، بداماڻي پونرا
مٿان پيڳي ڀت، ويرين واٽون لائيون.

اڄ گهرجين تون، بداماڻي پونرا،
مٿان اچي مون، ويرين واٽون لائيون.

بداماڻي پونري جي دور ۾ سنڌس پٽ وڪي وريام جي دورڪانپوءِ جڏهن لاکي ڦلاڻي کي اچي لوڙيو هنيون تڏهن کنهن وڏي عمر واري سگهڙ کي چوڻو پيو ته.

پونرا ويو 'پوراڻ' مان، ويو وڪيو وريام،
پيٽي ناهه بدام، تڏهن لاکو ٽولوڙيون هٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**لاکو ڦلاڻي:**

لاکو ڦلاڻي کيهر سمن مان هو، ڀانن جي لکت موجب سندس شجرو هيٺين طرح آهي:

لاکو ولد ڦل، ولد کيهر، ولد منهي، ولد لاکو، ولد لاکيار ولد اوڍو، ولد اوڍار ولد بنت، ولد نوتيار،..   ..

هڪ دفعي جڏهن ڪڇ جي حاڪم راءِ ڪنگهار جاڙيجي، هڪ فيصلي ۾، جيڪو رٻارين ۽ لاکي جي همراهن جي وچ ۾ هو، رٻارين جو طرف ورتو ۽ اڳتي هلي، لاکي جي خاص ساٿين جسي ۽ جسراج کي ماري وڌائون، تڏهن لاکي وري راءِ وٽ پڪاريو، نتيجو وري به رٻارين جي حق ۾ نڪتو، ان تان ڪاوڙجي لوڙائو بنجي نڪتو.

> پڇٽا ڀُلي پير، وڌو راءِ رڪاب ۾،
> ڪڇ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين.

لاکي پوءِ جاڙيجن رٻارين کي اهڙو ماريو، سيٽيو، ڪٽيو ۽ انهن جا ڌڻ هنيا، جو ڀنهي راجن ۾ راڌهو پنجي ويو.

انهيءَ هل هلان واري دور ۾ لاکي ڦلاڻي جسمان نالي هڪ اوڏڻ سان شادي ڪئي ۽ اوڏڻ کي ڏاڍو نوازي، اوڏڻ جي زباني لطيف فرمايو ته:

(لاکي لڄ ڪنئي اسان اوڏڙين جي، ڪندو ڪانه ڀني، اڳ وسوڙل آهيان.)

انهيءَ ئي دور ۾ لاکي نوهٽي جي مهر رائوڙ جا شاديءَ جا رکيل شرط پورا ڪري ان سان شادي ڪئي، شادي بعد هن ۾ ڪجھ ڪچايون ڏسي ڪاوڙيو— جڏهن مهر معافي ورتي ته ان کي بخش ڪري، ڪيس اهڙي محبت ڏنائين جو مهر کي واڪا ڪري چوڻو پيو ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن جي آڏو چوي ٿو تہ

اي منهنجا مير، مديني ڌڻي، مديني جا گهوٽ، مديني جا ڄام، مديني جا مير منهنجا

سڏ سڻ، چو تہ توکان سواءِ منهنجو ٻيو ڪوبہ سهارو ۽ آسرو ڪونهي.

خدا پاڪ جي واسطي منهنجي مدد ڪر، آئون تنهنجي سهاري آهيان

مون کي تو کان سوا ٻيو ڪوبہ نہ سُجهي

تون تہ عامين جو آسرو ۽ آڌار آهين

تون ابوجهن جو آڌار ۽ ڀروسو آهي!

## ۴. واقعاتي ۽ مشاهداتي شاعري:

سنڌ جي اوير ۾ راجستان جي ڀاڱي هڪ اهم خطو آهي، جنهن کي نيڙ چوندا آهن، نيڙ ۾ هڪ وڏ ميلو لڳندو آهي جنهن کي 'والهوٽي' جو ميلو چونداآهن اتي جي زبان ۾ ان کي 'بالهوتري جو ميلو' چون. اتي هڪ وڏو تلاءُ آهي، جنهن ۾ هڪ وڏو پٿر آهي، جيڪو خبر ناهہ تہ ڪهڙي سبب جي ڪري پاڻيءَ ۾ پيو تري.

شاهہ صاحب جڏهن سير ڪري اتي پهتو ۽ اهو پٿر ترندي ڏٺائين تہ هڪدم بيت ڏنائين تہ :

صاحب تنهنجي صاحبي عجب ڏٺيسون،

ٻن ٻوڙين پاتار ۾، پهڻ تارين تون،

جي گهر اچين مون، تہ ميريائي مان لهان

اهو پٿر سنڌ جي ڪيترن ماڻهن ڏٺو آهي، جنهن مان ڪي اڃا حيات آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## خاتمو:

هن سر جو خاتمي وارو بيت، اهڙو بيت آهي، جيڪو واقعي انسان کي سندس خاتمي طرف ڌيان ڇڪائي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته انسان جيڪو وڏو ماڻهو آهي، بهادر آهي، دلير آهي، ڇا جو ڇا آهي، اهوهڪ ڏينهن مٽي مٽي جي هيٺان اچڻو آهي.

اهو بيت هي آهي ته :

ڪڏهن ڳاڙهو ڳهوٽ، ڪڏهن مڙه مقام ۾
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو.

انهيءَ ڏس ۾ هيا پنا به ڪلي اڳيان اچن ٿا ته انسان هتي ڇا لاءِ آيو آهي ڇا پيو ڪري پنهنجي ڊيوٽي ڇو وساري ويٺو آهي.

مس منهن سزا، خوش ٿي گهڻو ڪلن
سي تان وسرين، آيا جن ڪم لئي.

هو "الا يعبُدون" جو سبق وساري، غلط رستي تي هلي بلڪل گمراهَ ٿي ويا آهن.

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نه چڪيو
دنيا ڪارڻ دين وڃائي ولها ٿيا.

دنيا، دنيا آهي، دين، دين آهي، ٻنهي ۾ فلسفو جدا جدا ۽ اهم سبق ڏيندڙو آهي، انسان هتي اهي سڀ ڪم وساري ننڊ پيو ڪري. اهڙي غافل انسان کي لطيف ڏس ٿو ڏي ته

ستي نه سرنديا، ڪر پچار پرين جي،
وهامي ويندا، گهڻا هٿندي هنڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي تان ٽورڙيون، جي پورا پسين پلئين،
راتيون ڏيهون کهٽيون جي تو ايندئي هيڪلي.

آخر جاڳڻ مان ني جس ملي ٿي ۽ سلطاني سهاڳ حاصل ٿئي ٿو.

ستا اٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي هيتري
تو جو سائيه پانيو سو مانجهادي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڏهر

## موضوع، مواد ۽ متن جي ڇنڊ ڇاڻ

شيخ محمد اسماعيل

سنڌ جي اساسي ادب ۾، "شاه صاحب جو ڪلام " ۽ "شاه صاحب جو رسالو" بنيادي حيثيت رکن ٿا. شاه صاحب جو ڪلام سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ هلندڙ دور واري ٻوليءَ ۾ تسلسل جو واحد ۽ مستند ذريعو آهي، نه فقط اهو پر ايندڙ پرآشوب دور ۾ به سنڌي ٻولي ۽ خود سنڌ ملڪ جو وجود به شاه صاحب جي ڪلام جي وسيلي ئي قائم رهندو.

گذريل ٻن اڍائن سَون سالن جي عرصي ۾، شاه صاحب جي ڪلام کي، عقيدت ۽ محبت سان پنهنجي سيهڙيو ويو آهي، ۽ ان جون شرحون پڻ ڪيون ويون آهن. موجوده دور ۾، جڏهن ٻين اڪثر اساسي شاعرن جو ڪلام به اشاعت هيٺ اچي چڪو آهي، انهن جي ڀيٽ مان معلوم ٿيو آهي، ته شاه صاحب کان اڳاٽن توڙي همعصر شاعرن جو ڪلام پڻ مضمون جي هڪ جهڙائي سبب شاه جي رسالي ۾ شامل آهي،هاڻي هن دور جي تقاضا آهي ته رسالي ۾ شامل ڪلام جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، شاه صاحب جي مستند ڪلام کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نروارڪيو ويجي. جيئن تہ اسان جي آڏو اچوڪي محفل جو موضوع سڄو رسالو نہ، پر فقط "سرڏهر" آهي، تنهنڪري انهي سُر تائين پنهنجي ڪاوش کي محدود رکجي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيان نڪتا بحث طلب آهن.پهريون تہ "سرڏهر" جو مفهوم ڇا آهي؟ هيو موجوده ڇاپي رسالن ۾ سر ڏهر ۾ شامل بيتن ۽ واين جو تعداد ۽ ترتيب، ٽيون عنوان جي لحاظ کان سرڏهر ۾ ڪهڙا موضوع هئڻ گهرجن؟ هيٺ هر هڪ پهلو جي قدري وضاحت ڪجي ٿي.

## "ڏهر" بابت وضاحت :

"ڏهر " کي بعض رسالن ۾ "ڏاهر" پڻ لکيو ويو آهي،ڏهر يا ڏاهر جو مفهوم ڇا آهي؟ڇا اهو عنوان سُر ۾ سمايل مضمون جي آڌار تي قائم ڪيو ويو آهي؟ جاگرافيائي اهڃاڻ جو اظهار ڪري ٿو يا موسيقي جي نظام سان واسطو رکي ٿو؟ ان بابت هيٺيان مختلف رايا آهن:

(الف) 'ڏهر' عام طرح تہ واري خطي ۾ هن پٽن جي وچ واري هيٺاهين وسيع ۽ سنئين پٽ کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ برسات پوڻ کان پوءِ پوک بہ ٿيني، تنهنڪري ڏهر کي 'هني' بہ چوندا آهن، جيئن تہ هن سر ۾ لاکي فلاڻي، بداماڻي پنري، جاڙيجن سمن،ريبارين، اوڏن ۽ سنگهارن جا بيت گهڻا آيل آهن، ۽ تاريخي لحاظ سان انهن جو تعلق سنڌ جي ڏکڻ اوڀر واري تر ۽ ڪڇ جي علائقي سان آهي، تنهنڪري انهن موضوعن وارن بيتن ۽ واين جي لاءِ خاص طرح تر جي جاگرافيائي اصطلاح موجب "ڏهر" تجويز ڪيو ويو.(ب )هن سر جي عنوان بابت هيو خيال هي آهي تہ لفظ "ڏهر" اصل سنڌي لفظ "ڏاهہ" مان نڪتل آهي،جنهن جي معنيٰ آهي ڏس،اهڃاڻ،آگاهي،ڄاڻ وغيره،جيئن خليفي نبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُر ڪيءَ انهيءَ لئي يا راڳڻيءَ جي نالي سان ئي سڏيو ويو. انهي لحاظ سان "سُر ڏهر" جو عنوان به هن سُر ۾ شامل بيتن ۽ واين ۾ سمايل مضمون جي لحاظ سان نه، پر اُن "راڳ" يا "راڳڻي" جو نالو آهي جنهن ۾ اهو ڪلام ڳايو ويو.

'سرڏهر' سنڌ جي قديم موسيقيءَ جي نظام ۾ هڪ راڳڻيءَ هجڻ جي تصديق هن مثال مان به ٿئي ٿي ته گذريل ڇهن پنجن صدين کان وٺي، سنڌ ۾ سهرورديءَ سلسلي جي بزرگن وٽ ذڪر فڪر جا بيت ۽ وايون "سرڏهر" ۾ آلا پيا ويندا هئا. انهي ڪري پوءِ ذڪر جي اهڙن بيتن ۽ واين کي سڏيائون ٿي "ڏهر" جا بيت ۽ وايون "سنڌ ۾ سهروردي بزرگن ۽ فقراءَ جي طريقت جو سلسلو ملتان جي بزرگ غوث بهاءالدين ذڪريا سان منسلڪ رهيو آهي، تنهنڪري اڄ به غوث جا پانڌيئڙا، اهڙن آستانن ۽ درگاهن تي "ڏهر" چوندا آهن.

رسالي ۾ شامل سرن مان، جيڪي ڪلاسيڪي موسيقي، توڙي سنڌ جي عوامي موسيقي مان ورتل آهن، تن مان ڪي سُر اسان کان گم ٿي چڪا آهن، ڇاڪاڻ جو پوين ٻن سَون سالن جي عرصي اندر 'شاه جي راڳ' ڪندڙن کان اهي وسري ويا. ايتري قدر جو اڄ اهي پنهنجي اصل صورت ۾ سنڌ جي ڪنهن به حصي ۾ ڳايا ڪين ٿا وڃن. سر ڏهر به اهڙي راڳڻي آهي جيڪا گم ٿي چڪي آهي. ان جو اثر غوث جي فقراءَ تي پڻ پيو، جنهنڪري اهي به غوث جا ڏهر ٻئي ڪنهن عام رائج سُر ۾ ڏيندا آهن.

## رسالي جي مختلف روايتن موجب سرڏهر ۾ بيتن ۽ واين جو تعدا د ۽ ترتيب:

رسالي جا جيڪي ڇاپا دستياب آهن،تن مان ڪم از



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪم ٿي اهڙا رسالا آهن جن ۾ سرن جو تعداد ۽ ترتيب، بيتن ۽ واين جو تعداد مختلف آهي، انهن مان هڪ بمبئي وارو ڇاپي رسالو آهي، جنهن ۾ ٣٦ سُر ۽ تقريبا چار هزار ٿي سؤ بيت ۽ وايون شامل آهن، پهريون بمبئي ڇاپو ١٢٨٣ھ/١٨٦٧ع ۾ بمبئي مان ڇپيو. اهو رسالو پوءِ نه رڳو شڪارپور ۽ حيدر آباد ۾ ڇپبورهيو، پر ان تان ترتيب ڏنل ٻيا رسالا به ڇپبا رهيا. سرڪاري ڇاپو، قليچ بيگ وارو ڇاپو ۽ شاهواڻي وارو رسالو به گهڻو ڪري بمبئي ڇاپي جا نقل يا ان تان ترتيب ڏنل آهن.

ٻيو رسالو، ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق سان، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو ڇپايل آهي، جيڪو ١٢٦٩ ۽ ١٢٧٠ھ/ ١٨٥٢ع ۽ ١٨٥٣ع جي لکيل ٽن قلمي نسخن کي پيڙهه تيار ڪيل آهي، هن رسالي ۾ ٢٤ سُر،اندازا ٽي هزار چار سؤ بيت ۽ وايون شامل آهن.

ٽيون رسالو به، ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق سان ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو ڇپايل آهي، جنهن جو مدار١٢٠٧ ھ ڌاري يا ان کان اڳ جي لکيل قلمي نسخن تي آهي. هن ڇاپي جي ڪن قلمي نسخن ۾ وڌ ۾ وڌ ٢٨ سُر ۽ ٻن هزارن جي اندر بيت ۽ وايون شامل آهن. خاص نُڪتو هي آهي ته اهي رسالا سر سسئي سان شروع ٿين ٿا، جڏهن ته مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي رسالن جو پهريون سُر "ڪلياڻ" آهي.

تحقيق جي لحاظ سان، شاهه جي سموري ڪلام، يا رسالي جي ڪنهن به سُر جي بيتن ۽ واين جي تعداد، ترتيب ۽ سُر ۾ سمايل موضوعن جي مطالعي لاءِ انهن ٽن بنيادي روايتن وارن ڇاپن جو تجزيو نهايت ئي ضروري آهي. جيئن ته اسان جو موضوع سُر ڏهر آهي، تنهنڪري ٽنهي رسالن مان هر هڪ جي سر ڏهر ۾ شامل بيتن ۽واين،توڙي انهن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمايل عنوانن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

(۱) بمبئي ڇاپو

هن رسالي ۾ سر ڍهر ڇٽن داستانن ۾ ورهايل آهي، ۽ انهن ۾ ۱۵۰ بيت ۴ وايون شامل آهن. رسالي جي ٻين اڪثر سرن ۾ گهڻو ڪري بيتن ۽ واين جو مضمون يڪو ساڳيو آهي پر هن سر ۾ بيتن ۽ واين جو موضوع هڪ ساڳيو نه،پر گهڻن موضوعن ۾ ورهايل آهي، جيڪي هن طرح آهن:

-پُراڻ درياءَ ۽ اڻ جي شاخن، پنيهل، ڏاڪي، ڏليار وغيره جو سُڪڻ ۽ دريا جو رخ بدلائڻ.

-پنيهل ڏوري جي ڪنڌيءَ تي بيٺل ڪنڌي جي وڻن جي قدامت .

-سمي سردار جسوڌڻ راءِ جو دور.

-پُراڻ ڏوري جي ٿانگهي پاڻي ۾ رهجي ويل مڇ.

-مديني جي مير(صلي الله عليه وسلم)کي مناجات.

-مُهراڻي جي ڪنڌيءَ تي ويٺل پورهيتن جا پار.

-صاحب جي عجب جهڙي صاحبي(قادر جي قدرت).

-ٻاجهاري جي ٻي انت ٻاجهه.

-ڪاڻياريءَ جي عيبن ڏڪڻ وارو ڪانڌ(ستار).

-نياڪي ننڍ جي اثر هيٺ مقصد کان محرومي.

- ڪاڇي جي سورهيه بداماڻي پنري کي واهر لاءِ سڏ.

-ڪونجن جي ٻي وطني،چُوڻي خاطر سانگ سفر ۽ دغاباز ماري هٿان سندن موت.

-ڪاڇي جا مالوند سنگهار، خوشحالي سبب مٿن مارو.

-لاکي ڦلاڻي جو لوڙهيون، لاکي جو اوڏن تي هٽ، لاکي جي سخاوت جا شاهد پُراڻ ۽ پَٻ.

-دنيا جي بي ثباتي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي رسالو، شاهه صاحب جي وفات کان هڪ سؤ سال بعد ۾ جنهن ڪاتب لکيو، تنهن غالبا ان دور جي لکيل ٽن قلمي نسخن کي پيٽي هي رسالو ترتيب ڏنو. انهن نسخن ۾ ڪي اهڙا بيت، جيڪي ٻين نسخن ۾ نہ هئا، ڪاتب اهي بيت بہ چونڊي هن ڇاپي ۾ شامل ڪيا، جنهن ڪري بيتن جو تعداد بہ وڌيو تہ انهن بيتن ۾مسايل موضوعن ۾ بہ واڌ آئي. اهڙيءَ طرح هي سُر گهڻن موضوعن وارو بنجي ويو. ان جي تصديق انهيءَ ساڳئي دور جي لکيل ٻين قلمي نسخن مان ٿئي ٿي، جن مان ٽن رسالن کي پيٽي ڇاپيو ويو آهي، جنهن جو تفصيل هيٺ شامل آهي.

## ٽن قلمي نسخن تان ترتيب ڏنل رسالو

هن رسالي ۾ سر ڏهر چئن داستانن ۾ ورهيل آهي، ۽ انهن ۾ ۱۱۸ بيت ۳ وايون شامل آهن. يعني تہ ساڳئي دور جي بمبئي واري ڇاپي رسالي کان ۲۲ بيت ۽ هڪ وائي گهٽ. ليڪن هن رسالي ۾ بمبئي ڇاپي وارا فقط ۹۶ بيت ۽ ۳ وايون ساڳيون آهن، باقي ۲۲ بيت اهڙا آهن جيڪي بمبئي ڇاپي ۾ شامل نہ آهن، يعني تہ اهي نوان ۽ وڌيڪ بيت آهن،بيتن جي انهي گهٽ تعداد جو اثر موضوعن تي بہ ٿيو ۽ ڪي نوان موضوع بہ هن سر ۾ اضافو ٿيا. مثلا هن رسالي ۾ هڪ تہ مُهراڻي جي ڪنڌيءَ تي ويٺل پورهيتن جي ذڪر وارا بيت شامل نہ آهن، ٻيو تہ ٻين موضوعن مان ڪي بيت گهٽ آهن. البتہ انهن جي جاءِ تي سسئي جي موضوع جا هيٺيان بيت اضافو ٿيا آهن:

ڪيچين ڪارڻ ڪال، نيڻ نهارا مون ڪنا
ايندا پسان شال، اوٺي آري ڄام جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اويٺن ڪارڻ اڄ، نيڻ نهارا مون ڪنا
پنهون چام پهچ، تہ لايون اڄ اکين جي.

نيڻ جي نهارين، سي اڄ نہ اوني آئيا
هنجهون نہ وَسائين، پاڙي پنوه چام جي.

نيڻ نهاري منهنجا روئي ٿنا رت
پنهون چام پهت، پاڙي نِيَن پاڻ سين.

نيڻ نهاري منهنجا، روئي رت ٿنا
جي هٿان هوت وئا، سي اچن تہ آجي ٿيان.

نيڻ نهاري منهنجا رت ٿنا روئي
ڏکن جي ڏوئي ،آهي هٿ اسوند جي.

ڏونگر لڳن ڏينهن، مانَ وَڙکن سپرين
ڪيس نهالي نينهن، آيل ٻاروچن جي.

## "سر سسئي" سان شروع ٿيندڙ رسالو

هي رسالو دراصل ڏهن قلمي نسخن کي پيٽي ترتيب ڏنل آهي، جيڪي نسخا غالبا شاه صاحب جي حياتيءَ ۾،يا سندس وفات کان پوءِ ۴۲ سالن اندر لکيا ويا. اهي سر سسئي سان شروع ٿين ٿا. انهن نسخن مان ٽن نسخن ۾ سر ڏهر شامل نہ آهي، ممڪن آهي تہ انهن مان اهي ورق ضايع ٿي ويا هجن. باقي ڇهن نسخن مان هر هڪ ۾ بيتن جو تعداد مختلف آهي.جيئن تہ هڪ نسخي ۾ وڌ ۾ وڌ ۴۸ بيت اوائلي آهي، تہ ٻنهي رسالي ۾ گهٽ ۾گهٽ ۲۱ بيت شامل آهن،وري ڪي بيت هڪڙن نسخن ۾ آهن تہ ٻين ۾ ناهن،تنهڪري انهن کي پيٽي،نسخن ۾ شامل سيني بيتن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گڏ ڪرڻ سان ٧١ بيت ۽ ۴ واين جو تعداد بيهاريل آهي،
انهن مان هر هڪ بيت ۽ وائي ڪيترن نسخن ۾ موجود آهي،
ان جو تفصيل پڻ دلچسپي کان خالي نه ٿيندو

اهي بيت جيڪي ڇهن نسخن ۾ موجود آهن ١٧ بيت
اهڙا بيت جيڪي پنجن نسخن ۾ موجود آهن ١٠ بيت ۽ وائي
اهڙا بيت جيڪي چئن نسخن ۾ موجود آهن ۵ بيت
اهڙا بيت جيڪي ٽن نسخن ۾ موجود آهن ١٢ بيت
اهڙا بيت جيڪي ٻن نسخن ۾ موجود آهن ١ بيت
اهڙا بيت جيڪي فقط هڪ رسالي ۾ موجود آهن ٢۴ بيت ۽ ۴ وايون

انهي جائزي کان پوءِ سر ڏهر ۾ شامل بيتن جي اصل تعداد ۽ انهن ۾ سمايل موضوعن بابت هيٺيان نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا ته:

(الف) سر ڏهر ۾ اصل بيتن جو تعداد اندازا ۴۵ کن هو، جن ۾ پوءِ هڪ سؤ سالن بعد اضافو ٿيو.

(ب) ڍوري، پٽيهل يا دريا جي رخ بدلائڻ، توڙي ڍوري جي ڪپ تي بيٺل ڪنڌي جي وڻن وارا بيت به پوءِ جو اضافو آهن.

(ج) جسوڏڻ، اوڏن، مهي وغيره جا بيت به هن سر ۾ بعد ۾ وڌايل آهن.

ٽنهي ڇاپي رسالن، جن کي اسان رسالي جي بنيادي روايتن طور پيش ڪندي، انهن ۾ سمايل موضوعن ۽ مواد جي نوعيت جو جائزو ورتو آهي، ان بابت اڃان به ڪجھ وڌيڪ وضاحت جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي ته ٽنهي روايتن ۾ بيتن ۽ واين جو نمايان فرق وڌو مونجهارو پيدا ڪندڙ آهي، جو هڪ ته اوائلي دور جي رسالن (جيڪي غالبا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاه صاحب جي حياتي ۾ يا انجي وفات کان يڪدم پوءِ قلمبند ٿيا) ۾ شامل ١٩ بيت ۽ ٻه وايون ستراسي سال پوءِ جي ڪاتبن رسالي مان ڇوڪيڊي ڇڏيا؟ ٻيو ته وڏيڪ بيتن جو زخيرو ڪٿان آيو؟ وري ٻئي رسالي ۾ جيڪي بيت اضافو ٿيا انهن مان گهڻا ٽئي رسالي( بمبئي ڇاپي) ۾ شامل ڇو نه آهن؟ هڪڙو عام پڙهندڙ، محبت ۽ عقيدت وچان ته رسالي ۾ شامل سمورن بيتن ۽ واين کي شاه صاحب جو ڪلام سمجهندو رهيو آهي، پوءِ ڪٿي انهن ۾ ٻين شاعرن جو ڪلام ڇو نه هجي؟ عام پڙهندڙ ته رسالي ۾ ٻئي ڪنهن شاعر جو ڪلام شامل هئڻ واري ڳالهه کي قبول ئي نه ڪندو، پر ڪيتراپڙهيل لکيل به انهي خيال جا آهن ته رسالي ۾ سمورو ڪلام شاه جو آهي. جن بيتن ۽ واين ۾ جن ٻين شاعرن جا ڇاپ پڌرا نالا آهن، اهي شاه صاحب جا فقير هئا، جن جا نالا شاه صاحب محبت خاطر پنهنجن بيتن ۾ وڌا. حالانڪ موجوده تحقيق جي بنا تي اسان سيني کي خبر آهي ته بذات خود اهي جدا جدا شاعر آهن، جيڪي شاه صاحب کان اڳ جا هئا،يا سندس همعصر هئا. انهنجي چونڊ ڪلام کي پوءِ ڪاتبن شاه جي رسالي ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

## سر ڏهر جي اصل بيتن جو تعين

مٿين جائزي مان سرڏهر جي موضوع بابت معلوم ٿيندو ته "ڏهر" قديم سنڌي موسيقي نظام جي هڪ راڳڻي جو نالو آهي، جيڪا هن وقت اسان کان گم ٿي ويل آهي، هيءَ راڳڻي مدح،مناجات، مرشد جي ساراه،سلوڪ جي راه جي پانڌيئڙن جي سڪ، غفلت کي ڇڏڻ ۽ موت جي برحق هجڻ جي اظهار لاءِ مخصوص هئي، انهيءَ لحاظ سان هن سُر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شامل بيت ۽ وايون بہ انهي مخصوص مضمون واريون هئڻ لازمي آهن. انهي نڪتي جي مدنظر جائزو وٺجي ٿو تہ فقط اڳاٽن رسالن ۾ بي انهي مقصد ۽ مفهوم سان ٺهڪندڙ بيت موجود نظر اچن ٿا. اسان جي خيال ۾ اهي ٺي سر ڏهر جا اصل بيت آهن، جن ۾ پوءِ مڪ صدي گذرڻ سان ٻين عنوانن وارا بيت ڪثرت سان شامل ڪيا ويا. جيئن مٿي تفصيل مان ظاهر ٿيندو تہ اهڙن اصل بيتن جو تعداد وڌ ۾ وڌ ۴۵ ڪن آهي. هيٺ انهن بيتن مان چونڊ بيتن کي موضوع مطابق ورهي رکيو ويو آهي.

ڏلڙيءَ جي ساراہ

مِٺو جئن نالو ۽، تئن مون وڏو آسرو
ڪونهي ڏرجهو ۽، مون در گهٽا نهاريا.

ڪاٺياريءَ جي عيبن ڍڪڻ وارو ڪانڌ (ستار)

ستر ڪر ستار، آءٌ اگهاڙي آهيان
ڍڪين ڍڪڻهار، ڏيني پاند پناه جو.
ڪرڪو پيرو ڪانڌ،نماڻيءَ جي نجهري
پڪي چڱا پاند، ڳنڍ نہ ڇاڙان ڪو هيو.

مناجات (مديني جي مير کي سڏڙا)

مديني جا مِير، سڻ منهنجا سڏڙا
جي لڳا تنهنجي سِيرَ، سي پار لنگهائج پهيڙا.

مرشد جي اچڻ جي آس

ڏلڙي سو واريين واءُ، جو ميڙانو سڄڻين
وَنهين واٽ سٽان، هينڙي آسر نہ لهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سلوڪ جي راھ ڏسيندڙن جي تلاش

جهوڪون نہ جهٽڪن، وڳ نہ پسان وٽ ۾
آيل سنگهارن، جيڪس چِتاڻو چِت ڪيو.

جهڄان پسئو جهوڪ، آيل سنگهارن جي
جني پهي پياريا، منجهان مَٽن موڪ
لڏي وچان لوڪ، اُني وڻڙا اُڪري.

بي ثباتيءَ ۽ بيوسي جي ڪيفيت

اڄ پڻ هلڻ هاريون، روھ راماڻا ڪن
ڪر ڳل ڪونجڙين، رائي ۾ رات ڪيو.

غفلت کي ڇڏڻ

نٽن ۾ ننڊون ڪن، وير ورنديني وسيرا
اُتان اسارن، وڳي وَھ واڪا ڪيو.

موت جو برحق هجڻ ۽ اوچتو ڪڙڪي اچڻ

پکو اڏمَ لانڊ، ڊکهي اڏمَ مَنهين
لڏئوتن ورانڊ، جني صباحٽي اڏئو.

لاڪا لڄ سنديا ءِ، آءَ اوڏا ڳلي آهيان
پکا سي پرتاءِ، جي اجهي تنهنجي اَڏيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪرا وينڻ ڪنڪهار ڪي...
## (سر ڏهرجا تاريخي ڪردار)

محمد حسين ڪاشف

سر ڏهر ۾ سمايل موضوعن تي غور ڪجي ته نهايت وسيع معنيٰ ۽ نڪتن وارا موضوع آهن، جن ۾ هر موضوع تفصيل جو محتاج آهي. هت مجموعي طور هن سُر جي مطالعي کي پيش ڪجي ٿو:

هن خطي ۾ مهراڻ جي موجن جو جڏهين آب تاب هو ته پٽيهل ۽ پراڻ جويٽ، ڏاڪي ۽ ڏليار جون وَسنون، مهراڻ ڏوري ۽ جهول جون ڪنڌيون ۽ ڪنارا، سر سبز ۽ ساوا هئا. جتي انن جا انبار، کير ڪٿي جاڪوڙ ۽ مالوندن جا ميڙا هوندا هئا. ايئن محسوس ٿيندو هو ته هي جنت ارضي جو مقام آهي. جيئن ني انهن ورن ۽ وهڪرن رڙهڻ ۽ ريٽڻ رخ بدلايو ته هتان جي سون ورني سيم ويران ۽ اجاڙ ٿي ويني. لطيف جڏهين انهن ماڳن کي ڏٺو ته بي ساخته چئي ڏنائين ته.

١. پٽيهل تو ۾ پور، اڳيون آه نه آب جو،
سڪين کهڙي سور، پيئي واري وچ ۾.

٢. سڪي ڏور ڏيون ٿيو، ڪنڌي ڏنو ڪنو،
پاڻي پٽيهل ۾ اڳيون نه آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهن ميڙائو، ڪنهين، ڪنهين پيٽين.

٢. سچ ڪ سکو ڍور، ڪنڌي اڪ ڦلاريا
جنگن چڙهيو زور، سر سکو سونگي گيا،

پٽيهل، جسودڻ ۽ ڪنڌي ڪي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. مشاهدي کان پوءِ تخيل جي دنيا ۾ لطيف جي گفتگو نهايت ئي معنيٰ خيز ۽ ڳوڙهي ويچار ۽ سناءِ واري آهي، جيڪا هڪ طرف تاريخ جي مشاهداتي عنصر کي ظاهر ڪري ٿي ته ٻئي طرف معروضات تان، پردو لاهي سوچ جو سامان مهيا ڪري ٿي ۽ جي ڪيفيت کي ڏسندي ان کي وقت جي رفتار سان تعبير ڪيو اٿس ته جڏهن واهڙ وهيو پئي ۽ ان جي برهاڙي جو ٻهور هو تڏهن توکي سانگهاري جي سوچ نه پئي. هاڻي ملاحن جون مهميزون جهلڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه آهي.

جا واهڙ ۾ وهه، تان تون ۾ نه موٽيو.
ڪائي ۾ ڪوهه ڪرين پوءِ موٽڻ جو پهه،
هاڻ سر متي سهه، مهميزون ملاحن جون

هن سُر ۾ اسان کي جسودڻ آگري جو ذڪر ملي ٿو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ اگڙي جي پٽ جو وس وارو هو. جنهن جي شريڪ حيات مرد ٻت راڻي ته ڌي نوري نالي هئي جڏهن سمي سردار هتان جسودڻ راءِ مارجي ويو ته مان پيري مرد ٻت نوري کي ساڻ ڪري اگڙي ۽ پٽيهل ڍوري جي جهيرن، گندرن، ملاحن ۽ مهاڻن کي ساڻ ڪري وڃي ڪينجهر جي ڪنڌي کي وسايو جتي سنڌ جي رومانوي تاريخ جي مشهور داستان "نوري ڄام تماچي" وجود ورتو، جنهن کي لطيف سُر ڪاموڏ ۾ بيان ڪيو آهي. جسودڻ راءِ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شخصيت کان لطيف ايترو تہ متاثر آهي جو ڪنبي کان ان بابت پڇي ٿو ۽ ڪيس ڏوراپو ڏيئي چوي ٿوتہ تون اڃا بيٺوآهين ۽ انهي سور ۾ سڪو نہ آهين. پرين پڄاڻا سڪي پانگهو نہ ٿيو آهين. اهو سڀ جسوڌڻ جهڙي مانائتي شخصيت جي انهي پيار ۽ ان جي اڏول شخصيت ڏانهن ان جو ڌيان ڇڪائڻ آهي، جنهن لاءِ لطيف ڪي دل ۾ هڪ قسم جي انسيت نظر اچي ٿي. اها الفت ۽ پاٻوهہ جسوڌڻ جي انهي قومي ڪردار جي بنياد تي هئي، جنهن ۾ هن سمن آڏو سر نہ جهڪايو ۽ مرندي تائين مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي شخصيت کي امر ڪيو. جنهن لطيف جهڙي باڪمال شاعر کي بہ سوچڻ تي مجبور ڪري وڌو.

ڪنڌا تون ڪيڏو، جڏهن پريو ڀور وهي.
جسوڌڻ جيڏو، تو ڪو ڳڏيو پهڙو.

جسوڌڻ جيها يار، پيا وير وماس ۾

تحفت الڪرام جو مصنف سمن جي دور حڪومت ۾ سنڌ اندر ستن راڻن جي هيٺاين حڪومتن جو ذڪر ڪري ٿو. يا اينئن چنجي تہ سمن جي حڪومت جي وفاقي طرز جي هئي، جنهن ۾ ننڍيون، ننڍيون راڄڌانيون اندرين معاملن ۾ خودمختيار هيون باقي ٻاهرين انتظام ۽ بچاءَ ۾ مرڪز سان ٻاڳي ٻانيوار هيون. اهڙن حاڪمن ۾ جسوڌڻ اڳرو، بداماڻي پنرو، لاکو ڦلاڻي وغيره اچي وڃن ٿا. جيڪي پنهنجي معاملات ۾ آڳ واڳ ۽ وس وارا هئا. بدام جو پٽ لاڙ جي تاريخ جو اهو ماڳ آهي، جيڪو قومي غيرت ۽ حميت، وفاداري ۽ پنهنجي ڌرتي سان هميشه وفا شعاري جو سبق ياد ڏياريندو رهي ٿو. بداماڻي پنري سمن جي دور ۾ سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي فيروزشاھ تغلق جي ڪاھن ۽ ارغونن ۽ ترخانن جي اره زوراورين جي سلسلي ۾ پنھنجي ڌرتي ۽ ڌرتي وارن لاءِ جو ڪجھ ڪيو، ان جي ڳالھين لطيف کي متاثر ڪيو ٿو ھوندو. اھوئي سبب آھي پنھنجي دور ۾ مغل صوبيدارن جي ظلم ۽ ڪلھوڙن جي ناپخته سياسي عمل سبب سنڌ جي ماڻھوءَ جي جيڪا حالت ڪين نظر آئي ۽ پاڻ ان کي جنھن طرح سان محسوس ڪيائون انھي سندن ذھن ۾ پُنري بداماڻي جي ياد کي تازو ڪري وڌو ته اڄ جيڪڏھين "پنري بدامَاڻي" جھڙا مانجھي ۽ مٿير، دودا ۽ دلير مھمير مڙس ھجن ھا ته ھيئن مغل صوبيداريون، سنڌ جي پينگ ڪونه ڪن ھا. جيئن پاڻ فرمايئن ٿا ته

١. اڄ گھرجين يار، بداماڻي پنرا
ڪاڇي ھيني پار، اڇي ويرين ويڙھيا.

٢. اڄ گھرجين تون بداماڻي پنرا
مٿان اڇي مون، ويرين واٽون لاٿيون.

٣. اڄ گھرجين ھت، بداماڻي پنرا
مٿان پيڳيءَ پت، ويرين واٽون لاٿيون.

"پداماڻي پنرو" لطيف جو اھو ڪردار آھي، جيڪو اسان کي تاريخ سان مھاڏو اٽڪائيندڙ نظر اچي ٿو. جنھن وٽ پنھنجي ڌرتي لاءِ پيار آھي ۽ ھو ان جي بچاءَ ۽ بقاءَ ۾ اڳرو نظر اچي ٿو. ھن جو وجود وقت جي ضرورت آھي، جيڪو ھيٺي ٻانھن ڏيني ويرين سان ويڙھاند ۾ پاڻ اڇلي، سنڌ جي ستر لاءِ اٿل ۽ اڏول بنجي وڃي ٿو. ھو ھڪ قوت آھي. ھڪ يلغار آھي. ھڪ سپر ۽ ساڃاھ جو سِنبل آھي. غالبا پنھنجي ملڪي بچاءَ خاطر ويرين سان وڙھڻ واري عمل جي ڪيفيت کي لطيف سريمن ۾ بيان ڪيو ٿو ڀانئجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ۾ "پنري" جهڙين ڀين ڪردارن ۽ انهن جي سرويچ ساٿين ۽ پهلوان پاڻڌين جو ذڪر ڪيو اٿس. "بداماڻي پنرو" لطيف جو امر ڪردار آهي، جنهن جي ڪاله به ضرورت هئي ۽ اڄ به ان جي موڪڻ جي مهل آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ جو سرير ويرين سان ويڙهيل آهي ۽ پنري جهڙا پٽ ان کي انهي رتول رڻ مان ڪڍي سگهن ٿا.

سُر ڏهر جي عام اڀياس ۾ لاکي جو تصور ۽ ذڪر سڄي سُرتي ڇانيل نظر اچي ٿو؛ ڇاڪاڻ ته لطيف "لاکي" کي تمام گهڻين نسبتن سان بيان ڪيو آهي. خصوصا (الف) لاکي جون لوڙهيون هٽڻ (ب) سنڌس اوڏڻ سان عشق ۽ اوڏن تي مهر جو هٿ رکڻ (ٿ) ڪاڇي جي مالوند سنگهار ماڻهن جي آسودگي سبب مٿن ماروڪرڻ (ج) ربهاري قوم جو ذڪر وغيره. سنڌو دريا جي هيٺين مختلف وهڪرن جهڙوڪ جهول، پنيهل، ڏاڪي، ڏليار، پراڻ ڍورو سبب سنڌ جو ڪاڇيلڻون ڀاڱو ڪڪرالي ڪان ويندي ڪڇ ، ڍٽ، وٽ، مهراڻو، ولهار ۽ هيٺ پارڪر ڪان پرتي گجرات جي گامن تائين هڪ سٺي پن چري جي حيثيت رکندڙ هو، جنهن ۾ مالوند ماڻهن جا ميڙا ۽ هونگر هوندي هئي. ڇو ته هڪ سٺو چراگاه سنڌن حوالي هو، جتي هو پنهنجو گذر پيا ڪندا هئا. سنڌن مگ "سارو سنگهار" هو. هي طبقو مال جي سهوليت سببان پڊ به پيو بدلائيندو هو. سنڌ جي سنگهارن جي خوشحالي جيڪا لطيف بيان ڪئي آهي، اها ان دور جي سماجي زندگي جي عڪاسي ڪندڙ آهي، جنهن ۾ کير، مکڻ، ڏڌ ۽ انت هو کير جي ايتري ته گهڻائي هئي، جو انهن جي ولوڙڻ لاءِ ماٽيون پوريون نه پونديون هيون ۽ مٿن ۾ کير ولوڙيو ويندو هو. خميس جي وارتي ماٽين ۾ منڌي ڪانه وڌي ويندي هئي ۽ کير خيرات ڪيو ويندو هو، جنهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر هنڌ ريل ڇيل هوندي هئي. ايئن پيو معلوم ٿئي ته
ڪر ڪير جون نديون نمي پيل هيون.

١. ڪير ڪريندي ريس، آيل سنگهارن سين
جنهين جي خميس، واريٽون واري ڇڏيون

٢. ڪير ڪريندي ريس، آيل سنگهارن سين
جنهين جي خميس، منڌي مور نه مٽ ۾

٣. منڌيون مٽ گڙن، جهوڪ پہ سونهن پيهڙا

چامر لاکو سنڌ ڌرتي جو اهو ڪردار آهي، جنهن کي لطيف تمام گهڻي اهميت ڏني آهي. خصوصا هن جون لوڙهيون هٽڻ. لاکي جو لوڙهين جو عمل جيڪڏهين ظالمانه هجي ها ته يقين آهي ته لطيف ان کي هرگز، هرگز انهي طريقي سان بيان نه ڪري ها. لاکي وٽ جت لوڙهين جو عمل نظراچي ٿو، اتي هن وٽ سخاوت جي بہ سرواڻي آهي. ٻئي متضاد عمل آهن ۽ نهايت غور طلب ڳالهه آهي. لوڙهين جي واقعن ۾ لاکي جي بهادري بکندي نظر اچي ٿي، جنهن کان ڪوٽ ڏاڻي پيا ڪنبندا هئا. ٻئي طرف اهو طبقو جنهن جي مال تي مارو هو ۽ جن جون لاکي لوڙهيون ٺي هنيون انهن جي بي وسي نظر اچي ٿي. لاکي جو دهمان ۽ ڌهڪاءُ ايڏو ته هو، جو جڏهن اهو واءُ ڪن پوندو هو ته لاکو، لکي تي چڙهي لوڙهين هٽڻ لاءِ نڪتو آهي ته ماٺهو پنهنجي مال جي واهپ ڇڏي هليا ويندا هئا. ڪيئن بانڪا ۽بهادر سامنهن ٿيا هوندا پر لاکي انهن ورياسن جا بہ ور لاهي ڏڻ، ڏُٽي ۽ چونبدي ڪاهيا هوندا. جيئن لطيف جي بيتن مان ظاهر آهي.

جيئن مون پهرئين عرض ڪيو آهي ته لاکي جي لوڙهين هٽڻ جو عمل غور طلب آهي! تاريخي حالات جي بنياد تي اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاکي جي مجبوري هئي؛ چاڪاڻ ته هڪ واڻ سمن سردارن جو گهر قتل ٿيو. جن مان ڪن فيروز شاهه تغلق جي مقابلي جي سگهه نه ساري ڪڇ جي ڪنڌ وڻي وڃي ويٺا،چام جوٽي جي ڪري سنڌ سان جيڪو حشر ٿيو اهو تاريخ جي صفحن تي ظاهر آهي.اينئن پئي لڳو ته هن سان وٽي سنڌ کي تلف تاراج ڪرايوپيو وڃي. تاريخ ۾ ٽپيڪل ٽائيپ يعني وڏيري طبقي جي هميشه اها ذهنيت رهي آهي ته اقتدار يا ڪا به ڳالهه، جي هن جي هٿ نه آهي ان جي ڪري قوم تباهه ٿئي ته ڀل ٿئي. اها ذهنيت ان وقت به موجود هئي جنهن تغلقن، ارغونن ۽ ترخانن کي سنڌ ۾ هٿي ڏني ۽ ويل وهايا. اڄ به سنڌ جو انهي قسم جو طبقو قومي بقاءَ کي پاسيرو رکي انهي عمل جو ورجاءُ ڪندڙ آهي. سنڌ تي ان وقت جي لاڳيتين ڪاهن ۽ حملن سبب اقتصادي بدحالي جو دور هو، جنهن ماڻهن ۾ غير يقيني جي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي. ان کي بحال ڪرڻ، ماڻهن ۾ اعتماد قائم ڪرڻ ۽ انهن جو اقتصادي پورائو ڪرڻ. اهو ئي سبب آهي جو لاکي پنهنجي تر جي خوشحالي لاءِ لوڙهيون هنيون ۽ ان جي تقسيم لاءِ ڏان ڏيڻ جو طريقو اختيار ڪيو ته جيئن ماڻهو پنهنجي پيرن تي بيهي ۽ اڳتي پنهنجي زندگي گذارڻ جي طريقي کي بهتر طور اختيار ڪري سگهن. اها لاکي جي سياسي بصيرت هئي، جنهن سخا جي سپر سان پنهنجي تر جي ماڻهوءَ کي زندگي جي مشڪل دور مان ڪڍي عام سطح تي آندو.

سماجي اڏاوت جي سلسلي ۾ تاريخ جي فلسفي مطابق قومي بچاءُ جي صورت ۾ ڪن طبقن تي ا ثرپوي ٿو، جيڪو يقيني آهي. لاکي جي پنهنجي دائره اختيار تر جي جوڙ جڪ لاءِ سنگهارن تي تمام گهڻو اثر پيو ۽ چاڪاڻ ته ڪڇ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راجا ڪان پوءِ اهوئي طبقو سهر سپاهيُو هو، جنهن تي مارو ٿيو، جنهن ۾ ريباري به اچي ويا. ريباري قوم سرين جي شاخ آهي، جيڪا پڻ مالوندو هئي. هن قوم جو حسن ۾ هڳاءُ هڪ مثالي حيثيت رکي ٿو. جيڪو ڪاله به پنهنجي اوج تي هو ۽ اڄ به پنهنجي اوج تي آهي. هي قوم زالين مڙسين بهادر ۽ بيباڪ هئي ۽آهي. لاڪي جڏهين هن قوم تي لوڙهيون هنيون تڏهين انهن جي وڻين "ڪنگهار" کي جيڪو ڪڇ جو حاڪم هو ۽ سندن سنڀالو هو، ان کي جنهن انداز سان دانهن ڏني ان ۾ سچائي ۽ معصوميت جو عنصر بکندو نظر اچي ٿو.

ڪراوڻ ڪنگهار کي، چنچل ايپي چُوءِ،

ان سان گڏوگڏ اهو به محسوس ٿئي ٿو ته سندس مقصد ڪڇ جي ڪنگهار جسراج کي زير ڪرڻ هو، پر جيڪڏهين ان کي نظرانداز ڪجي ته پوءِ اهو ثابت ٿو ٿئي ته دهشت ۽ ڏهڪاءُ ذريعي ان جي انهن حملن جي روڪ ٿئي، جيڪي هن خود سنگهارن تي ڪيا ٿي.

"جتن ۽ جاڙيجن سان صلح ڪر سنگهار".

لاڳيتين لوڙهين سميت اهو نتيجو نڪتو جو ڪنگهار کي سنڌ جي حد اندر ٿيپي اچڻ جي همت نه ٿي ۽ سنگهارن جي طبقي کي جيڪو ارڏو ۽ اڙٻنگ هو ان کي لاڪي سان صلح ڪرڻو پيو ۽ لاڪي کي بعد ۾ لوڙهين جي ضرورت نه پئي. سنگهارن کي پنهنجي ملڪ جي لڳاءُ لاءِ وانڊيون ۽ وس آجا ٿي مليا ۽ سنگهار سرها ٿيا، جيڪي ٻيلي جي ٻنهي پاليسي ورهائجي ويا هنا. اهي پنهنجي ماڳن موٽيا.

لاڪي لوڙهيون ڇڏيون، سرها ٿيا سنگهار،
چٽائي چوڏار، وانڊيون وس چرنديون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاهه عبداللطيف جي ”سر ڏهر“ جو

## تاريخي پس منظر

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

ماري مرين شال! ڏيہ ويڄنئي ڏيہون،
جنن تو اڇي ڪال، وڏو وچ ورهن ڪي (ع-١٩)

شاهه صاحب جو سمورو ڪلام ان ڳالهه جي دلالت ٿو ڪري تہ شاهه سنڌ جي ان وقت ۾ مروج زندگي جي دستورن، معاشيات جي ذريعن، ان تاريخي ڌارا ۾ ٿيندڙ ڏاڍ ۽ جبر، رحم ۽ ڪرم، عدل ۽ انصاف کا نہ مڪمل واقف هيو. هن عارف انسان پنهنجي ملڪ جو هر حصو گهمي ڏٺو هو. ملڪ جي مفلوج معاشي حالتن ۽ سياسي بدحالي، قوم جي بيوسي ۽ اقتدار اعليٰ جو فقدان هُن اکين سان ڏٺو هو. هي بصيرت افروز انسان جڏهن ٿر جي انهي ءَحصي ۾ پهتو، جتي ڪيس ”ڏهر“ڏسڻ جو موقعو مليو، تہ اُن وقت هن صوفي بزرگ کي ڏهر جي آثارن مان ملڪ جي ڪمال ۽ زوال جو احساس اجاگر ٿيو. ٿر جي علائقي ۾ ”ڏهر“ پٽن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي وچ ۾ زمين جبي اهڙي ٽڪري کي چنبو آهي، جنهن ۾ سرچائي ۽ آباديءَ جي صلاحيت موجود هجي.ٽر ۾ اهڙا ڪيئي ڏهر آهن،جيڪي گذريل دور ۾ هن خطي جي جوڀن جي شاهدي ڏين ٿا. تحقيق مان ثابت ٿيو آهي، ته ٽر جي هن حصي مان اڳ هاڪڙي درياهه جون متعدد شاخون وهنديون هيون ۽ هن حصي کي آباد ڪنديون هيون .نديءَ جي هنن شاخن جي ذريعي والجارن جي سامان جا ٻيڙا ٻرجي ڏيساور ڏانهن ويندا هئا،۽ ان وقت ٽر جي هن حصي جي رهاڪن جو وڏو ڀاڳ هو.مگر درياهه جي بند ٿي وڃڻ سان ملڪ جو هيءَ حصو ويران ٿي ويو.

اهو درياهه ڪڏهن بند ٿيو، ۽ ان جا ڪهڙا اسباب هئا .تنهن لاءِ ڪو به مثبت جواز موجود ڪونهي. البته شاهه صاحب جيڪي سر ڏهر ۾ مختلف موضوعن سان تعلق رکندڙ بيت چيا آهن ،انهن مان پتو پوي ٿو ته انهيءَ وسندڙ علائقي کي ويران ڪرڻ ۾ تڏهن جو ملڪ اندر سياسي حالتون ئي ذميوار هيون. چاڪاڻ ته ان حقيقيت کان اک ڦيرڻ شايد انسان جي حماقت چئجي ته ملڪ جي اقتصادي خوشحالي جو دارومدار ملڪ جي اقتدار اعليٰ ۽ انتظامي صلاحيتن سان وابسته هوندو آهي. جيڪڏهن ملڪ جون سياسي حالتون انسانيت جي ڀلائي خاطر آهن، ته اهوملڪ ڪڏهن به اجاڙ نه ٿيندو. بيشڪ! ملڪ اندر زلزلا ۽ ٻوڏون ايندون آهن، ڌارين جي حملن جي ڪري ملڪ جا بندر ۽ بازارون،وسندڙ شهر ۽ وسنديون ويران ٿينديون آهن. پر ملڪ جي سياسي تنظيم تمام ٿوري وقت اندر پنهنجي ڪوشش ۽ ڪاوش سان انهن ظلمن جي نشانن کي متائي ڇڏيندي آهي ۽ اهو محسوس ئي ڪرڻ نه ڏيندي آهي ته سندس ملڪ اندر ڪا ڦرلٽ ۽ فساد، ڪو زلزلو ۽ ڪا آفت آئي به هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاريخي ثابتين ۽ سنڌي شاعرن ۽ سگهڙن جي بيانن مان اسان کي اهو تہ قطعي ثبوت ملي ٿو تہ سومرن جي آخري دؤر(۱۴۷۱ع) ۾ هاڪڙو درياھ پنهنجي جوڀن ۽ جسار سان ان حصي مان روان دوان هيو، جنهن جي ڪري عمر ڪوٽ ۽ وڳه ڪوٽ ۾ سومرن سردارن جي راڄ ڏاني پنهنجي عروج کي رسيل هئي. البتہ سمن حاڪمن جي آخري ايام ڪاريءَ ۾ (۱۵۲۰ع ) اسان کي درويشن جي جذباتي اظهار مان پتو پوي ٿو تہ هاڪڙي درياھ سان هٿ چراند ٿي آهي. هن لاءِ هڪ بزرگ دعا ڪندي هاڪڙي لاءِ پنهنجي تمنا ڪئي تہ:

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي پنڌ اروڙ،
ٻه ميڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي.

هن مان واضح ٿو ٿئي تہ سمن جي پوئين دور ۾ ڪي تخريبي ڪاروايون عمل ۾ آيون ۽ ڪن سياسي چالبازين جنم ورتو. جنهن جي ڪري ملڪ جي هن وسندڙحصي کي ويراني ۾ تبديل ڪرڻ جا سعيا ڪيا ويا.ان هوندي بہ ارغونن جي زماني تائين(۱۵۲۰ع)پراڻ ۽ ريڻ وارين شاخن ۾ سنڌو درياھ جوپاڻي جهجهو وهندو هو، جنهن جي ڪري ٿر جو علائقو آباد هيو.مگر سمن سردارن جي حڪومت کان پوءِ سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو ۽ تقريبا اڍائي سو ورهن تائين سنڌ کي متحد ٿيڻ نہ ڏنو ويو. انهن اڍائي سو ورهن ۾ سنڌ لاءِ گورنر ڪڏهن هرات کان تہ ڪڏهن دهليءَ کان مقرر ٿيندا رهيا ،جن جو واسطو جاگيرداري طبقي سان هيو ۽ ڪين غريب ۽ نادار طبقي جي ڀلائي سان سنڌن ڪو سروڪار ڪونہ هيو. اهو اڍائي سو ورهن جو دور (۱۵۲۰ع-۱۷۵۰ع) سنڌ جي تاريخ ۾ سنڌ جي وارثن لاءِ انتهائي ڪربناڪ دؤر هو. هن دور جو نقشو سيد حُسام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الدين راشدي هيئين عبارت ۾ ڪيو آهي:
"اهو ڏارين جي گرفت جو تاريخي سلسلو اڍائي صدين تائين پکڙيل آهي. جنهن ۾ ارغونن جي استبدادي حڪومت (١٥٢٠ع-١٥٩٩ع) .ترخانن جي زور زبردستي، مرزا باقي ترخان ۽ محمد بکريءَ جي ظالمانہ گرمت، ازان سواءِ خراسان مان لاتعداد مغرور اميرن، صاحب اختيار ۽ اقتدا رپناهگيرن جي آمد، سنڌ جهڙي ننڍڙي،امن پسند ۽ مانيٽي سپاءَ واري ملڪ لاءِ درحقيقت هڪ عذاب، قهر ۽ خدائي ڪوپ هو، جيڪو هتان جي گهرو جهيڙن جي نتيجي ۾، قدرت طرفان سزا طور نازل ٿيو جنهن جو نتيجو اجتماعي خواه انفرادي طرح سموري سنڌ کي ڀوڳڻو پيو. ملڪ جا سيئي قلعا، وسنديءَ وارا واهڻ ۽ وستيون،مال،ملڪيتون مطلب تہ سڄو ارڪو ترڪو ڏارين جي قبضي ۾ اچي ويو، جن جي نہ ٻولي سمجھ ۾ ٿي آئي ۽ نہ سنڌن اٿڻ ويهڻ، چال چلت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ مان هتان جي ماڻهن کي ڄاڻ ۽ سڃاڻ هئي.انهن ڌارين لاءِ شاه صاحب فرمايو:

پيم پناڻن سين، ٻولي جي نہ ٻجهن،
آءَ سنڌيءَ جو سعيو ڪريان، هو پارسيون پڇن،
مون پڻ مُلا تن، سرتيون سور پرائيو.

مٿئين شعر جي مفهوم مان شاه صاحب جي سياسي بصيرت، حب الوطني ۽ قومي شعور لاءِ اندازو ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم تہ ڪونهي. حقيقت ۾ شاه صاحب جي شاعري جو جيڪڏهن فراخ دليءَ سان تجزيو ڪنداسون تہ اسان کي انهي غلامي جي دؤر ۾ سنڌي عوام جي ڪرب جي تصوير چٽيءَ طرح نظر ايندي. جيئن سيد حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جي قومي شاعر شاه عبداللطيف هندي مغلن جي قبضي جون حالتون ڏسنديِ، جيڪو پنهنجي ڪلام ۾ عڪس چٽيو آهي، سوحقيقت ۾ انهيءَ سچي صورت حال جو مجمل تفسير چئي سگهجي ٿو. جنهن ۾ ارغونن کان وٺي سندن جاءِ نشين هندي مغلن جي تسلط تائين سنڌ اندر وهيو ۽ واپريو هو.

انهن ڏارين ڀهراڙيءَ جو زمينون، جن تي سنڌ جي غريب عوام جي گذر بسر جو دارومدار هو، ناني ويڙهو ناهي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيون، ڪن جي نالن تي جاگيرون ٿيون، ڪن خالصن جي صورت ۾ ورتيون، ڪن وظيفي ۽ چراغيءَ جو نالو ڏئي ۽ قبضي ۾ ڪيون، ملڪ جي اصلي مالڪن کي نظرانداز ڪري سيئي اعلي عهدا بہ پاڻ ۾ ورهائي ورتائون، گويا سنڌ جي قسمت ۽ ثروت جو واڳون مڪمل طرح انهن ٻاهرين جي هٿ ۾ اچي ويون، ۽ سنڌين ويئي فقط قدرت جو تماشو ڏٺوءِ پنهنجي بدبختي تي روئڻو پئي رنو.اهڙين بدترين حالتن جي ڪري لازمي هيو تہ ملڪ ڏينهون ڏينهن ويو ويران ٿيندو وسنديون ۽ وٿاڻ، پيٽيون ۽ پاڻ، زرخيز علائقا ۽ آباد ڀنيون ويون ويران ٿينديون.انهي ئي دور ۾ دريائن ۽ واهڙن جا منهن ڏارين جي شوم بختيءَ جي ڪري ويا ڦرندا، لٽبا ۽ بند ٿيندا.جنهن جي ڪري ملڪ جي ماڻهن ڪن وسنديءَ جي علائقن ڏانهن لڏڻ شروع ڪيو،جنهن لاءِ شاه صاحب فرمايو:

جِهجان پَسيو جهوڪَ، آيلَ سَنگهارن جي،
جَنِ ٿي پَهي پياريا، مَنجهان مَٽن موڪَ ،
لَڏي ويا لوڪَ، اُئي وِيا اُڪري.(ڏهر ۴-۲۸)

پر اهو سچ آهي، تہ قدرت وٽ دير آهي، پر انڌير ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ جي مفلوج ۽ بيڪس عوام جي آهن، آخر قدرت جي غيرت ڪي جنبش ۾ آندو ۽ واحدالقهار مغل شهزادن ۾ عياشيءَ ۽ لاپرواهي جو روڳ پيدا ڪيو.ڏارين علائقن مان قرلٽ جي دولت شاهي دربار ۾ سازش ڪي جنم ڏنو. تاريخ شاهد آهي تہ دهليءَ جي "بادشاه ساز" وزيرن دهليءَ جي حاڪم فرخ سير کي انڌو ڪري مارائي ڇڏيو.ان کان بعد مغل حڪمرانن مان رفيع الدرجات ۽ رفيع الدولہ کي يڪي بعد ديگري زهر ڏئي پورو ڪيائون.سنہ ١٧١٩ع ۾ بادشاه ساز وزيرن محمد شاه کي طائوسي تخت تي وهاريو. جيڪو ٢٢ سال زناني خانہ ۾ بند رهڻ جي ڪري زنانين خاصيتن جو حامل بڻجي ويو.هن جي عياش فطرت ۽ نااهليءَ جي ڪري جيڪو خدائي قهر برصغير تي نازل ٿيو، اهو نادر شاه جي صورت ۾ نمودار ٿيو. سندس ئي لفظن ۾:

"شامت-اعمال ما،صورت نادر گرفت"

هن عياش حاڪم جي اعمالن جي شامت جي ڪري دهليءَ ۾ جيڪو قهر ۽ ڪوس ٿيو، اهو تہ تاريخ ۾ رت جي ليڪرن سان لکيل آهي. مگر اها بہ بدقسمتي ڪٿي ڇنجي جو جتي بہ مغل حاڪميت جو سايو هيو، اتي بہ نادر قهر تي نازل ٿيو. جنهن کان سنڌ بہ آجي ڪانہ رهي.نادر شاه جي حملي وقت(١٧٣٩ع) شاه صاحب ذهني عمر جي عروج کي پهتل هو. نادر جي طوفاني حملن،جيڪا سنڌ اندر تباهي مچائي ۽ وسندڙ واهڻ ويران ٿيا، اهي حالتون ۽ بي يارومددگار عوام جي آهُن شاه صاحب جهڙي حساس دل انسان کي ڪيترو متاثر ڪيو هوندو؟ان جي شاهدي اسان کي سنڌس ڪلام مان چٽيءَ طرح نظر اچي ٿي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برو،بگيرو جي، تا ڏين پارسيون پاڻ ۾،
مون لوڏان ٿي لکيو، ته ها چو ڪندا هي.

هن هاڃي جي وقت سنڌ اندر ڪلهوڙا سياه ۽ سفيد جا مالڪ هئا. ديسي حاڪم هجڻ جي ڪري هو ملڪي عوام لاءِ برو ۾ بورائي جي مثل ضرور هئا. پر نه ڪين حاڪميت جي ڪا سُڌ هئي ۽ نه ئي ملڪي انتظام هلائڻ جي ڪا صلاحيت.تاريخ ڪلهوڙن کي سنڌ جو حاڪم تسليم ڪري چڪي آهي،پر نادر جي حملي وقت، هو دهليءَ دربار جا محصول اگاڙيندڙ صوبيدار هئا.جڏهن ڏسندا هئا ته دهليءَ جي حاڪميت ڪمزور پنجي ويئي آهي،ته ڏن ڏيڻ کان نابري واري ويهندا هئا.پر جڏهن مٿن زورپنجي ويندو هو، ته رعيت کي بي ياروَمددگار ڇڏي، ڪڏهن قلات ڏانهن ڪُڙيءَ تي زور ڏيندا هئا ته ڪڏهن ٿر ڏانهن ڀاڄ ڪندا هئا. وٽن فقيرن جي فوج ظفر موج موجود هئي، جن جي هڪڙي هٿ ۾ تسبيح هئي ته ٻئي هٿ ۾ ڏاٽو .شمشيرزني ۽ شهسواريءَ کان بلڪل بي خبر هئا.اهڙين بيوس ۽ لاچار حالتن جي ڪري ملڪ پنج هزارين ۽ ڏه هزارين نوابين ۾ ورهائجي ويو. زرخيز زمينون ويرون اجاڙ ٿينديون، ملڪي معيشت وٺي ڪمزور ٿيندي. مٿان بدقسمتي وري هيءَ ته ڪلهوڙن جي ڪمزور حاڪميت سنڌ جهڙي ماڻيٽي ملڪ کي ايرانين ۽ افغانن جي چنبن ۾ جڪڙي ڇڏيو.جنهن ۾ نادر شاه جي ڏن جي ويه لک روپيا چٽي ئٽي جا صنعتڪار ادا ڪندا هئا.

سياسي بصيرت رکندڙ مفڪرن جو قول آهي، ته "ڏاڍي سان ڏاڍ ڪرڻ ۽ مسڪين سان مدد ڪرڻ" ڪنهن به ملڪ جي حاڪم لاءِ ضروري گڻ آهن ۽ اهي گڻ لاکي قلاٽيءَ ۾ موجود هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب: لاکو ڦلاڻي ۱۲۰۰ع کان ۱۲۵۰ع ڌاري ٿي گذريو. سنڌي شاعرن ۽ سنڌس خاندان جو واسطو سنڌ جي ٿر واري علائقي ۾ هئي لوڙي ايراضين سان هو.شهسواري،سرڪشي ، سورهياڻي ۽ سخاءِ جيڪي ان وقت ۾ سرداري ۽ حاڪميت لاءِ ضروري هيون، لاکي ڦلاڻيءَ جي طبيعت ۽ اخلاق جاڳڻ هئا. هو هڪ اڙٻنگ ۽ اڻ موٽ جوان هيو. هُن دشمنن سان مقابلا ڪري، هر هنڌ پنهنجي هيبت جي هاڪ وهاري ڇڏي هئي.لاکي ڦلاڻيءَ جي شخصيت ۽ انفرادي حيثيت جو نقشو سر ڏهر ۾ شاهه صاحب هيئن چٽيو آهي:

لاکا لک سُڄَڻِ، ڦلاڻيءَ پيير ڀنو ،
جه پَرِ راڻا، راڄيا، ڪوٽن منجهه ڪنبن،
جه جو جاڙيجن، ستي سنڄو نه لهي.

سر ڏهر ۾، شاهه صاحب جيڪو به منظر بيان ڪيو آهي، ان جو تعلق ٿر جي انهيءَ علائقي سان وابسته آهي، جنهن ۾ لاکي ڦلاڻيءَ جهڙي اڙ ٻنگ جوان جو واسطو هو. ٿر جون اجاڙ حالتون ڏسندي ، شاهه صاحب تاريخ جي هڪ اهڙي ڪردار جو انتخاب ڪيو، جيڪو نه رڳو سورهه هيو، پر غريب پرور سردار به هيو،۽ اهوئي سخي سردار ۽ اڻ موٽ جوان هن ويران علائقي کي وري سيراب ڪري سگهيو پئي ۽ عوامي طاقت جيڪا ڌارين جي سياسي چالبازي جي ڪري ڇڙوڇڙ ٿي چڪي هئي، ان کي متحد ڪري ۽ ملڪ کي مضبوط ڪري سگهيو پئي، تاريخي حقائق گواهي ڏين ٿا ته لاکي ڦلاڻي ٿر جي انهيءَ حصي ۾ مينهن جي مٺي پاڻيءَ گڏ ڪرڻ لاءِ به وڏا تلاءُ کٽايا هئا. جو اڄ ڏينهن تائين هني واري علائقي ۾ موجود آهن.شاهه صاحب جي اڳيان، سنڌ جي متحد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ آباد ٿيڻ جو ٻيو جيڪو آسرو ۽ اهڃاڻ هيو، اهو هيو پيغمبر عليہ السلام

دنيا ڇا بہ چوي، مگر ان حقيقت کان انڪار ڪرڻ شايد ڪفر کان بہ بدترين آهي، بلڪ دانشمندي ۽ شجاعت جي بہ خلاف آهي، تہ پيغمبر عليہ السلام پنهنجي انقلابي عمل سان عرب جي انهن شوخ سردارن کي، جن جا الڳ الڳ پنهنجا خدا هئا، ۽ سندن ڪنڌ تڪبر ۽ غرور ۾ اوچا هوندا هئا، تن کي هڪ خدا جي اڳيان سجده ڪرڻ تي جهڪائي وڌو،۽ اهو هڪ عظيم انقلاب هيو، لهذا سنڌ ۾ بہ اهڙي انقلابي عمل جي ضرورت هئي،جيڪو مغرور جاگيردارن ۽ نوابن کي متحد ٿيڻ تي مجبور ڪري .شاه صاحب سر ڏهر ۾ جڏهن پيغمبر عليہ السلام کي پڪاري ٿو، تہ ڄام جي لقب سان پڪاري ٿو، جيڪو سنڌ جي سخي سردارن ۽ حاڪمن جو اهڃاڻ آهي.

مديني جا ڄام، سڻ منهنجا سڏڙا،
آهيان تنهنجي سام، سگهو رسج سير ۾.(ڏهر-٢-٦)

سرڏهرجي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ شاه صاحب جي اڳيان سنڌ جي متحد ۽ آباد ٿيڻ جو ٽيون اصول هيو عوامي سطح تي قومي اتحاد ۽ دنيا جي تاريخ شاهد آهي،تہ جڏهن بہ عوامي سطح تي ڪنهن قوم جو اتحاد ٿيو آهي، تہ ان کي دنيا جي ڪا بہ طاقت ٽوڙي نہ سگهي آهي. شاه صاحب فطري طور هڪ اعلي ذهن جو مالڪ هيو. هن جي اڳيان اتحاد جا هزارين مثال موجود هئا، پر انهن سيني ۾ ڪمزور ۽ ٻي ياورمددگار اتحاد هيو پکين جو اتحاد، تنهن ڪري ان جو مثال ڏيندي شاه صاحب فرمايو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڳر ڪيو وڃن، پريت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنان ميٺ گهڻو. (ڏهر)

ماري هزار پيرا پکين کي پنهنجي ظلم جو نشانو بڻائيندو آيو آهي۔ پر مجال آهي جو ڪونجن جي قطار کي ڇني سگهيو هجي. اڄ بہ پکيئڙن جو اتحاد پنهنجي جاءِ تي موجود ۽ اٽل آهي.

انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ ڌارين جي غير شريفانہ سلوڪ سنڌي عوام جي ذهن،فڪر،حوصلي ۽ همت کي ايترو تہ ڇيهو رسايو آهي، جو ان جا اثرات اڄ بہ مختلف صورتن ۾ سنڌين جي مزاج ۽ طبيعت تي اثر انداز آهن. مگر،پوءِ بہ اسان جو شاعر مايوس نہ آهي.هن لاءِ وري بہ قومي اتحاد جو اهڃاڻ اهو هاري آهي، جيڪو هر هلائي ٿو، اهو ڌنار آهي، جيڪو پنهنجي ڌڻ سان ڌرتيءَ جو اجو بکيو گذري ٿو. انکري سندس دعا بہ اهڙن ئي ماڻهن لاءِ آهي:

جين سي سنگهار، اجهي جن جي گهاريان،
مان لهنئون سار، اچي اوکي ڏيهنڙين. (ڏهر-٢-٣٦)

سچ تہ سنڌ جي زرخيز علائقن ۽ ساون ميدانن، انسان تہ ٺهيو پر پکي پکڻ کي بہ پنهنجي طرف هميشہ پنهي ڪشش ڪئي آهي. هزارها ميل پنڌ ڪري، پرند ويچارا پنهنجو وطن ڇڏي رزق جي تلاش ۾ هر سال سنڌ ۾ اچن ٿا:

قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سندن روهہ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهُ ،رزق رازق هٿ ۾.

اهڙي سنڌ جي دولت جي فراواني ۽ رزق جي ارزانيءَ نہ رڳو پکي پکڻ ۽ انسان کي پنهنجي طرف ڪشش ڪئي آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر حيوان توڙي انسان جي اتحاد واري عمل کي به پني هٿايو آهي. پر افسوس جو انهيءَ اتحادي عمل جي ٽوڙيندڙ کي ڪنهن نه سڃاتو،جيتوڻيڪ شاهه صاحب اُن جا پار پتا ڏيکاريا آهن:

بغل منجهه بندوق، ماري ميرا ڪپڙا،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيو لڪ چڙهي.(ڏهر-۴-۱۸)

بلاشبہ! اسان جو لطيف سائين، سنڌ جي سماجي زندگيءَ ۾ اتحاد جو پيغامبر آهي. اسان سر ڏهر جي مطالعي مان اهو اندازو لڳائڻ ۾ حق بجانب آهيون ته پل ته تاريخ جي زبان کي گنگ ڇو نه ڪيو ويو هجي، پر لطيف جي زبان سنڌ ۾ سنڌين کي سدائين متحد ٿيڻ جو درس پئي ڏنو آهي:

ڌڻ ڌارڻ، ڌار رهڻ، ايءُ نه سنگهارن سِٽَ،
ڪاهي ايندا ڪڌهن، مٿي واڻيد وهٽ ،
جي ماٺهو هونئي مٽ، تب اودر لايو مَ اُن جو.(ڏهر-۴-۲۷)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڍهر جو مجموعي پيغام
## (سنسار جي فاني حيثيت)

علي احمد بروهي

### فصل پهريون - ظاهري مطلب

ٿر جي وارياسي پٽن کي وچواري ميداني ماٿر کي چون ڍهر. ڍهرن جي ٻنين جي پوک پيلي ۽ چوپائي مال لاءِ گاه پنو ٻه جام ۽ مٺو ٿئي. پر جي مولا مينهن وسائي ته. تڏهن ته چوندا آهن. ته "وسي ته ٿرنه بر" پرٿر ۾ اهڙا ٻه ڍهر آهن جي ڪنهن دور ۾ برک بندر هوا، يا ڏيساور، پر هاڻ کنڊهر آهن. پوءِ ڪي ماڳ ٿر جي ڦٽڻ ڪري اجاڙ ٿي، ته ڪن هنڌن تي وري مهراڻي منهن موڙيو ۽ ڊوروئي ڊُرڪي ويو.

اهڙي هڪ ويران ڍهر ڪان، سنڌ جي سيلاني شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو گذر ٿيو، جنهن ماڳ کي ڪجھ ايام اڳ، آباد ۽ آسودي حال ۾ پسيو هوائين. ڍهر جو هاڻوڪو حشر ڏسي، شاه صاحب کي حيراني ٿي، تڏهن وسنديءَ سان الاجي ڪهڙي ويڌن ٿي ۽ سائس ڪنهن وئل وهايو؟ ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طوفاني آنڌي آئي يا وري ڪا ڏرتي ڌٻي، جنهن ڇٽ گهڙيءَ ۾ نابودي آندي!

هونئن ته هت ٻارهوئي ڇهڇٽو مثل هوندو هيو. هاڻ ته، نه اهي لانڍيون لوڙها هوا، ۽ نه چونڪيون ۽ چونرا، جي ماڻهن سان ڇلڪندا ڏٺا ويندا هوا. هاڻ ملاح به ويا ته پنهنجون دنگيون ۽ ٻونڊيون به هاڪاري هليا. وڻجارن وٽي سنڌن هٽ به اچي پٽ پيا. هر هنڌ سڄ ۽ رڃ جو راڄ هيو ۽ ڪنگ ٿي رڙيو.

سيلاني ويرانيءَ ۾ واجهائيندو رهيو، ته هن ڪٿي ڪو اڳواڻي اوج جو اهڃاڻ اکين پسجي. پر ماڻهو توڙي مال، ٻنهي جو، پري پري تائين به ڪٿي پيرو ڪرو ڪونه ٿي مليو. ٻنيون ٻيڙ ٻانگ، ۽ ٻيليل هيون. البت گٺوچر ۾ سو ڪٿي ڪو ڪم ڪنڊير، يا ڦوڳ ڦولاريل ٿي ڏٺو. سڌ پنڌ تي هڪ ڪنڌيءَ جو وڻ جيترو جاڳندو ۽ صحيح سلامت بيٺل هيو، جنهن ڪَر ڪڍي ٿي واجهايو. شايد ڌڙ جي ويرانيءَ تي اُبو بيٺي اوسر ڪيائين.

سيلاني، ڪنڌيءَ اوڏڙو اچي، ساڻس حالي حوالي ٿيو ته "يار ڪر خبر؟" هتي ڇا وهيو ۽ ڇا واپريو جو هن حال تي نوبت آئي. وڻجارا ڪيڏانهن ويا؟ ڪا اوچتي آپوا آئي. يا ماڳر مٿائي پاڻ لڏي پلاڻي هليا ويا. توکي سيڻن سڄڻن جي وڇوڙي جو فراق ڦوڙائو ته ضرور ٿيو هوندو. پر پوءِ به تنهنجي صحت تي ڪو تاثر نه ٿيو. نه ته هتي ننڍو ٿي وڏو ٿيو آهين. ٻڌاءِ ته سهي، تو هتي جي وڻجارن جهڙا ڪٿي ڳبر سيڻ به ٻُڌا يا نه؟ پلا جسودن جهڙو، تو ٻيو ڪو واپاري به ڏٺو يا ٻڌو؟

ڪنڌيءَ ورائيو، ته "مهراڻ منهن موڙيو، ۽ پوءِ ڌڙ جو ڀاڳ بخت ئي هتان لڏي ويو. ٻوراتارا سڪي خشڪ ٿي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واهڙ جي ڪنارن لڳ ٻيڙين جون ٻيهرون ٻيٺل هونديون هيون. هاڻ انهن ڪنڌين تي ڪانهه ۽ اڪ نسريل هوا. واهڙ خشڪ ٿي. ٻيڙيا تن لڏئو ۽ ساڻ ٻيڙيون به هاڪاري ويا. "جڏهن صرافن لڏئو ته تون به لڏج سون." وڻجارا ويا، ته سونگي به پنهنجو وهيون ويڙهي راهي ٿيا."

ڏينهون ڏينهن ٻوري جي پاڻي کي تانگهو ٿيندي ڏسي، ملاح ٻيانپي ويا، ته هاڻ واهڙ جي وهڪري ۾، نه جوڀن هو ۽ نه جوت. هو جهونا جوڳي هوا، ۽ سڀ ڪان اول، پنهنجا مڪڙا ۽ موڙها هتان هاڪاري ڪنهن ٻئي پار وڃي پهتا. مهراڻي ۾ پاڻيءَ جا پار پسي، جسودن جهڙا جُنگ وڻجارا، به وڏي فڪر ۽ ڳڻتي ۾ پئجي ويا، ته هاڻ سندن وهنوار ۽ ڪاروبار جو الائجي ڪهڙو حشر ٿيندو!

ڪجھ اڳيرو راهي ٿيندي، سيلانيءَ جي نظر وڃي هڪ مَڇَ تي پيئي، جو ماندو ۽ اڌ مئو ٿيو، وچ واهڙ ۾، ڦٿڪي رهيو هو. پاڻيءَ جي اڻاٺ ڪارڻ مڇ جو جيئڻ وه تي چڪو هيو. چُرڻ پُرڻ ته گهوريو پر ساهه کڻڻ به ساڻس لاءِ محال رهيو. شايد پوريان پساهه هيس، جو ڳيتون ٿي ڏنائين. سيلانيءَ ڪيس مخاطب ٿي چيو ته "مورک جڏهن وهڪرو تار تي هيو ته تون ماڳ موٽڻ جي نه ڪئي. تون، پاڻيءَ جي موج ڏسي، ٻانيو، ته شايد اهو چڙهه دائم ۽ قائم رهندو. هاڻ، جڏهن تو لاءِ واپس ورڻ جي واٽ ئي نه رهي آهي، ته ٻاڃ لاءِ پهر ڇالاءِ پيو پڇائين؟ توکي ڇاڻ آيو الاجي نه، ته مهاڻن تنهنجي راهه ۾ ڪلا ڪوڙي، پنجوڙ نما ڄار هٽي ڇڏيا آهن، ۽ تنهنجي فرار ٿيڻ جا گهٽ گهير ئي بند ٿي چڪا آهن. تنهنجي وڃڻ واري ويل ٽري ويئي. هاڻ ويهي پنهنجي ڪئي جو ڪيتو لوڙ ۽ مهاڻن جون مهميزون سهه".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سر ڏهر جي ”فصل پهرين“ جو، فڪر ۽ فلسفو:

ڏهر ڪان مراد آهي هي ”سنسار“، جو سدائين پيو سانديڪي جيان رنگ روپ ۽ ويس بدلائي. هن جڳ جهان ۾ جو ڪجھ بہ ڏسجي رهيو آهي، تنهن کي ڪا حقيقي هستي تہ آهي ئي ڪانہ. هي جهان تہ هڪ سڪٽو ڏيکاءُ آهي، يا رڄ وارو لقاءُ! ڪٿي وسڻ ۽ وسندي آهي، تہ ڪٿي وري ويراني پيئي واڪا ڪري. جت اڳ برک شهر ۽ بندر هوا اتي هاڻ ڪنڌهر آهن. جتي اڄ بيابان ۽ برپٽ پيو ڏسين، اتي اڳ سمنڊ ۽ ساگرن چوه ٿي ڇنڊيا. هن ڏهر ۾ پڻ ڪجھ ايام اڳ، هڪ برک بندر هيو، جتي ٻيڙين ۽ ٻيڙياتن جا ميڙ ۽ ميڙا ڪا هوندا هوا. هان تڙ ئي سڪي اُجاڙ ٿي ويو. هينئر هت سڃ پيئي واڪا ڪري. هڪ سڃ تہ ٻہ پاڇا آهي. ڪڏهن ٻريءَ ۾ ڪڏهن پاڪر ۾. ”فنا“ جي اها پنج داهہ، ايامن کان هلندي اچي. ڪيئي شهر تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. نہ ماڻهو رهيا ۽ نہ مال. رهي نالو الله جو.

جهنگ جا وڻ ٻوٽا ۽ وليون-

ڏهر جا ماڻهو تہ لڏي پلاڻي ويا، مري کپي ويا پر هن ماڳ جا وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا بدستور بيٺل هوا. ڪنڊو سنگرين سوڙو سلامت هيو ۽ ڳم ڳنڊير اڪ ۽ ٿوڪ بہ ٿولاريل هوا. معلوم ائين ٿي ٿيو تہ هي جهنگلي وڻ ٻوٽا قدرت جا عنصر هوا ۽ جنجو زمين جي زرخيزي، آب پاڻي، يا ماڻهن جي موجودگيءَ سان، ڪو واسطو يا ناتو هيو ئي ڪونہ، ۽ نہ وري ڪو هنن پنهنجو ٻور يا ڦل ڪو ماڻهن يا مال جي ورتاڻ لاءِ اُپايو هيو. حاصل مقصد هي هيو، تہ ماڻهوءَ خواهہ مخواهہ پاڻ کي ايترو پڏايو هيو، جو پاڻ کي ڪائنات جو مرڪز ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهائين. توڙي جو، قدرت ۾ لاپرواهي ۽ لاغرضي هئي ۽ اها به ڏئو تي. قدرت "لاابالي" سرڪار هئي ۽ ماڻهن جو هئڻ يا نه هئڻ سان ڪيس ڪو فرق ڪو نه ٿي پيو. قائم هوندا، ۽ مٿن رحمت جي بارش بدستور وسندي رهي.

ملاح-

ڏهر جا ملاح تجربيڪار ۽ ڏيه جا ڏاها ماڻهو هوا. هنن کي پنهنجي ڏنڍي جي هُرڪُر ۽ اُڻ تُڻ هئي. جڏهن ڏٺائون ته واهڙ جو پاڻي ختم ٿي رهيو آهي، ته هو سويل ئي، پنهنجا موڙهڙا ڪاري وڃي ٻئي پار پهتا. جي وقتن سر هيلو وسيلو نه ڪن ها ته سندن به اهڙوئي حشر ٿئي ها جو وڻجارن جو ٿيو.

وڻجارا-

ڏهر جا وڻج واپار ڪندڙ سيٺيا، ڏن دولت واري وهنوار ۾ ايتريقدر مشغول رهيا، جو کين هي وهم گمان به نه رهيو ته ڪو مهراڻو هتان منهن موڙي ويندو ياسندن واپار چوپٽ ٿي ويندو؟ کين انئي پهر ڏنڍي جي لوري لڳل رهي. جڏهن "پاڻيءَ پُٺا ڏينهڙا" ته وڻجارن جون وايون ويلهڙيون ٿي ويون ۽ سندن وهنوار کي ڪاپاري ڌڪ لڳو.

مانگر مڇ-

هي مورڪ مَڇُ، واهڙ ۾ جَل جامر ڏسي الاجي ڪٿان پيٽ پورجا جي لاانگهري تي اچي، هتي سهڙيو. ڏٺائين ته هت ڪاڌو پيتو به خاصو هيو، ۽ ساٿس ڪينس ڪرڻ وار و به ڪونه هيو، سو کُپُ کوڙي هت ويهي رهيو. ڪاچ ڪائي اَچي رِڇُ ٿيو، ۽ مُڇَ ڪان مانگر مڇ. پوءِ ته سموري ترڙ ۾ رڙ مچائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنائين. آئي وئي کي ٽوٽا ٽي هنيائين. ڪيس هيءَ مند فڪري ئي ڪانه رهي، ته پاڻيءَ جا به ڪي پويان پساه ٽيندا آهن. اهڙي آچار واپس ماڳ ورڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيائين. ڪيس تڏهن خبر پيئي، جڏهن واهڙ سڪي ٽوٽ ٽيڻ لڳو. پوءِ ماڳ موٽڻ جو پهه پچايائين، پر هاڻ دير ٿي چڪي هئي. تڙ ۾ پاڻيءِ بجاءِ ريتي ۽ ٽي ريلا ڪيا. مهاڻن مڇ کي ٽلهو متارو ڏسي پنهنجا ڪنڍا ۽ ڪِلا سنبرايا. پوءِ ته بُري تي بچ تي وئي.

# سر ڏهر جو مجموعي پيغام

## فصل -٢-

"مديني جي مير ۾ الله جو ذڪر فڪر- دعائون"

سُر "ڏهر" شاهه جي رسالي جو، "نچوڙ" آهي. يا اجان هيئن به ڪٽي چنجي، ته رسالي جو "روح" آهي. شاهه جي ڪلام جو سرچشمو آهي "ڪلام مجيد"، جنهن جو مول مقصد مختصر لفظن ۾ آهي، "لااله‌الاالله محمد رسول الله"، جو اسانجو ڪلمون پاڪ به آهي، عبادت ۽ ايمان پڻ. عبادت کان مراد آهي، الله آڏو عاجزي! سندس اڳيان سر بسجود ٿي ٻاڏائڻ، يا ليلائڻ. بقول شاهه ڀٽائيءَ جي ته "عبادت اڪيلي راهه آهي ڇوٽڪاري جي" ۽ ٻي ڪا واٽ آهي ئي ڪانه. فرمائي ٿو، ته "ليلان ليلائيج- جي ليلائي نه لهين تان پڻ ليلائيج". ڏاڍي جي سرڪار ۾ سواءِ آزي نيازيءَ جي پيو آهي، نه حيلو ۽ نه وسيلو.

ڇيو وڃي ٿو ته آڳي آڏو انسان اگهاڙو ۽ ننگو آهي ۽ اهو به سواءِ ڪنهن بچاءَ يا بهاني جي. پر تڏهن به، ڇاڪاڻ جو رب "رحمان الرحيم" آهي، انڪري ڪيس پنهنجي بنده



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي بخشيندي ڪا ويرم ڪانہ لڳندي. ڪن جو تہ هي بہ
چوڻ آهي، تہ الله ڪي عاجزي بيحد وڻندي آهي. ڇاڪاڻ جو،
پاڻ وٽ اها وَٿ آهيس ئي ڪانہ. هاڻ ڪائنات جي مالڪ ۽
قادر- مطلق وٽ، عاجزي ڪٿان آئي؟ پر هجيس ها، تہ
سندس تخت تي هي اکر اُڪريل آهن "منهنجي 'رحمت'
منهنجي 'قهر'کان وسعت ۽ وزن ۾، ڪيئي ڀيرا وڌيڪ ۽
ڀاري آهي."

انساني زندگي مجموعو ۽ مرڪب آهي، خواهشن، ڏک
ڏاکڙن ۽ موت جو. زندگي هڪ اهڙي راه آهي، جا اڳتي
هلندي تنگ ۽ تاريڪ ٿيندي، اچيو هڪ توڙ تي دنگ ٿي
ڪري، جتي موت جو اڪاڙو آيو آهي. جنهن منزل پار ڪرڻ
پڄاڻان، سائينءَ جي سرڪار ۾ حاضر ٿيڻو آهي ۽ تهان پوءِ،
مقام اچي ٿو "بقا" جو. اسانکي، زندگيءَ جي براين ۽
بڇڙاين کان، الڳ ۽ پاسي ڀر رکڻ جو واحد وسيلو آهي،
"الله جو نالو" جو اسم اعظم بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ، سندس
نالي سواءِ، "الله" جو ٻيو ڪو تصورئي موجود نہ آهي.
جيئن جو، الله جو اسم "حق سچ" آهي، انڪري سراپا
"پاڪيزگي ۽ بقاءُ" آهي. ڪائنات جي هر وَستو ۽ وٿ،
"الله" جي نالي ۾ سمايل آهي. انڪري، جڏهن بہ اسين الله
جو مِٺو نالو ٿا ڳنهون تہ انوقت اسين مالڪ جي نالي جي
نسبتَ سان "زنده" ٿا رهون، ورنہ هوندئن، "آنا، انسان، يا
سنسار"، ماڳهين آهيئي ڪونہ. هي تہ ماندي منڊ پڪيڙيو آهي
۽ طلسم آهي.

الله پاڪ جي نوانوي صفاتي نانون ۾، اسانکي هي ڄاڻ
ٿي ٿئي، تہ اهي مڙوئي ۽ هڙئي صفتون، انهيءَ هڪ ذات پاڪ
۾ سمايل آهن، جنهن ڪي اسين "وحده لاشريڪ لهُو"
چئون. الله جي نالي سان نہ فقط اسانجي زندگيءَ جي تعمير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي ٿئي، پر جو ڪجھ اسين چاهيون ٿا، يا آس اميد رکون ٿا، سو سمورو سَمرُ پڻ سندس سهڻي "نامر" ۾ موجود آهي، ۽ سندس نالوئي اسانکي ڇوٽڪارو ٿو بخشي". هي آهي سر ڏهر جو مجموعي پيغام جو سُر ڏهر جي ڇئن داستانن ۾:

"(۱) سنسار جي فاني حيثيت ۽ انسان جي غفلت (۲) الله ۽ مديني جي مير جو ذڪر فڪر ۽ دعائون، (۳) عبادت ۽ ذڪر لاءِ ارادو، عمل ۽ وقت، ۽ (۴) ملڪ المرت ۽ سندس مارو."

## فصل۳ -

### مديني جي مير ۽ الله جو ذڪر فڪر- دعائون)

رسول صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ دعا مڙني عبادتن ۾ افضل آهي. عبادت جو مقصد آهي عبوديت يا ٻانهپ. ٻانهپ يا بندگيءَ کان مراد آهي تہ بندهِ پنهنجي ضعيفي ۽ لاچاريءَ جو اظهار ڪندي الله پاڪ جي عظمت ۽ وڏائي بيان ڪري. جيتري عاجزي ۽ نيازي ڪئي ويندي اوترو بهتر آهي، اهوئي ڪارڻ آهي جو عارف الله جا پنهنجي مالڪ خالق کي ڪانڌ يا ور جي نسبت ۾ مخاطب ٿين ۽ پاڻ کي بيڪس بندي، ٻانهي يا عاجزه جي حيثيت ۾ آڻي آزي نيازي ڪن.

سر ڏهر جي هن فصل ۾ بہ دعا ۽ عبادت جاگير ڏسيل آهن. اڳين ۽ هن داستان ۾ ڪو خاص فرق نہ آهي سواءِ هنجي تہ هتي سالڪ پنهنجي مالڪ کي "ڪانڌ" پڪاريندي ۽ آزي نيازي ڪندي ٻاڏائي ٿو تہ "منهنجا ڪانڌ هن ولهيءَ جي ويڙهي ۽ نماڻيءَ جي نجهري ڪو وارو ڦيرو ڪر. ڍڪڻ هار آءٌ تہ تنهنجي آسري ۽ سهاري پرده



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوش تي ڏکي ويٺي آهيان. جيئن تون قائم دائم آهين تيئن آءٌ به شال ور ولهي نه ٿيان. جي اندر ۾ غم گوندر ۽ ڳالهيون اٿم سي ور،تو سواءِ ڪوءِ سنواري نه سگهندو.

ڪانڌ ته هين جا به آهن پر منهنجي ساهڻ جهڙو درياه دل هئڻ ناممڪن، جو منهنجا عيب ثواب ڏسي پسي به درگذر ڪري ڇڏي ۽ اٽلندو اوڻاين تي ڪک رکي سندس پرده پوشي ڪري.

اهڙن ڳڻن ۽ وڙن جي باوجود به جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجي ور جي ڪاڻ نه ڪڍي، وڃي ڪنهن ڌارئي يا غير محرم مرد سان ويٺي ڏند شيڪي، پوءِ چنبو ته هو هڪ اڻجاڻ ۽ اياڻي عورت آهي جا اناج جي ڪڻن داڻن کي ڇڏيو ويٺي سڪٽا ته ۽ توتڙ ميڙي.

شاه سستي ڪاهلي ۽ گينوارپ جيان ننڊ جو به جاني دشمن آهي. علم ادب توڙي دين جي دائره ۾ شاه جهڙو پيو عارف باالله نه سجهي جنهن ننڊ کي ايتريقدر ننديو هجي. نه فقط شاه تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻ لاءِ تغاتو ڪندو ٿو رهي. فرمائي ٿو ننڊ ڪان جاڳ ڇاڪاڻ ته جي توکي جڳ جي والي جو ديدار ڪرڻو آهي سندس مشاهدو ماڻڻو آهي ته پوءِ اهي عنايتون ننڊون ڪندي ته نصيب ڪين ٿينديون آهن. هي برابر آهي ته جسم جي تقاضا آهر ننڊ ضروري آهي پر پلڪ پهر نه اٺي پهر، جيئن تون لت ڏيئي ليٽيو ٿو رهين. جنهن ماڳ تي تون آجهاپو ڪري رهيو آهين، اها ته هڪ جهٽ پلڪ چيله سڌي ڪرڻ لاءِ جاءِ آهي ۽ نه سائيه.

جنهن کي راڻ ريجهائڻو آهي يا قلب تان ڪس لاهڻي آهي تنهن لاءِ سواءِ سجاڳ رهڻ جي ٻيو چارونئي ڪونه آهي. پر تون اوجاڳو نه ٿو ڪرين ته پوءِ پيلي اسر ويل اٿي الله اور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي ۽ هر نفس کي سنس ڏانڻو چڪٽو آهي. موت هن ڌرتيءَ تي اسانجي زندگيءَ جي، اسانجي جسم جي، اسانجي دعوتن ڪچهرين دوستين دشمنين جي ۽ غرض ته اسانجي هر شوق شغل جي پڇاڙي ٿو آڻي.

موت اڪيلو ديوتا آهي جو ڪنهن بني بشر جي پوڄا توڙي پيٽا قبول نه ٿو ڪري ۽ نه ڪنهن سان ڪا رعايت يا پاس خاطري ٿو ڪري. سندس لاءِ پوڄارين جا صدقا قربانيون گلن جا هار ۽ اگر بتين جا سرها واس ڪا معني نه ٿا رکن. ملڪ الموت کي دعا جا سڳا ڌاڳا يا پٽ پاراتا ڪو فرق ڪونه ٿا ڪن. عبادت ڪائونس ماڻهين الڳ ٿي رهي ۽ عجز يا آزي نيازي سندس آڏو بيسود آهي ۽ ساڳي وقت سائنس مهاڏو اٽڪائڻ يا جنگ جدل ڪرڻ به بيڪار آهي.

اوهان گهڻوئي ڪيس ڊاڪٽرن يا ريجهائڻ جي ڪيو ۽ ڪيس سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيئي پرچايو، پر هي ناممڪن آهي ته هو اوهان تي ڪهل آڻي اوهان تي ڪاتي نه ڦيرائي ۽ اوهان کان ٽارو ڪري.

دنيا ۾ ڪيئي ڌاڙو ۽ ڌاڙيل آهن، جن جي ڏر کان ماڻهو ٿر ٿر ٿا ڪنبن. پر ملڪ الموت اڪيلو راڪاس آهي، جنهن جي ڌهڪاءَ کان راجائون ۽ مهاراجا به پنهنجي ڪوٽن ۽ قلعن اندر محفوظ هوندي به پيا ڪنبن ۽ ڏرڪن. جي سورهيه پاڻ کي خلق ۾ سورما ٿا سڏائين سي پڻ موت کان ايترو ٿا ونئن ۽ وهلور وجن جو ننڊ ۾ به سندن چتَ تان موت جو اُڌڪو نه ٿو لهي ۽ هر ويلي پيا ڇرڪ پرين.

اوهان کي ڄاڻائي ته اوهين بي فڪرا ۽ غافل ٿي سمهي نه پئو. ڏسو ڪين ٿا ته "ڪال" (لاڪو) اوهان جي پاڙي اوڙي ۾ پيو هاچان هڻي. جو اڄ اوهان جي گهٽيءَ ۾ گهريو آهي، ته صبحاڻي اوهان جي گهر ۾ پڻ گهرندو. ڇو نه اوهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رهندا آهن.

اهڙا سنگهار شال هميشه حال حيات هجن، جن جي چپر ۽ ڇانوَ هيٺ، اسانجو گذرسفر ٿئي، ۽ من هو ڏکيءَ ويل اچي اسانجي سار لهن، ۽ هاڙ ڪن. جيڪڏهن ڪو چاهي، ته هو هن دنيا جي ڪٺراڳ کان آجو ٿي ۽ سک جو ساه کڻي، ته ڪيس جهڳائي ته اهڙن درويشن جي سنگ ۾ سانگي ٿي، سفر ڪري. جڏهن تون، سندن سَٿ ۾ سيلاني ٿي، جهنگ جَهرُ گهمندو رهندين، ته پوءِ توکي، ڪڏهن به ڪنهن جي نقصان يا هاڃي جي "ڪوڪ" ڪنين مور نه پوندي. سگهارن جي ڪکن ۾ مسافرن جو آڌرڀاءُ ٿئي ٿو. سندن ڏڌ مکڻ لاءِ مٿين ۾ مانڌاڻيون پيون ڇيڄ وجهن. سچ پڇيو ته سنگهارن جا اوتارا جڏن ۽ ڏڌن لاءِ وڏي آٿت آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاهه لطيف جي سُر ڏهر جو علامتي مطالعو

غلام نبي سڏايو

شاهه عبداللطيف ڀٽائي (١٦٨٩ع -١٧٥٢ع) هڪ ڪلاسڪ شاعر آهي. سنڌي شاعريءَ جون انيڪ خوبيون آهن انهي لحاظ سان سنڌس هر هڪ شاعرانه خوبي تي جدا جدا باب لکي سگهجي ٿو.

علامت نگاري (Symbolism) ۾ هڪ شاعراڻي خوبي کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ واري تحريڪ آهي، اها شاعراڻي تحريڪ اسٽيفن مئلارمي ۽ پال ورلائيف ١٨٨٥ع ۽ ١٨٩٥ع جي وچ ڌاري شروع ڪئي. ڪن عالمن جي چوڻ موجب انهي تحريڪ جي شروعات صوفي شاعرن سويڊن بورگ(١٦٨٨ع-١٧٧٢ع) يا سينٽ مارٽن (١٧٤٢ع -١٧٨٣ع) کان شروع ٿي. منهنجي خيال مطابق انهي تحريڪ جو باني مباني شام ولايت جو عربي شاعر ابو طيب احمد بن حسين المنبي(٣٠٢ه-٣٥٤ه)/(٩١٦ع -٩٦٧ع) آهي.

سوسن-ڪي لينگر لکي ٿي ته لفظ علامتون به آهن بلڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي تصور آهن جيڪي انهن لفظن سان وابستہ آهن، انهي ڪري اهو وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ علامتون انساني تصورن جون پيداوار آهن ۽ اهي صرف انسان ئي پنهنجي تجزيي،اعتقاد ۽ نظرئي جي بنياد تي سمجهي ۽ منتقل ڪري سگهن ٿا. جانورن جي دنيا ۾ نشانن جو تعداد تمام گهٽ آهي ۽ انهن وٽ اشارا تمام ٿورا آهن ۽ جڏهن تہ انهن وٽ علامتون بلڪل ڪونہ ٿينديون آهن. انسائڪلو پيڊيا امريڪانا ۾ علامت لاءِ لکيل آهي تہ :"علامت جو لفظ جيڪو مختلف معنائن جو حامل آهي، سو يوناني لفظ"Symbloon" "تان ورتو ويو آهي. عيسائيت جي ابتدائي ڏينهن هي لفظ عقيدي لاءِ اڪثر استعمال ٿيندو هو ۽ اڄ بہ لاطيني ملڪن ۾ مستعمل آهي.... نيپچون ساموندي ديوتا جي علامت آهي.

فرينڪ لوريمر(Frank lorimer) پنهنجي ڪتاب "The Growth of reason" ۾ لکي ٿو! "علامت لفظي عمل جي مطالعي جو ذريعو آهي ۽ ان جي مدد سان اسين انسان جي ذهن جي جوڙجڪ ۽ واڌاري جا سبب معلوم ڪري سگهون ٿا.

معلوم ٿيو تہ علامت کي استعمال ڪرڻ لاءِ هڪ شاعر شين(Objects)کي سڌو سنئون بيان ڪرڻ بجاءِ انهن کي نيون معنائون ڏي ٿو. انهي صورت ۾ شاعر جو اصل ڪمال تڏهن ليکبو جڏهن شعر ظاهري طور تي بہ پنهنجي Situationجي لحاظ کان ،حظ حاصل ڪرڻ جو ذريعو ثابت ٿئي. اهڙي ئي بصيرت افروز ۽ مٿانهين معنيٰ (Higher Meaning) واري شعر کي علامتي شعر ڪوٺجي ٿو.

اچو تہ هيٺ لطيف سائين جي سُر ڏهر جو علامتي اڀياس ڪريون. سُرڏهر تي اهو نالو داستان پهرين جي مناسبت سان پيو آهي. هن سُر ۾ لطيف سائين ٽر جي سفر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوران ڪنهن ڏهر مان گذرندي، انهن ڳالهين کي ظاهر ڪيو آهي جيڪي ڪيس مشاهدي ۽ تجزيي هيٺ آيون آهن. اهي سڀ ڳالهيون ۽ مشاهدا ڪنهن آفاقي حقيقت سان واسطو رکن ٿا نڪي صرف تاريخي واقعن سان.

هن سر جي علامتي تشريح ڪندي شري ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو:

"هن سُر ۾ جتي ڍوري، ڪنڊي ۽ جسودن جو ذڪر ٿو اچي اتي دنيا جي بي ثباتي ۽ الله جي مردن جي اڻاٺ ڏانهن اشارا آهن.ڏهر هي دنيا آهي، جتي ڪڏهن اوج آهي ۽ ڪڏهن زوال، جنهنَ هنڌ اڄ شاهوڪاري آهي، تنهن هنڌ سُيان سڄ وسندي. جو اڄ ڳاڙهو گهوٽ آهي، سو سيان مقام ۾ لٽبو، جيئن جسودن جو زور هيئنرناهي، تيئن روحاني وڻجارن جو به هيئنر قحط آهي. رڳو صاحب ئي ساراه جو لائق آهي. نالو سندس ئي رهندو، ٻيو سڀ فاني آهي. ڪيڏانهن ويا اهي جُنگ فقير، جي وحدت جي درياءَ ۾ حقيقي مالڪن جو وڻج وهائيندا هئا. افسوس جو انهن جو هاڻ نشان به ڪونهي ۽ سندن جاءِ تي اڪ ڦلاريا بيٺا آهن. هن دنيا ۾ ڏٺي جو ئي نالو رهڻو آهي، هوئي اسان جو پردو ۽ پناه آهي، جي دنيا تي ٻيلجي،ڪانئس منهن موڙيو سين ته اسان جو حال به انهي مڇ جهڙو ٿيندو، جو پاڻي ڏسي ٻيليو هو ۽ مهراڻ جي سڪي وڃڻ سان موچڙن جي منهن پيو هو."

هن سُر ۾ شاه صاحب ڪونجڙين لاءِ پنهنجي درد جو اظهار ڪيو آهي ۽ سنگهارن کي ساراهيو اٿس جي سخا ۽ مهمانوازي جا ڪوڏيا آهن. ڪڇ جي مشهور ڏاڙيل لاکي جي واکاڻ ڪئي اٿس، جو ته هو مسڪين پرور ۽ عاجزائن جو پردو رکندڙ هو.

سُر ڏهر ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته انسان دشمن قوتون،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر دور ۾ پيدا ٿيندين رهنديون آهن جيڪي پرائي مال جي تاڙ ۾ رهنديون آهن. اهڙين قوتن کان غافل ٿيڻ نه جڳائي، لطيف سائين اهڙين ئي قوتن سان مقابلي لاءِ اڀاري ٿو ۽ انهن قوتن کي انت ياد ڏياري ٿو. 'ڀڄ' اهڙي ئي علامتي ڪردار جي روپ ۾ آيو آهي.

مڇ جي ڪردار کي لطيف سائين بي اعتبار (Unfaithful) جي علامت ۾ ڏنو آهي. مڇ هڪ حريص ۽ انساني قدرن کان ڪريل اهڃاڻ آهي. شيڪسپيئر جي ڊراما 'ٽيمپيسٽ' جو ڪردار ڪيليبان(Caylibon) لطيف سائين مڇ سان مشابهت رکي ٿو.

ڪيليبان اڌ انسان اڌ مڇي آهي. هن جي ماءُ ليپوريڪس هڪ جادوگرني آهي. ڪيليبان ڳالهائي سگهي ٿو پر سندن سوچ جو انداز حريص ۽ ڪينہ پرور آهي. مڇي هڪ گهڻ معنائو Symbol آهي. مڇ وحشي جيون آهي، جيڪو سماج ۾ پنهنجي ڪردار ذريعي نفرت ۽ ڀيائي پيدا ڪري ٿو.لطيف اهڙين وحشي قوتن سان بنرد آزما ٿيڻ لاءِ انساني ذهن کي تيار ڪري ٿو.مڇ جو ڪردار هڪ استحصالي ۽ سرمائيدارانہ ذهنيت جو حامل آهي جنهن جو تصور سرمائيداري ۽ جاگيرداري سسٽم ۾ ملي ٿو. اسلام اهڙي ذهنيت ۽ اهڙي سسٽم جي خلاف آهي.ان ڪري اسلام جي سماجي سوچ رکندڙ هر ڏاهي اهڙين قوتن سان جنگ جوٽڻ لاءِ ترغيب ڏني آهي.

هن سُر جون چند بنيادي علامتون هيٺ ڏجن ٿيون.

مَهراڻ، حبسودا، مڇ، ڪونج، لاڪو ۽ لڪي.مهراڻ سڄي ڪائنات ۽ سڄي انسانيت جي علامت آهي ڪائنات ۾ هر قسم جا انسان ۽ ٻيا وحشي جيون رهن ٿا.تاريخ اهڙن ڪردارن کان خالي ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’حبسواد‘ اهڙي علامت آهي جنهن جو ڪائنات تي راڄ آهي. جن جو مشاهدو باريڪ ۽ عميق آهي. اهي ڪائنات جي سيني لڪن، لاڙن، پنڌن ۽ پيچرن جا واقفڪار آهن .مڇ وحشي جيون آهي، جنهن جي عادت آهي انسان کي اهنج رسائڻ. مڇ بدي (Evil) جو تصور (Concept) آهي. نفسياتي طور تي مڇ ڏسي وائسي انسانن لاءِ مسائل پيدا ڪري ٿو. هو ڪائنات ۾ رهي، اتي رهندڙ انسانن لاءِهاڃي جو سبب بڻجي ٿو. هن کي پنهنجي سرمائي تي وڏو فخر آهي ۽ هو انهي طاقت جي نشي ۾ ڪنهن به انسان کي اهميت نٿو ڏي. مسنوعي فخر ڪيس ڪنڌ ڀر ڪيريو ۽ قوت ڪم نه آئي ۽ آخر ماڻهن جي موچڙن جو شڪار ٿيو.

’ڪونج‘ سماج جي هڪ اهڙي فرد جي ڪهاڻي آهي جيڪو سماج جي هٺراڏو ڏولاون شڪار آهي جنهن کان پنهنجي ئي ديس ۾ جيئڻ جا حق ڪسيا وڃن ٿا. سندس اٿڻ ويهڻ ۽ نشست و برخاست تي پهرا آهن. ’ڪونج‘ اهڙي فرد جي علامت آهي جيڪو سماج جي انيائن کي دور ڪرڻ لاءِ سوچي ٿو ۽ پنهنجن جي درد ۽ پيڙا کي هر گهڙي محسوس ڪري ٿو.

’لاڪو‘ دشمن قوتن لاءِ ڏاڙيل آهي، پر لطيف سائين سندس ڪردار کي مهان سخي جي علامت ۾ پيش ڪري امر بڻائي ڇڏيو . ’لاڪو‘ براين کي ختم ڪندڙ ۽ حريص ۽ شرير قوتن کي ڙڙيندڙ ۽ ڏتڙيل ۽ مسڪين طبقي لاءِ سک ۽ آسائش جي علامت آهي.

’لکي‘ لاکي جي گهوڙي جو نالو آهي، پر لطيف سائين ’لکي‘ کي معرفت جو ذريعو ڪري پيش ڪيو آهي.نفساني خواهش ۽ وحشي قوتن کي ختم ڪرڻ ۾ ’لاکي‘ جي علامت چنجي نه بجا آهي. لطيف سائين چوي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لکي لاکو ٻنهي منا، ٻاجھ ٽي،
قادر لاٿو ڪڇ تان، اڏيون اولاکو،
واڻين ۾ واڪو، ريٻا ڪڙي رهي ويا. (شاهواڻي-۴-۲۷)

لکي ۽ لاکي جي مرڻ تي، وقت جا جاگيردار خوشيون ٿا ڪن. استحصالي قوتون، اهڙن سماج سڌارڪ هستين ۽ انهن جي پوئلڳن جي هلي وڃڻ کي پنهنجو ڀاڳ ڀائيندا آهن،لطيف سائين اهڙن ئي استحصالي قوتن جي اندر جي ڳالھ ٻوله ڪري ٿو، جيڪو هڪ مهان مرد ۽ سندس حوارين جي موت تي (خاموشي واري روش تي) خوشي جو اظهار ڪن ٿا. لطيف سائين اهڙن انسانن جي دنيا تياڳي وڃڻ تي چوي ٿو:

سڄ ڪ سکو ڏور، ڪنڌي اڪ ڦلاريا،
جنگن چڏيو زور، سَرُ سکو سونگي گيا.

ڏور ۽ سَرُ ٻنهي هم معنيٰ لفظ آهن جيڪي ڪائنات جي معني ۾ استعمال ڪيا ويا آهن. اَڪ ڦلارجڻ روائتي علامت آهي، اَڪ ڦلارجڻ معنيٰ جتي وسڻ ۽ نه هجي، يعني هي علامت آهي سڄ ۽ ويرانيجي 'جَنگ' آدرشي انسانن ۽ صاحب تصوف ماڻهن جي علامت لاءِ ڪتب آيو آهي. 'سونگي' معنيٰ آهي محصول وٺندڙ، پر علامتي معنيٰ ٽيندي روحاني فيض بخشيندڙ.
مٿين بيت جو مطلب آهي ته هي ڪائنات بي بقا آهي ۽ ان جي هميشه هجڻ واري، ويساه ۾ ڦاسڻ نه گهرجي. اڄ جيڪا جوءِ آباد آهي، سا سڀان سڄ ۽ ويراني جو ڏس ڏيندي،جڏهن ڪو ماڻهو ئي سڄو ٽي ويندو ته اتي روحاني فيض رسائيندڙ به ڪونه رهندا. حقيقت ۾ لطيف سائين انهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيت ذريعي پنهنجي دؤر جي ترجماني ڪئي آهي. ان وقت ملڪي حالتون اهڙيون هيون جو هر طرف خوف ۽ هراس، قحط ۽ ڪلور جو ڏيک هو ۽ ساڳيءَ وقت، جبر ۽ ڏاڍ واري فضا ۾ آدرشي ماڻهن جي ٻه اٽاٽ ٿي ويئي هئي. تنهن ڪري ئي لطيف چئي ڏنو:

"جنگن ڇڏيو زور، سَرُ سڪو سونگي گيا."

ڏيهه جا ڏاها ماڻهو وقت جي رفتار جا پارکو هوندا آهن، سماج ۾ ٿيندڙ هر تبديلي تي انهن جي اک هوندي آهي . انهن کي اندروني ٽوڙڦوڙ بيروني خطرن جي آگاهي هوندي آهي.لطيف چوي ٿو :

ڍور نه اڳين ڍار، مهند ملاحن لکيو،
موڙي ڇوڙيا مڪڙا، پسي پاڻي پار،
جسودن جيها يار، پيڙا وير وِماس ۾.(شاهواڻي ١-١٠)

'ملاح' دانشور جي علامت آهي ۽ 'مڪڙا' واسطا ۽ ذريعا آهن.جڏهن ڏاها ۽ دانشور، سماج مٿان ڪا مصيبت ايندي ڏسندا آهن ته يڪدم ان مصيبت کان بچڻ لاءِ سوچي سانياها ڪندا آهن ۽ پنهنجي سماج کي انهن نتيجن کان آگاهه ڪندا آهن لطيف سائين جڏهن اغيارن جي پنهنجي سماج مٿان مسلسل يلغار ٿيندي ڏٺي تڏهن خاموش نه رهيو ۽ مٿين بيت ۾ اهڙي ئي صورتحال کي ظاهر ڪيائين.لطيف سائين صرف ان صورتحال کان پنهنجي سماج کي آگاهي ڪونه ٿو بخشي، بلڪ انهن سماج روش ۽ استحصالي قوتن کي چتاءُ ڏيندي چوي ٿو :

جاڻ واهڙ ۾ وَهُه ، تان تون مڇ نه مونئين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاني ۾ ڪوهه ڪرئين، پوءِ موٽن جو پَهه؟
سِر مٿي تون سَهه، مهميزون ملاحن جون.
(شاهوالٽي، ۱-۱۱)

لطيف سائين اهڙن دئيتن ۽ سماج دشمن عناصر کي انتباهه ڏي ٿو ته اهي پنهنجي روش تي نظرثاني ڪن، ڇو ته تاريخ جي مسلسل عمل مطابق سندن خلاف سماج طرفان مهم هلندي ۽ انهن عناصرن جو انت ايندو. لطيف سائين جي شاعري انهي ڪري ئي زمان ۽ مڪان جي پابندين کان مٿي ڪائناتي بڻجي پئي آهي.

اهڙن ئي عاقبت نااندیش ۽ مایامیڙيندڙ ٽولي کي ننڍي نڌي لطيف چوي ٿو :

متو آهين مڇ، ٽلهو ٽيو ٽونا هٽين،
جاتو ڏٺي اڇ، تنهن پالي پنا ڏينهڙا. (شاهوالٽي، ۱-۱۴)

لطيف سائين اهڙي استحصالي ، حريص ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ڪندڙ کي مايا ۽ مال جي گهٽائي ڪري "ٽلهو" ڪوٺي ٿو. ڇو ته اهڙين ماڻهن جو دين ڌرم مايا جي موهت آهي. هو ڪنهن به رشتي ناتي،قومي ۽ سماجي سوچ ۽ اخلاقي قدرن جي پرواهه ڪونه ٿا ڪن. هر موقعي ۽ هر جاءِ تي صرف پيسي جي زبان ڳالهائن ٿا. انهن قدر ناشناس ماڻهن کي لطيف ٻڌائي ٿو ته توهان جي غلط نموني سان گڏ ڪيل ميڙا چونڊي جو عنقريب انت اچڻ وارو آهي.

لطيف سائين جي اها سماجي تبديلي واري سوچ، اڄ به نئين نڪور آهي. انهي سوچ جو واسطو فطرت جي خيال کان ايڪائي(Unity)۾ آهي. تبديلي جو اهو عمل لطيف سائين کان گهڻو پوءِ ڊارون ڏنو. ارتقائي طور تي تبديلي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهي عمل کي ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو اندروني طور تي هڪ واحد عمل جيان بدلجندڙ ڪائي سمجهي ٿو. انهي اندروني تبديلي سان طاقتن (Forces) جي رونمائي ٿئي ٿي ۽ اهو ئي فطرت جو جوهر ڪَل آهي جنهن تي ويساه ڪرڻو پوي ٿو.

سُر ڏهر جي ٻي داستان ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جي ڪائناتي حاڪميت ۽ محمد عربي صلعم جن جي شخصيت کي رحمت جي علامت طور پيش ڪيو ويو آهي. نبي اڪرم صلعم جن جي شخصيت نه صرف عرب دنيا لاءِ رحمت جو اهڃاڻ آهي بلڪ پوري ڪائنات ۾ وسندڙ هر ذي روح لاءِ رحمت ۽ برڪت جو سنديشو آهي.حضرت ابراهيم عليه السلام جي دعا جيڪا هن ڪعبته الله جي تعمير وقت الله تبارڪ وتعالي کان گهري، تنهنجو نتيجو نبي اڪرم حضرت محمد صلعم جن هئا.فرمائن ٿا :

"اي اسان جا پروردگار موڪل انهن ۾ هڪ رسول، انهن (اهل عرب) مان ئي جيڪو انهن تي تلاوت ڪري تنهنجون آيتون ۽ انهن کي تعليم ڏي ڪتاب ۽ حڪمت جي ۽ انهن جو تزڪيو ۽ تطهير ڪري(هر گندگي ۽ نجاست کان). بي شڪ اي پروردگار تون وڏي عزت وارو ۽ حڪيم آهين."

نبي اڪرم صلعم جن جي آمد سچ پچ جڻ ته اونده ۾ روشني جو اچڻ آهي. سندن بعثت نه صرف سماجي ۽ اخلاقي طور تي ڏتڙيل قوم عرب جي ڀلائي ۽ بهتري جو سبب بڻي، بلڪ پوري ڪائنات لاءِ عظمت، بهادري، امن، عقل ۽ دانش جو مينار ثابت ٿي.

دور جديد جو هڪ عالم مائيڪل ايڇ-هارٽ حضور صلعم جن جي سماجي ۽ سياسي بصيرت کي سامهون رکندي، سندس شخصيت کي دنيا جي هڪ سؤ عظيم انسانن جي نالن ۾ سر فهرست رکڻ لاءِ مجبور ٿئي ٿو. هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچائي جي اعتراف ۾ پنهنجي ڪتاب "The 100- A Rank-ing of the most influencial persons in history
جي صفحي ٣٢ ڪان ٤٠ تي لکي ٿو :

"He was only man in history who was supremely successful on both the religious and secular lev-els......Today thirteen centuries after his death, his in-fluence is still powerful and pervasive.

It is this unparalleled combination of secular and religious influence. Which I feel entitled Mohammad to be considered the most influencial figure in human history".

حضور ڪريم صلعم جن جي انسانن سان محبت ۽ سندس شخصيت جو نقشو چٽيندي جسٽس امير علي لکي ٿو: "هن جا ڪن هميشه غريبن جي تڪليفن ۽ غمن لاءِ ڪليل هوندا هئا. هن جي دل خدا جي مخلوق لاءِ هميشه محبت ۽ رحمت سان ڀريل هئي، هو تمام آهستي ۽ باوقارنموني سان ڳهندا هئا. ماڻهو هن ڏانهن اشارو ڪري چوندا هئا ته هي امين اٿو يعني سچو، سڏو سنئون ۽ با اعتماد."

نبي اڪرم صلعم جن جي نبوت جي صداقت ۽ شان ۾ ورقد بن نول جيڪي شعر پڙهيا، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ پنهنجي ڪتاب "نعتيه شاعري" ۾ ان جو حوالو ڏنو آهي :

"ته محمد(صلعم) اسان ۾ جلد سردار ٿي ايندو ۽ ان جي طرفان جيڪو ماڻهو به ڪنهن سان بحث ڪندو، اهو غالب رهندو ۽ سيني شهرن ۾ ان نور جي روشني ڦهلجي ويندي، جيڪا خدا جي مخلوق کي سڌو هلائيندي ۽ ڇرويچڙ ٿيڻ کان بچائيندي. ان کان پوءِ جيڪو ان سان جنگ ڪندو، نقصان هيٺ ايندو، ۽ جيڪو ساڻس مصالحت ڪندو، فتحمند رهندو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نبي اڪرم صلعم جن توحيد کي خالص فڪر جي حيثيت ڏني ۽ خدا جي ايڪائي واري تصور ۾ انسانيت جي ڀلائي واري مقصد کي ظاهر ڪيو. زندگي جي داخلي توڙي خارجي مسائل جو حل وحدت ۾ پنهان آهي ۽ هر ڪا شيءِ ان فلسفي جي بنياد تي عمل پيرا آهي.

لطيف سائين انهي داخلي توڙي خارجي عوامل کي هر پاسي کان ڏسي رهيو هو. انهي ڪري ئي سندس خيالات Ideas جو مرڪز فرد آهي، جيڪو اجتماعيت جو ڀريون ڏاڪو ۽ "ڪل" جي تشريح آهي. محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو انهي سلسلي ۾ لطيف سائين جي خيالن جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو :

"شاه صاحب هن دنيا جي ڪثرت جي وچ ۾ رهيو ٿي. ڀلي سندس روح جو رايو وحدت ڏي هجي، پر هن جا لاڳاپا هن مادي دنيا سان به هئا. ڪيس مادي دنيا کان ڇني ڌار ڪرڻ به سائنس زيادتي آهي. دنيا سان پنهنجي تڙ ڏاڏي شاه ڪريم وانگر 'هنيون ڏجي حبيب کي، لڱ ڳڏجن لوڪ' مثل رهيو."

مَ ڪر ڍول ڍلو ناتو نماڻي سين،
ڪونهي ڪميڻي جو، بگرتوبلو،
تنهنجو ناءِ نلو، وٺيو ويٺي آهيان. (شاهواڻي -٢-٢٤)

ستر ڪرستار، آءُ اگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻهار! ڏيئي پاند پناه جو. (شاهواڻي-٢-٢٥)

ادب ۾ ڪردار جي سوال تي وڏو بحث ٿي سگهي ٿو. سڀ ڪردار اقليتن (وحدتن) جي تصور جي پيداوار آهن. لطيف انهن حالتن هيٺ ٺهندڙ ڪردارن جو اکين ڏٺو شاهد ۽ ترجمان آهي. وڏ ننڍائي ۽ اونچ نيچ جي فاصلن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏسي ھو خاموش ٿي رھي.پھرين بيت ۾ "ڪميٽي" لفظ ذات جي سوال تي گھٽ ذات لاءِ استعمال ٿيو آھي ۽ ٻي بيت ۾ لفظ "اڳھاڙي" پڻ ساڳي تصور ھيٺ ڪم آندل آھي.

تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ لطيف سائين جي دور وارو سماج اونچ نيچ جي قندن ۾ ڦاٿل،ننڍ وڏائي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ ھوڏ ۽ ھنيلائپ تي ٻڌل ھو.

ڪنھن بہ اھڙي سماج کي سنئين گس تي ھلائڻ لاءِ ضروري آھي تہ مظلوم ماڻھن جي دانھن جي داد رسي ڪئي وڃي ۽ سماجي انصاف آڻڻ لاءِ، مظلوم، گھٽ ذات ۽ اقليت جي داد رسي ٿيڻ گھرجي. ٻي صورت ۾ فسادي عناصر وڌندا رھندا ۽ سماجي انصاف آڻڻ ۾ وڏيڪ رڪاوٽون پيدا ٿينديون.ڇو تہ "ماڻھن ۾ انفراديت ايتري تہ وڌي ويني آھي جو ھڪ شخص ڪٿي ڪيتروئي پڪاري ڪو ان جي مدد لاءِ اڳتي ٿي وڌي. ايتري تائين جو اھي ماڻھو بہ انھن جي مدد لاءِ پنھنجي سيني ۾ ڪو درد محسوس ٿا ڪن جيڪي ٻي انصافي جي خاتمي لاءِ پنھنجون تحريڪون ھلائن ٿا. لطيف سائين سماج جي انھي سور کي محسوس ڪيو ۽ انھن پيڙا ۾ ورتل ماڻھن کي 'ڪميٽي' ۽ 'اگھاڙي' جي علامت ۾ پيش ڪري، اھڙي ٻي انصافي جي خاتمي لاءِ پنھنجون تحريڪون ھلائيندڙنام نھاد ٺيڪيدارن کان پناہ ۽ ستُر جي تقاضا ڪئي آھي، وحدت جي بہ اھائي تقاضا ۽ اھو ئي اصول آھي.

مذھبي طور تي اھا ئي تقاضا وحدت جي يڪسانيت واري اصول مطابق خداوند ڪريم کان ڪيل آھي جنھن ۾ سماج روش عناصر جي ظلم ۽ ڏاڍ کان بچاءُ جي خواھش جو زور دار اظھار آھي. اھائي تقاضا ھر باشعور فرد کان ڪري سگھجي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان نفسياتي طور تي جڏهن لاچار،بيوس ۽ سماج جي استحصالي ٽولي توڙي ڪنگن جي ڪني ڪيل پاڻي ڪان بيزار ٿئي ٿو،تڏهن لازمي طور تي هو ڪنهن آدرشي انسان، پنهنجي پرجهلو ۽ ڪارڻي ڪان اهڙي ماحول مان نجات جو طالبو ٿيندو آهي.

مديني جا ڌڻي، سڻ منهنجا سڏڙا،
تنهنجي آه ٽڻي، هي ڪنڌي ساريان ڪانڪا.
(شاهوالي-٢-٢)

مٿين بيت ۾ 'مدينو' ۽ 'ڌڻي' ٻئي علامتون آهن. هن بيت ۾ داخلي ۽ خارجي ٻئي عوامل موجود آهن. جڏهن سماج ۾ برايون وڌي وڃن ٿيون ۽ چڱايون گهٽجي وڃن ٿيون تڏهن تاريخ جي ڪا اعليٰ شخصيت ان سماج کي سڌارڻ لاءِ پيدا ٿيندي آهي.حضور ڪريم صلعم جن جي ظهور کان اڳ ملڪ عرب ۾ مجلسي ۽ اخلاقي برايون وڌي چڪيون هيون ۽ انساني زندگي کي ڪا اهميت ڪونه ڏني ويندي هئي. عورتن کي حقير ۽ پيرن جي جتي کان به گهٽ سمجهيو ويندو هو. انهي ڪري Causes ۽ Effects جي هن دنيا ۾، خداوند ڪريم جي اٽل قانون مطابق،اهڙي ماحول ۾ براين کي ترڻ لاءِ ڪنهن خاص بندي جو اچڻ لازمي امر هو. لطيف سائين اهڙي ني صورتحال کي اجهو هيئن بيان ٿو ڪري :

اوٺن ڪارڻ اڄ، نيڻ نهارا مون ڪيا،
پنهون جام پهچ، ته لاهيون اَڄ اکين جي.
(شاهوالي-٢-١١)

'اوٺي' ۽ 'پنهون' ٻئي علامتون حضرت محمد صلعم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏانهن اشارو به آهي ته هر ان آدرشي ۽ مهان شخصيت ڏانهن به، جيڪو ڏيهه جا ڏولاوا ڏور ڪري ٿو ۽ براين کي دور ڪري ينيور کي اجاري ٿو. درد ۾ ورتل ماڻهن جون اکيون اهڙن شخصيتن لاءِ تانگهينديون رهن ٿيون.

حقيقي واقعات صرف حقيقي عمل سان ئي پيدا ٿيندا آهن. لطيف سائين انهي سلسلي ۾ چوي ٿو:

سُتا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ،ننڊون ڪندي نه ٿئي.(شاهواڻي -٢-٨)

مٿين بيت ۾ "ستل" ۽ "سلطاني سهاڳ" ٻئي علامتون آهن. انساني ارتقا لاءِ تعمير جو هڪ قاعدو، مسلسل جدوجهد آهي. جيڪو چرپر ڪري ٿو، ان جو رستو ڪڏهن به بند نٿو ٿئي،ان لاءِ ضروري امر اهو آهي ته انسان پاڻ ۾ غفلت کان بچڻ جي عادت پيدا ڪري، جو ته ناڪامي ۽ مايوسي صرف اتي وارد ٿئي ٿي جتي زندگي جي بنيادي عوامل کان منهن موڙيو وڃي ٿو. ان ڪري ئي لطيف سائين غفلت ۽ ننڊ جي نحوست جي نشاندهي ڪندي، محنت ۾ معراج ٻڌائي آهي. دنيا داريءَ جي سلسلي ۾ لطيف چوي ٿو.

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نه چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا. (شاهواڻي-٢-٢٠)

مٿين بيت ۾ 'ڦيڻ' ۽ 'ڪير' ٻئي علامتون آهن. دنيا جو ڏهڍپو، قوت، پئسو وغيره لاءِ لفظ 'ڦيڻ' علامتي طور تي استعمال ڪيو ويو آهي. 'ڪير' اڇي رنگ هجڻ ڪري پاڪائي (Purity) ۽ صفائي لاءِ استعمال ٿيو آهي.وڏائي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قوت ۽ پنسو سڀ ظاهر داري واريون شيون آهن انهن جي موه ۾ ڦاسڻ وارا پاڪائي جي تصور کي سمجهڻ کان ڪورا آهن. اهڙائي ماڻهو ظاهر واري جي ڪري اصليت کان هٽي وڃن ٿا.هي بيت گهڻ معنائو آهي ۽ هر هڪ ماڻهو جي ذوق جو پورائو ڪندڙ آهي.هيئين بيت ۾ لطيف سائين پيڙا ۾ ورتل فرد جي روئداد ٻڌائي آهي:

پيئي جا پر ڀات، سا ماڪ مَ پَسو ماڙهنئا،
روئي چُڙيي رات، ڏسي ڏڪوين کي. (شاهوالي-٢-١٦)

ڏڪايلن جي ڏک کي ڏسي هر ڪادل ناهي روئندي. لطيف سائين انهي صورتحال کي ٻڌائڻ لاءِ علامت جو سهارو ورتو آهي. 'پرڀات' ،ماڪ ۽ 'رات' سڀ علامتون آهن 'پرڀات' چڱائي ۽ نيڪي جي علامت آهي، رات' بدي، ناپاڪي ۽ خراب حالتن جي نشاندهي ڪري ٿي، 'ماڪ' رحمت ۽ پاڪائي جي پالوٽ ڏانهن اشارو آهي.

لطيف سائين چوي ٿو ته وقت سر هر ڪو عمل، نيڪي، پاڪائي ۽ سود وارو ٿئي ٿو. باعمل انسانن جي وقت سر ۽ موقعي جي مناسبت سان عمل ڪرڻ ڪري بدي ۽ خراب حالتون به ڪانئن دور ٿي وڃن ٿيون. ان ڪري هر مقصدي ماڻهو کي چڱائي ته پنهنجو ڪم وقت سر ۽ پابندي سان ڪندو رهي ته ڪو سبب ڪونهي جو ناسازگار حالتون سندس مد مقابل ٿيڻ.

مطلب ته نيڪي جي عمل سان جيڪا رحمت جي پالوٽ ٿئي ٿي، ان جي اڳيان برائي ۽ ناپاڪي بيهي نٿي سگهي ۽ اها اهڙن باعمل انسانن جي سچي عمل ڪري گم ٿي وڃي ٿي.

سچي عمل اڳيان ڪاٻه برائي پير جمائي بيهي نٿي سگهي

ٻڌي ۽ ايڪي جي سلسلي ۾ لطيف سائين چوي ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڳر ويا وهي، ڪاله تنهنجا ڪونجڙي،
ڪندين ڪوه رهي، سَر ۾ سپرين ري؟
(شاهوالي -۴-۴)

'ڪونجڙي' مان مراد آهي سماج جو ستايل انسان. 'سَر' مان مراد آهي ديس يا وطن. 'سپرين' آدرشي انسان ڏانهن اشارو آهي.ہڏي يا ايڪي مان مراد آهي جُز جو ڪل ۾ سمائجڻ يا اينئن چنجي ته اجتماع لاءِ پنهنجي ذات جي قرباني ڏيڻ.ہڏي جو ہيو مقصد آهي ڪنهن مثبت مقصد لاءِ گڏ ٿيڻ جيڪا صحت مند سماج جي علامت آهي. منفي مقصد واري ہڏي مرض جي علامت آهي. مٿين بيت ۾ لطيف سائين ہڏي جي مثبت پهلو کي سامهون رکيو آهي.

لطيف سائين آدرشي ماڻهن جي کهي وجڻ ڪانپوءِ، پنهنجي ئي ديس ۾ ڏارين قوتن جي ور چڙهڻ بجاءِ نبوي پيروي يعني هجرت ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. جڏهن حالتون خطرناڪ ٿي وڃن ۽ وجود جي فنا ٿيڻ جو خطرو وڌي وڃي تڏهن حالتن جي سازگار ٿيڻ تائين ديس ۾ رهڻ بجاءِ منتقلي کي ترجيح ڏيڻ گهرجي.هي بيت ب گهڻ مقصدو آهي

ہڏي ۽ اتحاد جي اهميت ہڏائيندي لطيف چوي ٿو :

وڳر ڪيو وتن، پرت نه چنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڙ هننا ميٽ گهٽو. (شاهوالي-۴-۵)

جيڪڏهن ڪنهن جماعت ۾ اتحاد ناهي ته ان جي وجود جي بقا جي ب ڪا گرنٽي ڪانهي.مقصد جي حاصلات لاءِ جتي عمل جي ضرورت آهي،اتي ہڏي ۽ اتحاد کي ب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوتري ئي اهميت آهي. لطيف سائين هر عمل انفراديت کان وڌ اجتماعيت تي زور ڏنو آهي. ان ڪري ئي لطيف سائين ٻڌي ۽ اتحاد جو درس ڏيندي پکين جي ولر جي علامت ڏني آهي.

ٻڌي ۽ ايڪي جو ضد ڇڙوڇڙ ٿيڻ ۾ آهي. قومن جي زوال جو سبب ٻڌي وڃائڻ آهي. قومون دشمن جي نرغي ۾ تڏهن ٿيون اچن، جڏهن انهن مان ايڪو ۽ اتحاد ختم ٿي وڃي ٿو. دشمن قوتون هميشه قومن جي اتحاد کي ڇيهو رسائڻ لاءِ سوين حربا هلائينديون رهن ٿيون. لطيف سائين دشمن جي اهڙين چالبازين کان هوشيار ڪندي چوي ٿو:

ڪونج! نه پسين ڪک، ڏيہ جنهن سين ڏيہو،
ماريءَ ماري لک، وڳر هٽين ويچون ڪيا.
(شاهواڻي-۴-۱۶)

مٿين بيت ۾ 'ڪونج'، 'ڏيہ' ۽ 'ماري' سڀ علامتون آهن. هن بيت ۾ لطيف سائين اتحاد جي ضرورت تي زور ڏيندي، دشمن جي ڪوڙڪين ۽ ڦندن کان بچڻ جو ڏانءُ ڏسيو آهي.مطلب ته ڪنهن به ديش دروهي پنهنجي شاطرانه چالين سان، قوم جي اتحاد ۾ ڪٿي به ڪو ڇيهو وڌو ته اها قوم ٽولن ۾ ورهائجي ويندي ۽ دشمن لڪن ماڻهن کي پنهنجي زهر ٻريل تير جو نشانو بڻائي وجهندو. دشمن جي اهڙي روش اختيار ڪرڻ کان اڳ لطيف سائين قوم کي چتاءُ ڏيندي چويٽو:

ڪونج نه لکيو ڀاڻ، جو ماري سندي من ۾،
اوچتي پرياڻ، وڳر هٽي ويچون ڪيا. (شاهواڻي-۴-۱۷)

لطيف سائين سنڌي سماج جي نفسيات جو جائزو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٺندي چويٽو :

ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ، اي نه سنگھارن سِٽ،
ڪاهي ايندا ڪڏهن، مٿي وانڍ وهٽ،
جي هائو هونئي مِٽ، تپ اوڊو لاه مرَ ان جو.
(شاهوالٽي-۴-۲۷)

لطيف سائين مٿين بيت ۾ 'سنگھار' 'وانڍ' ۽ 'هائو' جا لفظ تصوراتي طور تي ڏنا آهن. سنڌي سماج جي نفسيات جو لطيف چاڻو آهي ۽ ان جي ٻڌي، اتحاد ۽ گڏ رهڻ واري عادت کان به واقف آهي. وقتي طور تي دشمن جي چال ڪري، سندن اتحاد کي جيڪو ڇيهو رسيو آهي، انهن کي ٻيهر گڏائڻ جو خواهان آهي. هو دشمن کان هوشيار ڪندي چوي ٿو،ته اهڙن مالهن تي اصل اعتبار نه ڪجي، اهي ڇو نه پنهنجن منجهان ئي هجن. دشمن قوتون غير اخلاقي طور تي مال ميڙي مالدار بڻجي ويهن ٿيون. انهن کي هميشه ان حرام مال جي ڦرجڻ جو خطرو رهي ٿو.

اهڙن استحصالي ۽ ڦورو ٽولن خلاف تاريخ جي هر دؤر ۾ ڪي آدرشي انسان ايندا رهيا آهن ۽ ڪانئن غلط طريقي سان گڏ ڪيل ملڪيت ۽ مال ڦري، مسڪينن ۽ محتاجن جي حوالي ڪري،مساواتي طريقو اختيار ڪندا رهيا آهن. اهڙي ئي هڪ آدرشي انسان کي لطيف سائين لاکي ڦلاڻي جي علامت ۾ اجهو هيئن پيش ڪيو آهي:

لاکا لڳ سُڄن، ڦلاڻي ڀير ڀيو،
جنهن ڀر راڻا، راڇيا، ڪوٽن منجهه ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، سُتي سنچو نه لهي.
(شاهوالٽي -۴-۴۲)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن بيت ۾ ’ لاکو‘ ، ’ڦلاڻو‘ ۽ ’جاڙيجا‘ سڀ علامتون آهن. ظاهري طور تي اهي نالا ۽ قبيلا آهن پر حقيقت ۾ اهي ڪنهن لافاني ۽ اجتماعي سوچ جو تصور آهن. ’ڦلاڻو‘ علامت آهي آدرشي انسان جي، جيڪي تاريخ جي هر دور ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن ۽ سماج جي ستايلن لاءِ رهبر ۽ سونهان ثابت ٿيندا آيا آهن.

لاکو غريبن جي سار سنڀال لهندڙ هڪ مهان شخصيت جو اهڃاڻ آهي. ان جي دروازي سوين غريب ۽ مسڪين اچيو پناه وٺن ٿا.

لاکا لڄ سنڌياءِ، اوڏ اگلي آهيان،
پڪاسي پرتاءِ، جي اجهي تنهنجي اڏيا. (شاهواڻي-۴-۴۸)

’اوڏ‘ مسڪيني ۽ غريبي جي علامت آهي. غريب ماڻهو هميشه ڪنهن چڱي ۽ رڄ مڙس جي ڳوٺ يا راڄ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏيندا آهن، جتي سندن حقن ۽ ننگن جي حفاظت ٿئي ٿي. مٿين بيت ۾ لطيف سائين اهڙي ئي حقيقت جو اظهار ڪيو آهي.

’لاکو‘ ڪُل ڏاهن ڏانهن به اشارو آهي ته طاقت ۽ دانشمندي جو اهڃاڻ به آهي. ’اوڏ‘ جز، ڪم طاقتي ۽ سادائپ جو اهڃاڻ آهي. هر مڪتبہ فڪر جو ماڻهو مٿين بيت مان پنهنجي پنهنجي فهم مطابق معني حاصل ڪري سگهي ٿو.لطيف سائين سماج ۾ ظاهر ٿيندڙ ٻنهي حالتن تي نظر رکيٺو. حالتون سازگار به هونديون آهن ته ناسازگار به اچي سگهن ٿيون، پر هر حال ۾ بهادر ۽ اڏول ٿي وِڪ وڌائڻ ۾ ئي عظمت ۽ ڏاهپ آهي.

ڪڏهن مڙه مقام، ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندو واريءَ ڪوٺ، اڏيو اڏبو ڪيترو.
(شاهوالي-۴-۲۵)

محترم تنوير عباسي لکي ٿو ته : " 'ڳاڙهو گهوٽ'
سنڌي ۾ بهادر جي معني ۾ استعمال ٿيو آهي. شاه لطيف
هتي ان کي بهادري ۽ شهيد جي معني ۾ ڪتب آندو آهي."

لطيف سائين بهادري سان جيئڻ ۽ بهادري سان مرڻ جو
گُر سيکاري ٿو،جو ته هي انساني پيٽرو واريءَ جي ڪوٺ جي
مثل آهي.سُر ڏهر ۾ جتي انساني مسائل ، زندگي جي
پيچيدگين ۽ اونچ نيچ جي مسائل کي بيان ڪيو ويو آهي.
اتي زندگي جي مسئلن ۽ پيچيدگين جو حل ۽ طبقاتي
سسٽم خلاف روشن راهون به ڏيکاريون ويون آهن. هڪ
پاسي ڏاڍ ۽ ڏمر ۽ استحصالي قوتن جون ڪاروايون آهي ته
ٻئي پاسي آدرشي انسانن جي معرفت ۽ فطرت جي
ڪارسازي سان انهن قوتن کي ڪاري ضرب لڳائي ختم
ڪيو ويو آهي. مطلب ته فڪر ۽ فنا جي دنيا ۾ حق ۽
باطل،سچ ۽ ڪوڙ جو مقابلو ڏيکاري، آخر فتح حق ۽ سچ
جي ڏيکاري ويئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڏهر ”سچائيءَ جو سڏ“

ڊاڪٽر اسد جمال پَلي

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ وسيع مطالعي ۽ انيڪ مشاهدن جي آڌار تي، انهن انهن موضوعن کي نباهيو ۽ پنهنجي پيغام ۾ سمايو آهي، جيڪي سندن ڪلام جي همه گير ۽ عالمگير حيثيت جا ساکي آهن.

انساني جبلتن، عادتن ۽ ضرورتن جا سڀ عنوان رسالي ۾ موجود آهن. تصوف ۽ فلسفي جي پيچيدگين کان وٺي اخلاقياقت ۽ بين الاقوامي انقلابن جي اقدارن تائين،اسلام جي آفاقي پيغام کان وٺي خانداني ۽ قومي روايتن تائين، معاشي ۽ اقتصادي مسئلن کان وٺي ،ضمير جي آواز ۽ دل جي درد جي سرنگن تائين پاڻ هر انسان جي اندر جو احوال پيش ڪري ٿو. ڪڏهن عاشق زهر پياڪ ٿي ٿو ڳالهائي ته ڪڏهن خماريل نيڻن وارو معشوق،جنهن جي نيڻ ڪٽڻ سان سورج جون شاخون جهڪيون ٿيو وڃن ۽ قمر ڪومائجيو پئي.

ٻوليءَ جون انيڪ خوبيون ۽ لساني جوڙ جڪ، ڪردارن جا من وڻندڙ انداز،تاريخي ۽ نيم تاريخي داستان ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاگرافيائي اهڃاڻ سڀ سندس شعر جي خوبين ۾ اضافو آهن. اِهي ئي اهم عنصر آهن جن سان "شاهه جو رسالو" هر دور جي "آواز"هجڻ جي حيثيت رکي ٿو ۽ هر ڪنهن وقت شاهه جو ڪلام تازو ،حالتن مطابق ۽ انساني ذهنن جي تبديلين جو ساٿي رهندو اچي.

"سر ڏهر" شاهه صاحب جي رسالي جي ٻين سرن وانگيان تمام گهڻن موضوعن سان ٽمٽار آهي، جن ۾ بهادري ۽ جوانمردي، لالچي کي تنبيهه، انتظار ۽ اوسيڙو غفلت جي سزا، سجاڳيءَ جو سڏ، ويل وقت جو پڇتاءُ،ڪونجن سان ڪچهريون، ماضيءَ جي سورمن جون ڪهاڻيون ۽ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ وغيره شامل آهن.هن مختصر مضمون ۾ اسين ڏسنداسين تہ شاهه صاحب 'سر ڏهر' ۾ اسانکي سجاڳيءَ جو ڪهڙو سڏ ڏنو آهي.

انسان کي جيڪا شيءِ غفلت ۾ گهيري بلڪل پنهنجي حالات کان بي خبر رکي ٿي اها آهي"ننڊ".شاهه صاحب ننڊ جو ذڪر تمام گهڻن هنڌن ۽ مختلف اندازن سان ڪيو آهي،بلڪ ڪيس ٻيائي ننڊ جي نالي سان ڪوٺيو آهي. غفلت جو هڪ ٻيو انداز"سستي" يا "ڪاهلي" آهي. يعني وقت سر ڪم نہ ڪرڻ ۽ وقت گذرڻ بعد خيال اچڻ ۽ پڇتاءُ ڪرڻ.

شاهه صاحب سر ڏهر ۾ "مڇ" کي نصيحت ٿو ڪري تہ :جڏهن تنهنجو پوئتي موٽڻ جو وقت هئو ۽ پاڻي اونهون هئڻ ڪري مهاڻا گهٽ جهلي نٿي سگهيا تڏهن واپس نہ موٽئين ،هاڻي ملاحن جون مهميزون سهٽيون پونديون ۽ پاڻي ڇاڪاڻ تہ گهٽجي ويو، ڪاڻو ڏيئي ويو آهي، تنهنڪري هاڻي پوئتي موٽڻ جو پهه تو کي گهاتن جي اڏيل 'ڪيرن' ۾ ڦاسائي ڇڏيندو.بلڪل اهڙي طرح قومي زندگي جي مختلف مرحلن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي اهڙا فيصلا ڪُن لمحا اچن ٿا جو جيڪڏهن وقت مطابق ۽ صحيح فيصلا نٿا ڪيا وڃن يا صحيح فيصلن تي عمل درآمد ۾ دير ٿئي ٿي ته پوءِ انهن قومن جو حال به "مڇ" وانگر ٿئي ٿو. اهي قومون ٻين "سامراجن"جي چنبي ۽ گرفت ۾ اچيو وڃن ۽ "قومي وجود جي بقا" جو نازڪ ۽ مشڪل ترين مسئلو سامهون ٿي پوي. اهڙي حالت جو اظهار شاهه صاحب هيئن ٿو ڪري ته :

جان واهڙ ۾ وهه، تان تون مڇ نه موٽيئن،
ڪائي ۾ ڪوهه ڪرين، پوءِ موٽڻ جو پهه،
سر متي تون سهه، مهميزون ملاحن جون.

(يا)

جان جر هنڙو جال، تان تون مڇ نه موٽيئن

(يا)

جان جر هنڙو سيرَ، تان تون مڇ نه موٽيئن،
آڏي اڏي ڪيرَ، گهٽ جهليو گهاٽيئين.

"سجاڳي" لاءِ صرف "ننڊ نه ڪرڻ" يا وري "وقت سر فيصلو ڪرڻ" ئي ڪافي نه آهي، بلڪ پنهنجي اردگرد جي ماحول تي چوڪسيءَ جي نظر رکڻ به تمام ضروري آهي.اطراف جي نقل و حرڪت ۽ دشمن جي عزائم کي سمجهڻ لاءِ حاضر دماغي کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ هميشه ڪٿڪو رکڻ گهرجي جيئن :

چيتا ڪيو چٽيچ، بداماڻي ٻٽ ۾
نيٽين ننڊ مَ ڏيج، ڇيڙون ڇپر آئيون.

اڃان به اڪثي ، صرف "چنتا" سان چٽڻ تي اڪتفا ڪانهي مگر "آستينن" کي به ڏسڻو آهي ته دشمن ڪجه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڪايو تہ نہ آهي. اهو دشمن جيڪو امن جون ۽ اتحاد جون ڳالهيون تہ ڪري، پر سندس پڪيڙيل انهن ڪکن تي بہ نظر رکڻي آهي جن سان "ڍٻ" ڍڪيل آهي.اگر انهيءَ ٻاڻ کي نہ لڪيو ويو جيڪو "ماريءَ"وٽ لڪيل آهي تہ پوءِ وڳر ۾ ويڇا اچي ويندا ۽ متحد ۽ پرامن انسانن جون زندگيون داءَ تي لڳي ويندڀون. شاھ صاحب اِنهيءَ ڪيفيت جو هنطرح تہ اظهار ڪري تہ :

ڪونج نہ لکيو ٻاڻ، جو ماريءَ سندي من ۾،
اوچتي پرياڻ، وڳر هٽي ويڇون ڪيا.

(يا)

ڪونج نہ پَسين ڪک، ڍٻ جنهين سين ڍڪيو،
ماريءَ ماريءَ لک، وڳر هٽي ويڇون ڪيا .

شاھ صاحب "سجاڳيءَ جي سڏ" لاءِ جيڪو نمونو اختيار ڪيو آهي اهو سطحي نہ آهي، جنهن ۾ صرف "جاڳو-جاڳو" ۽ "سجاڳ ٿيو" جون وايون هونديون آهن، پر شاھ صاحب عملي طريقي ۽ اصل ڪوتاهين جي نشاندهي ڪئي آهي، جن سان انسان غفلت جو شڪار ٿئي ٿو. انهن ڪوتاهين مان هڪ آهي پنهنجي قومي روايتن کان منهن موڙڻ.قومي روايتون، رسمون ۽ رواج قومن جي تشخص جا ضامن ۽ مخصوص قومي مزاج جا شاهد هوندا آهن. جاگرافي، زبان ۽ ريتن رسمن سان ئي قومن ۾ فرق ڪري سگهبا آهن. شاھ انهيءَ حقيقت جي اپٽار لاءِ "اوڏن" جي تمثيل استعمال ڪئي آهي، جن جو ڪم ٻين جا گهراڏڻ ۽ اتان لڏي وري نئين هنڌ وڃي تعميري سلسلو جاري رکڻ آهي. پر جڏهن اوڏن لڏڻ جو سلسلو بند ڪري پنهنجا پڪا هڪ جاءِ تي لڳائي ويهي رهيا تہ ڪين "لاڪي" جهڙي لوڙائو جي عتاب هيٺ اچٽو پيو ۽ لاڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندن ڀانهن ڪٽي وڏو داغ ڏيئي ويو.اهڙن داغن سان قومن تاريخ جي صفحن ۾ هميشه لاءِ ڪاٽياريون ۽ عيبدار ٿيو وڃن ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري انتقام ۽ پلئه ڪرڻ جا سلسلا شروع ٿي وڃن، جيڪي وڏين تباهين جو سبب ٿين ٿا.
تنهنڪري شاه صاحب قومي رواتين کي اوليت ڏني آهي جيئن :

اڏيندي اوڏن، لڏڻ جي ڪانه ڪئي،
لاکو مٿان تن، اوچتو ئي آئيو.

پنهنجي 'سردار' يا قومي قائد سان غداري قومي روايتن جي انحرافي جو ٻيو عمل آهي ،جيئن :

راءِ سين رُنا جي، تن جاڙيجن جاڙڪني،
ڪيئن ماڻيندا سي،جوڏهن چارو ڪچڙو.

جڏهن قومون پنهنجي روايتن کان منهن موڙينديون وڃن آزارن ۾ اچي وينديون آهن. عام ذهن "قومي تشخص" ۽ قومي وجود جي بقا جي جنگ لڙڻ کان عاري ٿي ويندو آهي.
جڏهن مسلسل مسئلن سان گهيريل انسانن کي ڏسي 'ايمان' به 'وسوسن' ۾ ويڙهجڻ شروع ٿيندو آهي ۽ ڪابه ڪاري نه لڳندي آهي ته "حساس ذهن" جو آواز هنطرح به ايرندو آهي ته :

ماري مرين شال، ڍٻ وڃنئي ڍيون،
جيئن تو اچي ڪاله، وڏو وچ ورهن ۾.

انهن حساس قومي ذهنن تي اچان به وڏيڪ عذاب گذرندو آهي جڏهن انهيءَ خسته حال قوم کان پنهنجي عروج جي زماني جون تقاضائون ڪبيون آهن ۽ پوءِ احساس ٿيڻ لڳندو ته :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# لاکوقلاٽي

حافظ ارشد انيڙ

انسان ۾ جيڪي بہ سٺيون وصفون موجودآهن، بهادري ۽ سورهائي انهن مڙني جي منهندار وصف آهي. بهادري نہ فقط هڪ وصف آهي، پر هوءَ ٻين گهڻن وصفن جي ماءُ آهي مثلا سچائي، حق گوئي، سر ڏيڻ، سخا، سام جهلڻ اهي مڙيئي صفتون انسان ۾ بهاديءَ ڪان پوءِ ئي پيدا ٿين ٿيون. ان جي ڪري بهادر انسان گهڻن خوبين جو مرڪز ۽ سرچشمو ٿئي ٿو. ان جي ڀيٽ ۾ ڪانئر ڊيڄو، ڪوڙو، ڪنجوس ۽ لڪوڙ انسان ڪمتر ٿئي ٿو. ان جي ڪري دنيا جي هر انسان بهادري جي تعريف ڪئي آهي ۽ بهادر انسانن سان پيار ڪيو آهي. هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ قومن جي تاريخ سورهہ ۽ سرويچ انسان ئي ٺاهيندا آهن، ۽ قومن جي تقديرن جو ڪانئر ئي ٻيڙو ٻوڙيندا آهن. دنيا ۾ جيڪي بہ قومون بلنديءَ جي چوٽي کي پهتيون آهن سي پنهنجي سورهن ۽ سرويچن جي سچن جذبن ڪري ئي تاريخ جي ورقن جي زينت بڻبيون آهن، ۽ دنيا جي هر قوم جو زوال تڏهن آيو آهي، جڏهن منجهائن بهادري جي وصفن جي ڪمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيدا ٿي آهي.

شاهه لطيف سائين پنهنجي ڪلام جي ذريعي جن تاريخي قصن ۽ ڪهاڻين کي ڳايو آهي ۽ اسان تائين پهچايو آهي، انهن قصن ۾ 'لاکي ڦلاڻي' جو قصو بہ آهي جيڪو ڀٽائي رحمتہ الله عليہ سر 'ڏهر' ۾ بيان ڪيو آهي. ان قصي جو تفصيل هن طرح سان آهي تہ "لاکو ڦلاڻي" هڪ وڏو سنڌ جو سورهہ ۽ سرويچ انسان هو، هو تقريبا ٨٦٦ عيسوي ڌاري ڄائو هو ۽ لڳ ڀڳ ٩٥٥ ۾ وفات ڪري ويو. هن جو نالو لاکو هو لاکو پٽ لاکيار پٽ اوڍو پٽ اوڍار. ڪن وري لکيو آهي تہ هن جو نسب هن طرح سان آهي: لاکو پٽ ڦل پٽ ساهڙ پٽ مهڙ. ٻين وري هن جو خاندان هن طرح سان ڳڻايو آهي لاکو پٽ ڦل پٽ ساهڙ پٽ مُهڙ پٽ لاکو پٽ وِيرو پٽ ساند پٽ پلي پٽ رائڌڻ (راءِ ڌلي يا رادڻ) پٽ ڪاکو، پٽ سمون پٽ انڙ پٽ لاکو پٽ لاکيار پٽ اوڍو پٽ اوڍار پٽ نوتيار پٽ نيٽ•

هو سما خاندان جي ڄاڙيجن (ڄام ڄاڙي جي اولاد کي ڄاڙيجا سڏيو ويجي ٿو) جن نک مان هو. لاکي ڦلاڻي جي مامي راءِ ڪنگهار عيسوي ١٥٤٠ ڌاري احمدآباد جي سلطانن جي مدد سان ڪڇ ۾ حڪومت قائم ڪئي هئي. ڪڇ جا ڄاڙيجا سما بہ ڄام لاکي جي اولاد مان هئا، جيڪو لاکي ڦلاڻي جو ڏاڏو هو.

لاکو ڦلاڻي ڪڇ ملڪ ۾ چاوڙن راجپوتن جي حڪومت جي زماني ۾ ڄائو هو. لاکي ڦلاڻي جي ڄمڻ ۽ موت جي باري ۾ پڪ سان تہ ڪجھ ٿو چئي سگهجي، پر اهو انومان

---

•(حوالو امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا جلد ١١ ص ٤٨ "Kuchh" بحوالہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جا عشقيہ قصا ۽ داستان ص ١٤٨).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيي سگهجي ٿو ته هن جو زمانو ۱۲۰۰ عيسوي کان ۱۳۵۰ عيسوي تائين آهي. ان زماني جي ريت رسم موجب لاکي ۾ اهي مڙئي خوبيون هڪ ٻري ٻولي جي شعر ۾ لاکي ڦلاڻي بابت لکيل آهي ته هو ڪَتي مهيني جي ٻارهين تاريخ جي ڏينهن تي سن ۹۷۶ عيسوي ڄائو هو ۽ اها تڏ ٻيج هئي•

لاچان لاکو ڄمئو، چارس ري ٻڌوار
لاکو پوٽ سموندڪو، ڦول گهر اوتار
نسبت نوسو چاهتر، ٻيج تڏ ڪاتڪ ماس
جس دن لاکو ڄمئو، سورج جوت پرڪاش.

"ڦلاڻي" هن کي سندس پيءُ جي نالي ڪري سڏيو ويو آهي. جڏهن لاکي جي پيءُ ڦل وفات ڪئي، تڏهن لاکي کي ڪنهن اهو سنيهو هنن لفظن ۾ ڏنو ته تنهنجو پيءُ ڦل مري چڪو آهي:

هڪڙاڦل پسجن واڙئين، ٻيا جي ٻُٽين ڏاچ
لاکا آءُ مهراڻ، تو ري سيو ڪاچڙو.

لاکي ۾ اهي سڀ وصفون موجود هيون جيڪي ڪنهن مڙس ماڻهو لاءِ ضروري هيون هو مهڙئين زماني ۾ سرڪش ۽ ڏنگو انسان هو. جواني ۾ ارڏائي سان گڏ سورهائي ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو. پچاڙي ۾ سخا ۽ ڏاتار جي گڻن سان سينگاريل هو. راءِ ڪنگهار جي چالاڪين، مڪارين ۽ مڪرن لاکي کي هڪ "هاڻو" جو روپ ونرايو. قصو هنين هو جو لاکي جي ڀن جيڏن سرتن ۽ وزيرن جيسر ۽ جيسراج جي

• (حوالو جرنل ٽڪ تنوار ص ۵۵ مضمون تحرير ڪيل جناب معمور يوسفاڻي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهن سان ريبارن جي چرچ تي راءِ ڪنگهار هلان ڪئي ۽ هنن جا ڪي ماڻهو مارايا تہ ڪي گهائل ڪيا. لاکو يارن جو يار هو، هن کان جيسر ۽ جيسراج جي مظلوميت برداشت نہ ٿي سگهي، تنهن ڪري هن پڪو پہ ڪيو تہ هو پنهنجي يارن جي بي عزتي جو پلاند ڪندو (هونئن بہ سنڌي ماڻهو پلاند ڪرڻ ۽ ذاتي بي عزتي جي پلاند وٺڻ ۾ ڍيل ڪري ڇڏيندا آهن) ان ڪري لاکي ڦلاڻي شروع ۾ راءِ ڪنگهار حڪمران کان انصاف جي گهر ڪئي ۽ مظلوم دوستن جي فرياد رسي جي درخواست ڪئي، پر جڏهن ڪجهہ بہ ورندو نہ ڏٺائين اٽلندو انصاف جي مالڪ کي ڏر محسوس ڪيائين، تڏهن اهو فيصلو ڪيائين تہ هو مظلومن جي جهولي ۾ انصاف پنهنجي هٿن سان وجهندو ۽ ڏاڍي کي بہ اهڙي سيکت ڏيندو، جو هو ڏيهن کي ڏس ڏيندو.

لاکو ڏاڙليل ٻٽجي ويو، هن جا ويري مالوند ماڻهو هئا، لاکي هنن جا وڳ هٽڻ شروع ڪيا. هو ٻني (حضرت آدم عليہ السلام واري ٻني) ۽ لوٽي مان ريبارن ۽ جاڙيجن جا ڌڻ هٽندو هو. ريبارن جي راءِ ڪنگهار هن جي ڪري طرف داري ڪئي هئي، جو راءِ هڪ ريبارڻ زال تي موهت هو ۽ راجا جو هن زال سان ڪو ڳجهہ ڳوه جو ناتو هو، راءِ ڪنگهار جيئن تہ جاڙيجو هو، تنهن ڪري مڙيئي "جاڙيجا" بہ راءِ ڪنگهار جي ڏر هئا. ريبارن ۽ جاڙيجن گڏجي ڪري لاکن جو ماڻهو ماريو هو. لاکي، جيسر، جيسراج ۽ لاکن جي پلاند ۾ ريبارن سان اهڙي جٽ ڪئي، جو هنن جي در تي هڪ بہ جانور نہ ڇڏيائين. ريبارڻ خالي واڙن ۾ ڍينگهرن جي پر سان هن طرح سان ٿي رُني:

رڙي ريبارڻ روءِ، اُپي ڍينگهر ڍار،
وڃن اڄ وڳ هنيو، سُنم جي سوار،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاڇي ڀنهي پار، ڏاڪو هن جو دسئين.

لاکي ۽ ان جي سوارن دسيون لتاڙي ڪاڇي جي ڀنهي پاسن کان جاڙيجن ۽ ريبارن جا لاهه ڪڍي ڇڏيا. ڪاڇي جي مڙني رستن کي بلاڪ ڪري ڇڏيائين. ريبارڻ جو روناچ ڀٽائي سائين هن طرح بيان ڪيو آهي:

رڙي ريبارڻ روءِ، اُيي ڏينگهر جهل
ڀري هتان ڀل، ڪيتريون ڪاهي ويا.

ريبارڻ جي ڏاڏي ۽ هلان کي روڪائڻ لاءِ راءِ ڪنگهار وٽ دانهن ڪٽي فريادڻ ٿي وڃي پهتي. راءِ ڪنگهار ان هلان کي روڪڻ جا مڙيئي جتن ڪيا پر ڪي به ڪين وريو، لاکي ڦلاڻي جو ڏاڍ راءِ ڪنگهار ۽ ان جي حڪومت روڪي ڪين سگهي. اتي ڪاوڙ ۾ اچي ريبارڻ راءِ ڪنگهار کي طعنا ڏنا ته تون به ڪو مرد آهين يا پاڻ کي حڪمران سمجهين جو هڪ "هاٿو" جي هلان کي ٿو روڪي سگهين.

ريبارڻ ٿي روءِ، مٿي ڏريو هٿڙا
ڪارا وِيڻ ڪنگهار کي، ڇننچل اُيي ڇوءِ،
واڙي وڃ نه ڪو، جو لاکو لوڙائن سين.

ماڻهن جي نظر ۾ لاکي جي ان ايتري هلان جي باوجود به ريبارا ۽ جاڙيجا مظلوم نه بڻجي سگهيا،پراڻتوڪڇ جي عام ريبارن کي ئي ڏوهي ٿي سمجهيو، تنهن ڪري ڪڇ وارن لاکي ڦلاڻي جي مڙني مخالفن کي مشورو ڏنائون ته هو وڃي لاکي ڦلاڻي کي پرچائين ۽ ڪانئس معافي وٺن.

راءِ سين رٺا جي، تن جاڙيجن جاڙ ڪئي،
ڪينڻ ماڻيندا سي، ڇوڏهن چارو ڪڇ ڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ريهارڻ ريجهاءِ، لاکو ليلائن سين،
سائومان سنديَاءِ، نت منّائي ناڪرو.

آخر ڪي به ڪين وريو. لاکو هر روز پيو هلان ڪندو هو، هو چوويھ ڪلاڪ دشمنن جا گهٽ گهيڙ جهليو ويٺو هوندو هو. ڀٽائي صاحب فرمايو:

تا ٽوڪين پلاڻ، سدا هڻن ڪرڪرا،
لاکي لوڙائن جا، اهڙائي اهڃاڻ
ڏينئي تنگ تاڻ، ڪوڪاريندا ڪڇ ڙي.

شاھ سائين جي ڪن بيتن مان لاکي جي تاريخ جو به پتو پروڙ پوي ٿي مثلا "پڇ" جو رهاڪو هو.

پڇيان پلي، وڏو راءِ رڪاب ۾
ڪڇ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين.

لاکي جي شهرت پڇءَ جي نالي پٽيان مشهور ٿي هئي. لطيف سائين فرمايو:

لاکا لڳ سجهن، پر ڦلاڻي ڦير پيو
جنهن پير راڻا راڄيا، ڪوٽن منجھ ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، ستي سوڻچون لهي.

آخر جڏهن لاکي جي هلان هٽي چيھ ڪيو جاڙيجا ۽ ريهارا مقابلي جو ست نه ساري سگهيا، حڪومت به هنن کي تحفظ نه ڏئي سگهي، تڏهن هنن اتان لڏڻ شروع ڪيو.

ڪاڇي پنئي ڪوڪ، سڄ ڪ سنگهارن لڏيو
مادر اُوءِ ملوڪ، اوٺي ويڙا اڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاڇي ڪاهيائون، سچ ڪ سنگهارن لڏيو،
ماٺ تنُ مارِيائون، پاٽان وجهي گوندرين.

هاڻي ان ڏاڍ مڙسي ۾ ۽ هڻ هٽان ۾ لاکو ڦلاڻي ڏيهان ڏيه مشهور ٿي ويو، هن کان سڄو ملڪ ڪنبڻ لڳو وڏا وڏا سورهه ۽ متارا به هن جي ڌهڪار کان ڊڄي ٿي ويا ۽ جيڪي وڳ هن ٿي هنيا تن جي پٺيان ڪا پيرن جي واهر به ڪانه ٿي لڳي. لاکو هروقت ان ڪرت ۾ مشغول هو ۽ وڏن وڏن وريامن جون ڏٽيون سُڃيون ڪري ڇڏيون هئائين.

لاکو لوڙاين سين، چوڏس لڙ چڙهي،
وڙهيو وريامن جا، ڏٽيون ڏڻ هٽي،
پسين جي پُري، سي واهر ڪنهن نه ورائيا.

هو هر وقت ڏڻ ورائڻ جي ڪرت ۾ رڌل هو. لکي تان هني ٿي لاهڻ لاءِ تيار ئي نه هو. هاڻي هو وڏن وڏن وريامن کان ڏاڍو ٿي راءِ ڪنگهار جي مالن ۾ به ڪاهي پيو هو ۽ ان جا ڏڻ به نٽي ڇڏيائين حضرت لطيف سائين فرمايو:

هني مٿان هنڙا لاکو نه لاهي
ڪڙيئريا کيل ڪري ايوئي آهي
وڃيو سي ڪاهي، جي ڪيڙي هيٺ ڪنگهار جي.

هن هيبت ۽ دٻدٻو پيدا ڪري سنڌ کان ڪڇ ويندڙ مڙيئي رستا به بند ڪري ڇڏيا هئا. ڪوبه ڪيڏانهن وڃي نه ٿي سگهيو.

ڪڇ کان سنڌ ايندڙ چوڏهن چارا پيٿاپور کان 'جليلي وٿان' ٻلهياري وٿان آڏي گام کان راحمڪي بازار وٿان مطلب ته مڙيئي رستا جن جو لطيف سائين هيٺين بيت ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ذميدارين سنڀالڻ لاءِ بلڪل تيار ٿي بيٺو. هن پيچ تعلقي ۾ ڪانهيرو نالي هڪ عظيم الشان ڪوٽ اوڏن ڪان ٺهرايو ۽ "ڪانهيرو ڪوٽ" يا "ڪيرا ڪوٽ" ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪيائين، غريب غربي آئي وئي ۽ ڪمزورن لاءِ هڪ آٿت بنجڻ جو وچن ڪيائين ۽ سخا جا درياهه وهائي ڇڏيائين ڀٽائي سائين سندس ان ڪيفيت ۽ حالت جو ذڪر هنن بيتن ۾ ڪيو آهي:

لاکي لوڙيون ڇڏيون، سرها ٿيا سنگهار
چٽائي چوڏار وانڍيون وڪ چرنديون.

هن سخا ۾ ڇيهه ڪري ڇڏيا ۽ سنڌ جي سٽن ۽ ڏهن ڏاتارن ۾ شامل ٿي ويو ماڻهو هن کي اوتار سمجهڻ لڳا. ڪنهن شاعر چيو.

لاڇان لاکو جمڻو چارس ري پڏ وار
لاکان پوت سموند کو، قول گهر اوتار.

جڏهن لاکو ڦلاڻي ڪيرو ڪوٽ اوڏن ڪان ٺهرائي رهيو هو، تڏهن هو هڪ حسين اوڏڻ هٿان دل وڃائي ويٺو "بيلي" اوڏ جي ڌيءَ جيڪا حسن جمال ۾ تخت راڻين کان ڪنهن به صورت ۾ موچاري ڪانه هئي، تنهن سان هن شادي به ڪئي ۽ سنڌ جي غريب نواز بادشاهه ڄام تماچي وانگر هڪ ميري مهاڻي جيان هڪ اوڏڻ سان ناتو ڳنڍيائين. ڀٽائي صاحب فرمايو:

لاکا لڄ سنڌياءِ آءٌ اگلي آهيان
پکا سي پرتاءِ، جي اڄهي تنهنجي اڏيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاکي لچ ڪنئي اسان اوڏڻين جي،
ڪندو ڪانہ ٻي، اڳ وسوڙي آهيان.

ڪڏهن ڪڏهن چام لاکو، جڏهن ڪيرا ڪوٽ جوڙائي رهيو هو، تڏهن اوڏن وٽ اچي ڪري انهن سان ليڪا چوڪا ۽ ڪچهريون بہ ڪندو هو، پٺائي صاحب دعائيہ انداز ۾ فرمايو:

اڏيو جو اوڏن سو ڏينگهر ڏلو نہ ٿئي،
جنهن پر ويهي ڪن ليکو لاکي چام سين.

هن اوڏن کي اجهو بہ ڏنو تہ سام بہ جهلي. هو لاکي چام جي "ڪيراڪوٽ" جي پر سان پنهنجا جهڳا اڏي ويهي رهيا. غريب اوڏ، لاکي جي پناه ۾ هر ڪنهن ڏاڍي جي ڏاڍ کان بلڪل آجا ٿي نظر آيا. ڪنهن شاعر چيو:

لاکا لک هنا، پر قلاٽي ڦير ٿيو،
آجا اوڏ ٿيا، پلئہ لڳي جنهن جي

لاکي غريب انسانن توڙي ساهوارن جي لاءِ ٿر ۾ بہ تلاءَ بہ ٺهرايا هنا هڪ تلاءُ پنهنجي نالي سا "لاکا راءِ تلاءُ" ۽ ٻيو پنهنجي پياري زال اوڏڻ جي ٻيءَ بيلي اوڏ جي نالي پٺيان "بيلي راءِ تلاءُ" ٺهرايا هنائين. مٿين نالن وارا تلاءُ اڄ سوڍو ڪيچ ۾ موجود آهن. چوندا آهن تہ اوڏڻ کان اڳ ۾ يا اوڏڻ جي وفات کان پوءِ هن هڪ شهزادي مهر راڻي سان بہ شادي رچائي هئي، جيڪا ڪرن راجا جي ڌيءَ هئي. لاکي هن کي ڏاج ۾ لک بخشيا هنا ۽ وڏا ڏان ڏنا هنا. ڪنهن شاعر چيو: لاکي

لک بخشيا ڪرن بخشي ڪروڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر پوءِ مهر راڻي لاکي سان بيوفائي ڪئي، جنهن ڳالهه جي خبر لاکي ڦلاڻي کي هن جي وزير "ڪل ڦل" ٻڌائي، بس پوءِ ڇا ٿيو لاکي جو انسان ذات تان اعتماد ختم ٿي ويو ۽ هن ڪيترا سال اڳ جنهن ڏاڏي مڙس ۽ پنهن جي من جي ازگر کي لوليون ڏيئي ننڊ سمهاريو هو، سو هڪ ڀيرو وري جاڳي پيو پوءِ هي مچريل لاکو ڦلاڻي هو ۽ ريهارا.

لاکي وري ساڳي ڪرت شروع ڪري ڏني اهي ئي لوڙيون اهيئي ڌاڙا. لاکو لکي ۽ ڪڇ جا مسڪين ماڻهو هن جي ڏاڍ جي زد ۾ هئا صبح ۽ شام ماڻهو هن جي ڏمر هيٺ هئا، ڀٽائي صاحب فرمايو:

لاکو لکي تي چڙهي لکي لاکي هيٺ
سو نهاريون سر ڪيو، ڀيڙي ٻڌي بيٺ
ڪندو ڏمر ڏيٺ، صباح ساڻ سڀ ڪنهين.

## ڀٽائي جو پيغام.

جڏهن لاکي جا ظلم وڌي ويا ۽ هن جون ارڏايون اڻ جهل ٿي ويون، تڏهن مظلوم ۽ ڇڙوڇڙ ٿيل ماڻهن سوچيو ته لاکو ڇو ٿو لوڙيون هڻي، هن جي ڪري ته هو ستل آهن، بيخبر آهن ۽ غافل آهن، هنن کي ٻڌي ۽ ايڪو رکڻ گهرجي. ان صورت سان ئي هو هاڻ جو مقابلو ڪري سگهن ٿا ۽ پاڻ تان لوڙيون ختم ڪري سگهن ٿا.

جاڳو جاڙيجا سما سگ ۾ سمهو
پسو ان پاران، لاکو ٿو لوڙيون ڪري.

پوءِ شايد حضرت لطيف سائين پنهنجي سر پاڻ ڪڇ ۾ پهچي ويوجاڙيجن ريهارن ۽ مڙني ماڻهن لاءِ هڪ نئون نسخو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڻ ڪٽي ويو ته اتفاق ۽ ايڪو ني هر لاکي ڦلاڻي جو مقابلو ڪري سگهي ٿو ۽ ساڻ ۾ رهي ڪري ني انسان سلامت رهي سگهي ٿو. ڀٽائي صاحب فرمايو:

جي ڀانئين وس چران ته سنگهارن سين لڏ،
ته هاڃي سندي هڏ، ڪوڪ نه سٽي ڪڏهين.
جي ڀانئين وس چران ته سنگهارن سين گهار،
جنين سندي واڙ، چور نه اچي ڪڏهين.

ڀٽائي صاحب هي به پيغام ڏنو ته پنهنجي ڀني ۽ وني جي حفاظت پاڻ ڪجي ۽ ڏڻ ڏاري ڏارن رهڻ گهرجي نه ته ٻي صورت ۾ ڪرگ ۽ ڪرگ زادا ڏڻ کي چيري ڦاڙي کائي ڇڏيندا، ٻيو هي به پيغام ڏنائون ته هاڻو، ڏاڙيل ۽ لوڙائو ڪنهن جا به مٽ نه ٿيندا آهن، ظالم جو ڪوبه مائٽ ويا ۽ سنگ نه هوندو آهي. هن جو ڪو مذهب عقيدو ۽ ايمان به نه ٿيندو آهي. سوين سال گذري ويا آهن لاکو لکي ۽ لطيف سائين سڀ لڏي ويا آهن، پر سنڌ ۾ اڄ به ساڳي صورتحال آهي، ڏاڙيل اڄ به ڪنهن جا مٽ نه آهن. هو سنڌ ڇايا آهن ۽ سنڌين جا ني ويري آهن، هنن جي ظلمن ڏاڍ ۽ لٽ ڦر جو نشانو اڄ به اهي ساڳيائي سنڌ واسي آهن.

ڀٽائي صاحب ڏاڙيلن ۽ هاڻن جي ان اکهوٽ روش کي ننديندي فرمايو:

ڏڻ ڏارڻ ڏار رهڻ اي نه سنگهارن سٽ
ڪاهي ايندا ڪڏهين مٿي واند وهٽ،
جي هاڻو هونئي مِٽ، ته به اوڏو لاهه م ان جو.

## لاکي ڦلاڻي جو موت

ڳاهن ڳاله ڪني ته پوءِ لاکي ڦلاڻي کي سندس مامي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اِءِ ڪنگهار دعوت ڪري پاڻ وٽ گهرايو وڏا طعام تيار ڪرايائين ۽ وڏا پيال پيلائڻ جا ٺاهه ٺاهيائين، پر من ۾ مير رکي دولاب ڪري راءِ لاکي ڦلاڻي کي مارائي ڇڏيائين. لاکي جي موت جي باري ۾ شاهه صاحب ماڻهن جون ٻن قسمن جون رايون بيان ڪيون آهن. هڪ راءِ موجب ماڻهو لاکي جي موت تي خوش ٿيا آهن، ملڪ مان ڏولائو لهي ويو آهي ۽ بدامني ختم ٿي وئي آهي. شاهه صاحب فرمايو:

لکي ۽ لاکو ٻنهي مٺا ٻاجهه ٿي،
قادر لاٿو ڪچ تان، اديون اولاڪو،
وانڍين ۾ واڪو، ريهاري رهي ويا.

ٻي راءِ موجب، لاکو سنڌ جو سورهه هو هن ظالمن جي ظلمن کان خلق کي نجات ڏياري ۽ ظالم حڪمران راءِ ڪنگهار لاءِ وڏيون انتظامي مشڪلاتون پيدا ڪيائين.

شاهه سائين جي نظر ۾ لاکو ڦلاڻي سدا سهڻو ٻهريل ۽ پوشاڪيل هڪ گهوٽ هو، هو سنڌ جو گهوٽ هو، هن جون ونيون ته مهرا راڻي ۽ اوڏڻ هيون، پر هو پنهنجي بهادري جي ڪارنامن سبب سدا جوان ۽ گهوٽ اڻ موٽ هو، ڀٽائي صاحب افسوس ۽ ارمان جي انداز ۾ ۽ دنيا جي بيوفائي جو ذڪر ڪندي فرمايو:

ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ ڪڏهن مڙهه مقام ۾،
واري سندو ڪوٽ،اڏيو اڏبو ڪيترو.

منهنجي راءِ موجب شاهه سائين لاکي ڦلاڻي جو قصو هيٺين ٽن سببن جي ڪري بيان ڪيو آهي:

١. سنڌ جي تاريخي قصن ۽ ڪهاڻين کي جيڪي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جا صحيح سرچشما آهن، ماڻهن کي ٻڌائڻ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن کي پنهنجي سپوتن کان واقف ڪرڻ، جيئن قومون پنهنجي شاندار ماضي کي سامهون رکي ڪري نئين مستقبل جي عمارت تعمير ڪنديون آهن.

٢. سنڌ جي تمام گهڻن بهادرن ۽ سورمن کي ٻاهران آيل ماڻهن سنڌ جي اڻ پڙهيل عوام جي آڏو منفي انداز ۾ پيش ڪيو ۽ هر بهادر کي ڌاڙيل ڪوٺي ڪري، سنڌ جي مجموعي بهادري جي صفت کي تخريبي عمل سڏيندي پنهنجي اچڻ جو جواز پيش ڪيائون. ڪوڙ لکندڙ مؤرخين سنڌ جي بهادر سومري بادشاهه دلوارءِ جي ڪردار کي مسخ ڪيو ۽ سنڌ جي هر شخص جي زوال جي پٺيان دلوارءِ جو هڪ گناهن تي ٻڌل قصو ٺي پيش ڪيو. محمود غزنوي جي منصوره کي برباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ديندار هباري بادشاهن لاءِ اهو مشهور ڪيو ويو ته اهي "قرمطي" بنجي ويا هئا. مظهر شاهه جهاني جي مصنف ميرڪ يوسف سنڌ جي بهادر ذاتين چانڊين، سميجن، انڙن، لاکن، جتوئين، ڌاريجن ۽ پنهورن کي ڌاڙيل ڪوٺيو آهي. شاهه بيگ ارغون آڏو بکر شهر ۾ قاضي قاضن ڌاريجن جي باري ۾ اهو مشورو ڏنو هو ته "اهي ڪانڊيرا" آهن انهن کي صاف ڪرڻ بهتر آهي. ته مخدوم بلاول کي ٻاهران آيل حڪمرانن جي طرفدار عالمن ڪافر جي فتويٰ صادر ڪري ٺي قتل ڪرايو هو. مٿين ڳالهين ۽ مڙني تاريخي واقعن کي ذهن ۾ رکندي حضرت لطيف سائين لاکي ڦلاڻي جو سچو قصو سمورن حقيقتن سوڌو اسان جي آڏو رکيو، ان ۾ لاکي ڦلاڻي جي بشري ڪمزورين جو به ذڪر ڪيو آتن ته ان جي سخا سورهائي ۽ سرويچي جي به تعريف ڪئي آتائون.

ٿين ڳالهه جيڪا شاهه صاحب لاکي ڦلاڻي جي قصي کي تمثيل طورپيش ڪري، اسان کي چوڻ گهري آهي اها آهي ته قومن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو، فردن جو، قبيلن جو ۽ معاشرن جو بچاءُ گڏ رهڻ ۽ ايڪي ۾ ئي آهي. قومون تيستائين پنهنجي ۽ پنهنجي معاشري جي حفاظت نہ ٿيون ڪري سگهن، جيستائين انهن ۾ ايڪو ۽ ٻڌي نہ آهي، اتفاق جي ذريعي ئي ڪهوڙن وارن ۽ مسلح ڌاڙيلن سان جنگ جوٽي سگهجي ٿي، جيڪڏهن پنهنجي "ڪاڇي جي چوڏهن چارن" (سنڌ کان ڪڇ ڏانهن ان سمي ۾ چوڏهن رستا ويندا هئا) واندن، واڙن ۽ لوڙهن جي حفاظت ڪرڻي آهي تہ پوءِ هن بيت جي پيغام کي دل سان هنڊائي ان تي عمل ڪرڻو پوندو.

جاڳو جاڙيجا، سما سڱ مَ سمهو،
پسو ان پاران، لاکو ٿو لوڙيون ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاهہ جي ڪُونج

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

شاهہ جي رسالي ۾ ’سُر ڏهر‘ پوين سُرن ۾ آهي. هن سُر ۾ چار داستان آهن. چئن ئي داستانن ۾ مضمونن جي رنگا رنگي ۽ تنوع موجود آهي. بيتن جي تعداد جي لحاظ کان ڏسجي تہ رسالن ۾ ٿورو اختلاف بہ آهي. پراڻن ڇاپن ۾ قليچ بيگ ۽ ٻين ۾ بيت وڌيڪ آهن. نون ڇاپن ۾ ڪٿي ٿورن بيتن جو فرق موجود آهي. نہ تہ ترتيب ۽ بيتن جو تعداد تقريبا ساڳيو آهي. مون پنهنجي هن اڀياس ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ وارو ڇاپو اڳيان رکيو آهي. اُن ۾ بيتن ۽ مضمونن جو وچور هن ريت آهي:

## داستان پهريون.

بيت ١٦، وائي ١-هن ۾ پراڻي ڍوري (درياءُ) جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪنڌي جي وڻ کي مخاطب ٿي شاهہ صاحب چوي ٿو تہ، تو ڍوري-ڊٺيءَ جهڙو ڪو ٻيو ڏٺو. ڍاڳي ۽ ڍور، ٻليار درياءُ ۾ وهن ٿا. جسودن جو ذڪر ڪري ٿو. مڇ کي مخاطب ٿئي ٿو. پراڻي درياءُ سان لاڳاپيل ٻيون ڳالهيون ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## داستان ٻيو.

بيت ٢٥، وائي ١- هن داستان ۾ شاعر رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي در وينتيون ڪري ٿو. مديني جا مير ۽ ستر ڪر ستار چئي ٻاجھ منگي ٿو.

## داستان ٽيون.

بيت ٢٠،وائي ١-هن داستان ۾ بہ ڏٽيءَ در ٻاڏائي ٿو. اُن سان گڏ غفلت ڇڏڻ لاءِ چوي ٿو. سستي ۽ ڪاهليءَ کان خبردار ڪري ٿو.

## داستان چوٿون.

بيت ٥٢، وائي ١- هن داستان جي پهرين بيتن ۾ خاص طور 'ڪونج' جو ذڪر آهي باقي ٣٢ بيت لاکي ڦلاڻيءَ جي قصي ۽ ان جي مختلف ٽاڻن سان لاڳاپيل آهن، جيڪو هڪ ڏاڍو مڙس هو ۽ اندازا ڏهين يا ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ ٿي گذريو آهي.

جيڪڏهن ڏهر جي مضمونن جي گونا گون حسن کي ڏسجي تہ اُهو پنهنجي جاءِ تہ هڪ دلچسپ ابياس آهي، پر هتي جيئن تہ اسان جو واسطو شاهہ صاحب جي ڪُونج سان آهي، اُن ڪري پهرين ان بابت ميسر ٿيل مواد تي هڪ نظر وجهون. شاهہ صاحب جي مشاهدي کي داد ڏبو جو هُن اهڙي پکيءَ کي پنهنجي جذبن جي اظهار لاءِ مثال ڪري ورتو، جنهن لاءِ سنڌ جي ماڻهن وٽ معلومات ئي گهٽ آهي. اُن جي اصل وطن ۽ رنگ بابت بہ اختلاف آهن. هن سلسلي ۾ پهريائين سنڌي عالمن جي تحريرن مان حوالا وٺون، تنهن کان اڳ ايترو عرض ڪريان تہ جنهن پکيءَ کي اسين ڪُونج چئون ٿا، تنهن کي سرائڪي، بلوچي ۽ پنجابيءَ ۾ بہ ڪونج چنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو. فارسيءَ ۾ ڪلنگ، قاز (غاز) ۽ ترڪيءَ ۾ قاز چنجي ٿو. انگريزيءَ ۾ هن لاءِ ڪرين (Crane) لفظ ڪم اچي ٿو.

تيرٿداس هوتچند لکي ٿو. "ڪونج ڪهڙي به جنس هجي، ليکجي مونث ٿي. يعني "ڪونجَ" (٢). هُو لکي ٿو ته پراڪرت ۾ ڪونچ، سنسڪرت ۾ ڪرونچ ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيس ڪرين چنبو آهي. سنڌ ۾ اُتر ڪان اچي لاڙ ۽ ڪڇ کي پنهنجو ٻيو ديس ٿي بنائي. رهاڪو اترادي پکي آهي. (٣)

تيرٿداس موجب ڪونج جبلن مان نه پر اُتر جي اُتاهين واريا سين ماٿرين مان اچي ٿي. رنگ واريءَ جهڙو خاڪي اٿس. قد چار فوٽ ڪنڌ ڊگهو، نرڙ کان وٺي نڪ جي هيٺاهينءَ تائين ڪنگي يا ڦٽي اٿس، جيڪا سندس سونهن کي سرس ڪري ٿي. (۴)

تيرٿداس "ڪونج" جي باري ۾ هڪ ڪهاڻي ڏني آهي. اُها هيءَ ته رامائڻ جي ليکڪ رشي والميکي ڪونج جو هڪ جوڙوڏٺو. پاڻ اشنان ڪري رهيو هو ته ڏٺائين اوچتو ماريءَ جو تير نر ڪونج کي لڳو. ڪويءَ جي اندر مان آه نڪتي. (۵) هُن ماريءَ کي سراپ ڏنو. اُن سراپ جا لفظ اُهي ئي آهن، جيڪي شاهه جي هن بيت ۾ آهن.

ماري مرين شال، ڏيهه وڃني ڏيهين،
جنن تو اچي ڪاله، وڌو وڇ ورهن کي.

تيرٿداس به والميڪي جي پاراتي جي لفظن جي سٽاءَ لاءِ چوي ٿو ته وزن ۽ سلوڪ جي ابتدا اُتان ٿي (٦) ڪيترن ئي شاعرن جن ۾ گرونانڪ، ڪبير، تلسي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا، تن ڪونج کي ڳايو.

مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو. "ڪونج جو رنگ اڇو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي ۽ بلوچستان کان اچي ٿي. (٧) منو تولارام گدواڻي جو 'ڪونج' جي باري ۾ تفصيلي مطالعو ڪيو ٿو ڏسجي. هن صاحب ڪونج جي باري ۾ پنهنجي مقالي ۾ هيٺيون ڳالهيون لکيون آهن.

"سنڌ اصل وطن اتر هندوستان جي ڪن ٽڪرن ۾ آهي، جتي هي ٻچا ڪنديون آهن. ان ڪري سانگي پکي آهن. سارين جي موسم ۾ اصلوڪي وطن کان اُڏاميو اچيو پاڻيءَ تي لهن." (٨)

پاڻ هڪ ڪونج ماپيائين ته ٻه فوٽ اڍائي انچ نڪتي. سنڌس چوڻ موجب ڪتابن ۾ قد چار فوٽ لکيل آهي. (٩)

انگريزي ۾ هن کي عام ڪونج(Common Crane) ۽ پهاڙي جرمن ٻوليءَ ۾ ڪرئنچ چون. اهو نالو سنڌيءَ مان کنيو ويو هوندو. (١٠)

مارچ جي آخر ۾ وطن موٽن ٿيون. اڪثر رات جو ۽ بلنديءَ تان اُڏن (٨) جي انگ جي ترتيب ۾ اڏامن ٿيون. جنن بيت آهي.

ڪونجان رات ڪريڙيون، ٽولي ٽوليءَ بيس
سَتي ڍول سنيهڙيو، موري اُرلي ياڳي ايس.

ميران محمد شاه لکي ٿو: ڪونج پکيءَ کي سنڌ ۾ پرديسي پکي سڏيو ويندو آهي، جو ته هُوءَ اصل ٿڌي ملڪ وچ ايشيا جي اُتاهين سطح جي پيدائش آهي. (١١)

مٿي ڏنل سنڌي عالمن جي حوالن مان فقط ايترو معلوم ٿيو ته ڪونجن جو اصل وطن اُتر هندوستان يا اچابه مٿي ڪنهن ٻئي پار آهي، جتان سنڌ ۾ اچن ٿيون ۽ سياري لٿي موٽن ٿيون. شاه صاحب خود به چيو-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سندن روهه،
ڪنهنجو ڪونهي ڏوهه، رزق رازق هٿ ۾.

پکين بابت لکڻ وارن ڪونج تي ٻه باضابطه تحقيق ڪئي آهي، جنهن مان اِهو ٻه معلوم ٿئي ٿو ته ڪونجن جا مختلف قسم ۽ رنگ ٿين ٿا. هتي هن سلسلي ۾ تيل تحقيق جو مڪمل جائزو وٺڻ ممڪن ڪونهي، پر جناب سالم علي ۽ ايس ڊلن رپلي ڏهن جلدن ۾ هند ۽ پاڪستان جي پکين تي ضخيم ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ برما، سري لنڪا، بنگلہ ديش ۽ نيپال جي پکين جو به ذڪر آهي. پکين بابت هر قسم جا تفصيل ۽ رنگين فوٽو به ڏنا ويا آهن. ڪونجن جا ٻه پنج قسم ڄاڻايا ائين. جن جا رنگ ۽ نالا هي آهن. (١٢)

1. Black necbed crane (Grus nigricollis)

ڊگهو سليٽي پکي، عام ڪونج وانگر، پر مٿو ۽ ڪنڌ ڪارو

2. Hooded Crane (Grus manacha)

تيز سليٽي رنگ ۽ اڇو مٿو هندستاني ڪونجن ۾ وڏي ڊگهين ٽنگن ۽ ڊگهي ڪنڌ وارو پکي. ڳاڙهي ڪِنل مٿي ۽ ڳاڙهي ڪنڌ سان، سنڌ ۾ اچي ٿو.

4. Burmese Sarus (Grus antigone sharpii)

آسام ۾ ڪامروپ علائقي ۽ مني پور جو رهاڪو سفيد رنگ جو پکي.

5. Siberian or Great White Crane (Grus Leucageranus)

رنگ سليٽي ائس. اتر اوله پاڪستان جو نالو ڪورخريا گورخر ائس. لاڙڪاڻي ۽ اوپر ناري ڏي اچي ٿي (ڏسو شاه صاحب ڪونج جي اصل وطن، سنڌ ۾ اچڻ، وڳر ڪيو وتڻ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڳر کان وڇڙڻ، وڳر جي اُڪير، ماريءَ جي ذڪر سان پنهنجن جذبن جو اظهار ڪيو آهي.

ڏهر جو سُر پنهنجي مجموعي مضمون جي لحاظ کان بہ منفرد آهي. هن جا گونا گون پهلو آهن. رسالي جي تشريح لکندي محقق ڏهر جي معنيٰ ٻن ٽڪرن جي وچ ۾ ماٿر-ٽاڪن. (١٣) ڏهر جي اِها معنيٰ آهي ۽ خيال آهي تہ هي سُر شايد شاه صاحب ڪنهن ڏهر ۽ يا ڏهر مان لنگهندي چيو آهي. هوڏانهن مخدوم نوح جي مريدن ۾ مدح، مناجات، صفت ۽ ساراه جي سلسلي ۾ هڪ راڳ ۽ سماع جي رنگ کي بہ "ڏهر" سڏجي ٿو. (١۴) نہ رڳو ايترو بلڪ. "سنڌ ۾ سماع جو سلسلو غوث بهاءُالدين ذڪريا ملتاني کان شروع ٿيو، جنهن جو بنياد پڻ ذڪر ئي هو. ملتان جي سهروردي طريقي جو 'ذڪر' جيڪو سنڌ ۾ هلندڙ آهي، انهيءَ جا ٻہ قسم آهن." هڪ تحليل جو ذڪر ۽ ٻيو ڏهر جو ذڪر". (١۵) ڏهر جون ٽي تسبيحون آهن. (١٦) ڏهر جا مشهور شاعر منٺار فقير راڄڙ، سڏاتورو، حيات فقير ۽ ساهو فقير آهن. (١٧)

ڏهر جي راڳ واري روايت وڏيڪ اعتبار جوڳي آهي. شاه جي رسالي ۾ داستان ٻئي جي بيتن جي قطار (مديني جا مير ....الخ) هن معنيٰ کي هٿي ڏئي ٿي. ڪونجن ۽ لاکي ڦلاڻيءَ جو ذڪر وغيره سُر جي مجموعي تاثر کي مٿي ڪٽي بيٺو آهي. هتي اسان جو واسطو فقط ڪونج جي ذڪر سان آهي، تنهن ڪري فقط انهن بيتن جو اڀياس ڪنداسين.

سڀ کان پهرين شاه صاحب ڪونجن جي اچڻ جو طرف متعين ڪري ٿو. هُو خاص طور اتر طرف جو حوالو ڏي ٿو-

اُتر ڏي آلاپ، ڪالهونڪر ڪُونجَ ڪري،
پسي پرين منجهه خواب، وهاڻيءَ وايون ڪري (١٨).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونجن جي وطن جو اشارو شاهه صاحب روهه (جبل) جي نشاندهي سان ڪري ٿو ۽ بلڪل واضح لفظن ۾ چوي ٿو تہ ڪونجڙيون قسمت هٿ آنديون آهن نہ تہ سندن اصل وطن روهه آهي:

قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سندن روهه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، رزق رازق هٿ ۾.

قسمت سان ۽ رزق جي تلاش ۾ هڪ مقرر لڏ پلاڻ ۽ ڏکڻ ڏي اُڏام آهي. اُن لاءِ سڄي ساٿ کي روانگيءَ جو اطلاع ڏيڻ لاءِ ڪرڪل ۽ آواز ڪن ٿيون.

روهه راماتا ڪن، اڄ پڻ هلڻ هاريون،
ڪرڪل ڪونجڙين، رائي ۾ رات ڪيو.

ڪونج وڳر ۾ رهي ٿي، جي وڇڙي ٿي تہ پڇتائي بہ ٿي ۽ پوکي بہ ٿي. شاهه صاحب ڪونجن جي ٻڌيءَ مان اتحاد جو سبق بہ ڏنو آهي.

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهڻو.

سنڌ جي مختلف هنڌن تي اچي هي وڳر لهن ٿا. جي ڪونج وڳر کان وڇڙي تہ شاعر اُن جي حالت هينئن بيان ڪري ٿو.

وڳر اُڪيري، سَرُ ساريو سُور چري،
جُهري جهڄندي ڏي، سنيها کي سڄڻين.

وڳر وساري نٿي سگهي. اُن ڪري ڇٽي بہ نہ ٿي، جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏي وڳر سان رهڻ جي هير ۽ عادت اٿس. انهن ڪيفيتن تي شاهه صاحب چوي ٿو:

وڳر وساري، ويٺئين ڪئن ماٺ ڪري،
ڪ تو نہ ماري، رُڻ جُهڻ سندي سڄڻين.

وڳر ويا وهي، ڪاله تنهنجا ڪونجڙي،
ڪنديئن ڪوه رهي، سر ۾ سپرين ري.
وڏي وڳر هيرئين، چُٽي نہ ٻين گڏ،
ڪونج ڪريندي سڏ، ويئي وهامي راتڙي.

ڪونج جي آواز مان شاهه صاحب هڪ درد جو پڙلاءُ ٻڌي ٿو. اهو آواز چڻ فراق جي قتلين جي جيءَ کي جهوري ٿو. سڄڻ جي ياد ڏياري ٿو ۽ اُن ڪري ڪونج کي ماٺ ڪرڻ لاءِ التجا ڪري ٿو.

مَ لنئن ڪونجي ماٺ ڪر، چور مَ هنئين چاڪ،
قتيون جي فراق، سي کهر گهاريندين ڪيترو!

ڪونجڙيءَ ڪاله لنئي، سڄڻ وڌم چت،
آءٌ جنين ريءَ هِت، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

نہ رڳو ڪونجن جي اچڻ ۽ چُڻڻ جو ذڪر سر ڏهر ۾ آهي، پر ڪونجن کي ماريءَ جو جيڪو خطرو هر وقت درپيش آهي، تنهن جو بيان بہ شاهه صاحب موثر ۽ دل پڃائيندڙ انداز ۾ ڪري ٿو. شاهه صاب هڪ طرف ماريءَ کي نندي ٿو ۽ گڏوگڏ ڪونج کي خبردار ڪري ٿو:

چيتا ڪيو چٽيچ، بداماڻي بُٺَ ۾،
نيٽين نند م ڏيج، ڇيڙون ڇپر آئيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونج بي خبر آهي ۽ چُڳڻ ۾ مصروف آهي. هوءَ ماريءَ جي ڪُڌي من کان واقف ڪونهي. آهيڙيءَ جي اڏيل ڏيٻ جي پروڙ به نه اٿس. نه هُن جي بغل ۾ لڪل بندوق جي خبر رکي اٿس.

ڪونج نه لکيو پاڻ، جو ماريءَ سندي من ۾،
اوچتي پرياڻ، وڳر هٽي ويڇون ڪيا.

ڪونج نه پسين ڪڪ، ڏيٻ جنهين سين ڏيہو،
ماريءَ ماري لک، وڳر هٽي ويڇون ڪيا.

بغل منجھ بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيو لڪ چڙهي.
شاه صاحب ظالم ۽ سفاڪ ماريءَ کي پاراتو ڏئي ٿو:

ماري مرين شال، ڏيٻ وجنئي ڏيہون،
جي تو اچي ڪاله، وڏو وڇ ورهن ۾.

ماريءَ جي حملن کان وڳر ۾ ولوڙو ۽ ڏهڪاءُ پيدا ٿئي ٿو. هيڏانهن مند پوري ٿئي ٿي ته ٻچن جي سار به بيقرار ڪري ٿي. ويچاريون ڪونجون هاڻي هلڻ هاريون آهن. روه ورڻ لاءِ آتيون ٿين ٿيون. پنهنجي اصل نسل ڏي موٽڻ لاءِ پرسوئين ٿيون. شاه صاحب ان بيقراريءَ جو نقشو هيئن ڪڍيو آهي.

ڪونجون ٿيون ڪُڪن، جيڪس هلڻ هاريون،
ٻچا پوءِ اٿن، وجن وانڌا ڪنديون.

ڪن بيتن مان اشارو ملي ٿو ته هتي اچي به ڪونجون ٻچا ڪن ٿيون يا ڪي پڪي ڪنهن مجبوريءَ سبب واپس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڏامي ٿا سگهن ته اُهي به رهجي پون ٿا. ڪي ڪونجون وڳر کان وڇڙي وڃن ٿيون. اُهي بيت هي آهن:

آيون ڏور ڏري، اصل سنڌي آسري،
ڪنير پون ۾ ڪري، پاڻا پير ڏکويا پکڻين.

آئيون اڳنين هير، اصل سنڌي آسري،
پڙ نه پسان پير، سيڻن ساجهر لڏيو.

بهرحال ڪونجن جي بيان مان شاه صاحب جيڪو اخلاقي سبق ورتو آهي، اُهو پڪيءَ جي حوالي سان اتحاد جو سبق به آهي، ظلم خلاف به آواز آهي. شاه صاحب سنڌجي خاص طورڏڪڻ ۾ ڪونجن جي اچڻ ڪي چڻ ته رڪارڊ ڪيو آهي. هي آخري نُڪتو هر طرح سان اهم آهي

هوننن ڪونج جي ڪُڙڪڻ ۽ ڪَرڪڻ جي آواز جي جذباتي تاثر يا پهچ ڪي سُر معذوري ۾ ڏسو:

رڃن ۾ رڙنٿي، ڪر ڪَرڪي ڪُونج،
نعرو منجهه نڪونج، اي تان آه عشق جي.

## حوالا.


۱. بلوچ، نبي بخش خان، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ - زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد. ۱۹۸۰ع ص-۱۶۹.
۲. تيرٿداس هوتچند. مقالو "ڪونج" نئين زندگي (ڪراچي) آڪٽوبر ۱۹۶۹ع ص-۲۶
۳. ايضا، ص-۲۷.
۴. ايضا، ص-۳۸ ۽ ۳۹.
۵. حوالو ٻيو ص-۴۱.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٦. حوالو ساڳيو ص-٤١.
٧. وفائي دين محمد، 'شاهه جي رسالي جو مطالعو'، وفائي پبلشنگ هائوس، ڪراچي، ١٩٧٦ع، ص-١٢٣.
٨. گدواڻي، منوتولارام. مقالو "ڪونج-پٿائي صاحب جو ڪوڏ"، نئين زندگي، ڪراچي، جولاءِ ١٩٦٤ع ص-٢٥.
٩. ايضا، ص-٢٥.
١٠. ايضا، ص-٢٦.
١١. ميران محمد شاهه. مقالو "نازڪ خياليون"، يادگار لطيف، شاهه لطيف مرڪز ١٩٥٥ع ص-١٠٧.
12. Salim Ali-S.Dillon Ripley:
HAND BOOK OF THE BIRDS OF INDIA AND PAKISTAN
Vol. 2 (2nd ed) Oxford University Press, Delhi. 1980.
١٣. آڏواڻي، ڪلياڻ. شاهه جو رسالو، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، ١٩٧٨ع ص-٤٦٧.
١٤. بلوچ، نبي بخش خان، 'سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ' شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، ١٩٧٨ع ص-٢٠٥.
١٥. ايضا، ص-٢٠٢.
١٦. ايضا، ص-٢٠٤.
١٧. ايضا، ص-٢٠٦.
١٨. سُر ڏهر مان بيت، ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري شاهه جي رسالي جي صفحن ٤٦٢ ۽ ٤٦٣ تان ورتل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڏهر- تاريخ ۽ فلسفو

فقير محمد لاشاري

شاه جي سُر 'ڏهر' جو فلسفو پنهنجي تاريخي پس منظر سان ائين ڳنڍ آهي جيئن وڻ سان ان جو ميوو ڳنڍ هوندو آهي. تاريخ آهي. ڪي ڪردار آهن، ڪا صورتحال آهي ۽ اُهي سڀ هڪ تبديليءَ منجهان گذري رهيا آهن ۽ اُها تبديلي جاري آهي ۽ شاه سائين ان تبديليءَ جي بقاءَ ڪي ڏسڻ جو معجزو ڪيو آهي. شين کي بدلجندو ڏسڻ لاءِ خاص نظر جي ضرورت هوندي آهي، جيڪا شاه کي هئي.

## جاگرافي :

پڻائي جي سُر ڏهر کي پنهنجي جاگرافيءَ آهي. ڏکڻ ۾ ان جون حدون لاڙ کان ٿينديون ڪڇ جي پرئين ڇيڙي تي تائين آهن اوپر ۾ گجرات ۽ جيسلمير اٿس. اُتر ۽ اولهه ۾ ڪوهستان جي ڏاکڻين ڇيڙي کان هالار جبلن جي گود ۾ ڪاڇي وٽ بداماڻي ٻٺ تائين آهن. ٻين لفظن ۾ سر ڏهر ۾ جيڪي ڪونجون ڍوري جي آسري اچن ٿيون تن جو روهه کان، ڪاڇي ۽ ڪوهستان وارو رستو، ٿر ۽ ڪڇ جي پرانهين ڇيڙي تائين وارو علائقو، سر ڏهر جي حدن ۾ اچي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيتا ڪيو چٽيج، بداماڻيءَ ٻٽِ ۾،
نيٽن ننڍ م ڏيج، ڇيڙون ڇپر آئيون.

بداماڻي جي هنڌڻ سان پنري جو نالو تري اچي ٿو، جيڪو سنڌ جي تاريخ جو سورهيه هيو ۽ جنهن جو پورو نالو پنرو بدام آهي. هي سنڌ تي ٽيل هلائن جي خلاف هڪ مزاحمتي ڪردار آهي، جنهن جي ويڙهه جو مندان ڪاڇي واري ايراضي هئي. هينئر ٻه دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو ڪاڇي وارو علائقو جن مڪاني نالن سان سڏجي ٿو، انهن ۾ بداماڻي ٻه آهي. متئين بيت ۾ بداماڻي ٻٽ جي ڪاڇي ۾ هجڻ جي تصديق، ان ڪان بعد واري هن بيت مان ٿئي ٿي:

سنگهارن ساري، ساٿي ڏيج سنيهڙا،
سا هيڪلي گهاري، مُنڌ ڪاڇي ڪنڌئين.

متي ذڪر ٽيل هيو ڇيڙو ڪڇُ آهي جنهن جي شهر ڀڄ جي حوالي سان هي بيت اچي ٿو:

ڀُڄيان ڀِلي ڀيرُ، وڌو راءَ رڪاب ۾،
ڪڇ رهندو ڪير لاکو لوڙائن سين؟

سنڌ جي انهن طرفن جي اها جاگرافي واپاري نوعيت جي ٻه آهي. ڪوهستان مان ٿاڻي بولا خان وٿان، رنيءَ ڪوٽ جي مٿان اهو قديم واپاري رستو آهي، جيڪو شڪارپور ۽ سبي ۽ بکر سان لنڪ رستن ذريعي ڳنڍيل هيو. جنهن تي ڊاڪٽر ائڊاين ڊوارٽي سنڌ ۾ پهرئين آيل انگريزي جاسوسين ۽ اُن جي سفر تي لکندي بحث ڪيو. جڏهن ته ڪڇ جي پاسي سترهين صديءَ ۾ ٻه لٽي ڪان پالي ۽ جيسلمير ڪڇ جي پر انهين شهر ۽ هاٿو ڪي گجرات رياست جي شهر احمد آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تائين واپاري رستو مليل ٿو.

"ڍهر" جي ذريعي جن جاگرافيائي حدن جو دائرو ڏسجي ٿو سوئي شاهه سائين جي جمالياتي مملڪت جو وڏي ۾ وڏو حصو آهي. سندس سمورا مکيه داستان ان ئي جاگرافيائي خطي سان لاڳاپيل آهن. سر ڍهر جي جن حدن جو ذڪر، ڪيو ويو، تن ۾ سنڌوءَ ۽ هاڪڙي دريائن ۾ جاگرافيائي نوعيت جي تبديلين تاريخي ڦيريون گهيريون آنديون.

ڍهر ۾ جن ڪردارن جو ذڪر آهي، سي ڪڇ سان جڙيل آهن ۽ ڪڇ هزارين سالن کان سنڌ جو حصو رهيو آهي. " ڪا ٺيا واڙ ۽ ڪڇ جا قديم شهر ڪالي بنگن، لوٿل ۽ رنگپور سنڌو ماٿريءَ جا شهر آهن. ڪالي بنگن سر سوتي نديءَ (جنهن جا نالا گهگهر، هاڪڙو، ريٽي ۽ نارو رهيا آهن) جي سڪل پيٽ تي آهي. لوٿل ۽ رنگپور، سنڌ سان ڪڇ جي رڻ ذريعي ڳنڍيل هئا، جتان کان ساموندي نار، ڪڇ کي هڪ ٻيٽ ٺاهي ڇڏيو هو، جيڪو وري تر اکڙي سمنڊ ذريعي ڪا ٺياواڙ سان ڳنڍيل هو ۽ انهن سيني ايراضين جو نسلي پس منظر ساڳيو آمري، ڪوٽڏجي ۽ هڙاپا وارو آهي. هنن جي بدلي به ساڳي رهي. اڄ به ڪڇ جي سموري آبادي سنڌي ڳالهائيندڙ آهي. قلات، لسٻيلو، سبي مٿي جنهن عرصي جو حوالو آهي، سو ٢٢ هزار ۽ ٢٣ هزار سنڌي ڳالهائيندڙ آهن. قبل مسيح جي وچ وارو عرصو آهي جڏهن باقي ننڍو کنڊ اڃا پٿر جي دور ۾ هيو. ان ڪانپوءِ اڪثي ٣٠٠٠ ۽ ١٧٠٠ قبل مسيح جي وچ واري عرصي ۾ ٻن دريائن سنڌو ۽ هاڪڙي ذريعي ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ سان اچ وڃ هئي. بعد ۾ سڪندر اعظم جي ڪاهه ٿي (٣٢٥ قبل مسيح) تڏهن سڪندر سنڌوءَ جي اوڀارئين شاخ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جانزو ورتو جيڪا ڪڇ واري نار ۾ ڪڇ جي رڻ ۾ چوڙ ڪندي هني ۽ لکپت وٽ مٿي پاڻيءَ جو هڪ ڍورو ٺاهيو هئائين.

ان عرصي (٣٢٥ ق.م کان ١٢٠٠ ع) ۾ سنڌ جا ڪڇ سان ناتا گهڻا ويجها هئا.

١٠٠٠ع ۾ هاڪڙي ۽ سنڌو جو پاڻي ٿر ۽ ڪڇ ڏانهن گهٽجي ويو. يارهين ۽ ٻارهين صدي عيسوي تائين اها حالت جاري رهي جڏهن سنڌو پنهنجي اوڀارئين پيٽ کي رڻ ٻٽائي، وهڪرو اولهه پاسي ڪيو. پوءِ وري يارهين ۽ ٻارهين عيسوي صدين جو جيڪو احوال ملي ٿو سو هي آهي "سنڌوءَ جي وهڪري ۾ هڪ وڏي تبديلي آئي، پر پوءِ به پاڻيءَ جو ڪجهه حصو سنڌ ڍورو، رڪ ۽ لهاٽو ڍورن منجهان گذريو (هي اُتر سنڌ جي ايراضيءَ ۾ آيل تبديلين بابت آهي) ان سان گڏ ڪڇ ۽ اڻ جي خطي ۾ ڌرتيءَ جي پنهنجي اندروني تبديليءَ واري سرگرمي ٿي جنهن سان رڻ جي ايراضي وڏي ، رڻ جو پيٽ وڏيو ۽ اُن اُتر اوڀر توڙي ڏکڻ ۾ پاڻ پکيڙيو. اهڙي ريت ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ سنڌ کان ڪٽجي ويا جن جو لکين سالن کان سنڌ سان ڳانڍاپو هيو."

سنڌوءَ جي ڪهاڻي اڃا اڳتي هلي ٿي، جڏهن ته هاڪڙو ١٢٢٦ع تائين خشڪ ٿي ويو ۽ اُن کي گم ٿيل درياءَ به سڏين ٿا ۽ اُن ڪانپوءِ تاريخ ۾ آبادي جي وڏي لڏ پلاڻ ملي ٿي ۽ ٿر جا ڪيئي شهر زوالجي ويجن ٿا خاص ڪري ننگر پار ڪر جي ڏکڻ پري نگر ۽ ويراواهه. هاڪڙو نه رڳو ڪڇ ۾ گم ٿيو پر مٿان جنهن وسيلي کان ايندو هيو، اُتان به ڪٽجي ويو هو. سنڌو پنهنجو وهڪرو ١٢١٧-١٣٤٠ع واري عرصي ۾ به بدلايو، ٺٽي جي اُتر ۾ جهوڪ جي ويجهو ڪلري ۽ بگهاڙ جي ورچ ٿي. ان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏکڻ اوله جي پاسي وهڪرو ڪري برهمڻ آباد وٽان گذري، پرٺالا کان ٿيدي وري ڏکڻ اوله ڦري ڪوني ۾ پهچي اچي وڏي ۽ اصل وهڪري سان شامل ٿي ٿيو. پٺالا متعلق گمان ڇاڻايو ويو آهي ته اهو هاٿو ڪي حيدرآباد جو ماڳ هيو. مٿئين ورچ وٽان هڪ ٻيو وهڪرو ڏکڻ اوپر ويندي ڇاڻايو ويو آهي جيڪو عمر ڪوٽ کان ٿيندو، ڏکڻ ۾ هڪ ٻي شاخ جيڪا ونگا بازار پرسان هئي سان ملي هڪ ئي ڪڇ جو رڻ اُڪري ڪري ڪريڪ وٽ وڃي ٿي چوڙ ڪيائين. جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي. پروفيسر پٺاوالا سي ايف اولڊ هم جي ڪيل ڪوجنا جي حوالي سان اهو به ڇاڻايو آهي . نيلم نديءَ جو وهڪرو هاڪڙي ۾ به ٿيندو هيو ۽ اهو ايستائين هيو جيسين نيلم اولاهين پاسي بياس سان وڃي ملي. ان تبديليءَ جو ڪارڻ ستلج ۾ لٽ پرجي وڃڻ ڇاڻايو ويو آهي. هاڪڙو ۽ اوپاريون نارو لاڳيتو پنهنجو پاڻ آزاد تيرهين سدي عيسوي تائين تر کان ڪڇ جي رڻ تائين وهندو رهيو. هن بحث تي ٻيا به ڪيترا مفروضا آهن ته هاڪڙي ڪي مٿان کهڙي درياءَ مان پاڻي ملندو هيو. پر اهو هي پنهنجو موضوع ناهي.

هيگ ۽ پٺا والا هڪ ٻي اهم عمل تي به بحث ڪيو آهي، جنهن کي سمجهڻ اڄ جي عام ماڻهوءَ لاءِ به ضروري آهي. اهو عمل آهي ڊيلٽائي علائقي جو ٺهڻ. درياهه هر سال سمنڊ کي ڪجھ پٺتي ڌڪيندو رهيو، جنهن سان زرخيز خطو وڌيو. ڏاکڻين سنڌ جو ڊيلٽائي علائقو ٻين سببن سان گڏ ان عمل جو نتيجو آهي. هيگ سنڌوءَ جي ڊيلٽائي عمل ٺهڻ جا انگ اکر ڏنا آهن ۽ پٺاوالا هيگ کي به بحث ۾ آندو آهي. ١٨۴٢ ۾ جڏهن به طانيا جو سنڌ تي قبضو ٿيو تڏهن سنڌوءَ جي اڳتي وڌڻ به سمنڊ جي پٺتي هٽڻ واري عمل جو سروي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏانهن پلٽو کاڌو جنهن کري غلام شاهه ڪلهوڙي اچي حيدرآباد شهر آباد ڪيو.

شاهه سائين جي سر ڌهر جي جاگرافيائي حدن اندر جيڪي طبعي تبديليون آيون، تن انساني تاريخ لاءِ تمام وڏا ڪارڻ پيدا ڪيا. پروفيسر پٽاوالا چوي ٿو : "ڪيئي صدين کان سنڌ جي تاريخ دريائي وهڪرن ۽ پيٽن جي ڦير ڦار، ڊيڊين ڊورن جي تبديلي، واريءَ جي پيٽن جي نهڻ ڊهڻ ، درياءَ جي ڇوڙ وارن هنڌن جي مٽ سٽ، ۾ ايندڙ لٽ ۽ مٽيءَ سان ٿيندڙ تبديلين جي اصطلاحن ۾ پڌائي وئي آهي. سنڌ جي تاريخ، جاگرافيائي ارتقا جي حالتن ۾ انساني اورچائي جو شاناتو مثال آهي. سنڌ ۾ تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي هڪبئي تي اثر انداز ٿيڻ واري موضوع جي مطالعي ۾ ڪيئي تبديل ٿيندڙ پهلو آهن جن کي ويچار هيٺ رکڻو پوندو."

جڏهن چوي ٿو :

"سڄ ڪِ سڪو ڊورُ ، ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا،
جنگن ڇڏيو زور، سر سڪو سونگي گيا؟

شاعر پنهنجي ڏيهه جو ڏک محسوس ڪري ٿو. هُن کي زندگي خطري ۾ پيل ڏسڻ ۾ آئي آهي. پوءِ هو انهن نشانين تي ڳالهائي ٿو، جيڪي وقت جي هٿوءَ هٿان برباد ٿي رسيون آهن، جن جو اڳتي ڏس ملڻ ڏکيو ٿي پوندو. اڄ ڊاڳي ۽ ڊور ٻليار ۽ پٽيهل کي پاڻ ڪٿان ڳوليون. اسانجي پنهنجي جُوءِ جون شيون ماڳ ۽ مڪان گم ٿي ويا. جسودن ۽ جسراج لاڙ جا حاڪم آهن يا وڻجارن جي ڪا ذات آهي، سو فيصلو ڪير ڪري.

" جان جَرُ هنڙو سير، اتان تون مڇا! نه مو ٿئين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آڏا اڏي کِير، کھٽ بہ جھليندَ گھاتيئين.

هن بيت ۾ چاڻايل سير اُها پنياري آهي جيڪا محقق سورهين صديءَ جي اڌ ۾ ٺٽي ۽ عمر ڪوٽ وچ واري ايراضي ۾ چاڻائين ٿا. يا تار پاڻي واري معني ۾ آهي. اِتي اسان کي تاريخ جو سهارو وٺڻو پوندو.

## تاريخ

ڍهر ۾ تاريخ جا انيڪ ڪردار آهن، جيڪي مختلف زمانن سان واسطي ۾ رهيا. لاکو، ڪنگهار، چينچل جسودن، جسراج، سنگهار ڍهر جا خاص ڪردار آهن، جڏهن تہ سمر، جاڙيجا، لاکا، (سپ سماٽ) جت، اوڏ، ريباري، راجپوت ٺاڪر، سنگهار ذاتيون بہ ان ۾ اچي وڃن ٿيون. لاکو مکيہ ڪردار آهي، جنهن لاءِ پراڻ ڪان پڇيو ويو آهي تہ اُن اهڙا کي ڏنا آهن.

"جهوني تون پراڻ، ڏينهن گھٽيرا سنييرن،
لاکي جهڙا هاڻ توکي ڏٺا پيڙا (پيڙا)

۽ لاکو اُهو آهي جيڪو:

"ٻني ٻهڻ نہ ڏئي، جهري وئي جهوڪ،
لوٽي مٿان لوڪ، لاکي لک لڏائيا."

اسانجي داستان ۾ لاکو، لوڙون ڪري ٿو، ڌاڙا هڻي ٿو ۽ سندس ڪاروان جي ڪري سموري خلق ڏول ۾ آهي. شاه سائين لاکي جي سرگرمين جي صحافتي رپورٽنگ ڪئي آهي. هن جي ڪاروان جا جيڪي اثرآهن، سي رپورٽ ڪيا اٿس ۽ خبردار بہ ڪيو اٿس تہ لاکولوڙون ليون ڪري، سمن ۽ جاڙيجن کي سک ٿي نہ سمهڻ نہ ڪيي. لاکي، اوڏن کي بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڏائي ڇڏيو آهي. ڪاڇي ۽ ڪوهيار ڪان وٺي ڪڇ لاکي جون سرگرميون آهن.

ڪا ڇي پيني ڪُوڪَ. سچُ ڪِ سنگهارن لڏيو؟
مادر! اوءِ ملوڪ، اُٺي ويڙا اُڪري.

پُڇيان پکي پير، وڏو راءُ رڪاب ۾،
ڪڇ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين؟

ٽاٽونڪين پلاڻ، سدا هٽن ڪرڪرا،
لاکي لوڙائن جا اهڙائي اهڃاڻ،.
ڏيني تنگن تاڻ، ڪوڪ ڪاريندا ڪَچڙي.

لاکي جي سرگرمين جو اثر هن طرح ڇاڻايو ويو آهي:

اوڏ بہ ويچارا ، وڃن ڪاڪيان لڏيو
وائي ڪن نہ وات، ٻُگها ٻاتاڙنا ٿيا.

پوءِ وري شاه سائين لاکي جي سڃاڻپ بہ ڪري ٿو. اُن کي 'فوڪس' ۾ آڻي ٿو. " لاکا لک ٿيا ڦلاڻيءَ ڀير ڀيو." دلچسپي جي ڳالھ هيءَ آهي، تہ ڀٽائي ڪٿي بہ لاکي کي خراب نہ ٿو ڪوٺي. باوجود ان جي تہ لاکي جي عمل منجهان ماڻھ ويڏن ۾ آهن. اوڏ بہ لڏي وڃن ٿا. ڪاڇي ۾ ڪُوڪ پئي آهي، ڪڇ ۾ ڪير رهندو، پر لاکي کي خراب نہ ٿو سڏيو وڃي. لاکا آهن بہ گهڻا، ۽ هڪڙو لاکو ڦلاڻي بہ آهي. لاکي جي تمثيل، تاريخ جي پارکوئن لاءِ هڪ للڪار آهي. لاکو لوڙون جو ٿوڪري، ۽ پوءِ لاکو لوڙون ڪرڻ کان بس بہ ڪري ٿووڃي. هڪڙو لاکو پنهنجون ڪاروايون ختم ڪري ۽ ٻيو لاکو پنهنجي گهوڙي لکيءَ سميت مري بہ وڃيٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

" لاکي لوڙون چڙھيون، سرھا ٿيا سنگھار،
چڙھا ٽي چوڌار، ونديون وس چرنديون."

هن بيت ۾ لاکو پنهنجو لوڙن ڪرڻ جو عمل ترڪ ڪري ٿو جنهن ڪري سنگھار سرها ٿين ٿا . هڪ ٻئي بيت ۾ لاکو مري ٿو جو، جنهن ڪري ڪڇ تان ڏولائو لهي ٿو وڃي:

لکي ۾ لاکو، ٻئي مُٺا ٻاجھ ٿي،
قادر لاٿو ڪڇ تان ، اديون اولاکو
وانڍن ۾ واکو، ريباري رهي ويا.

اچا ٻئي هنڌ لاکي سان اسانجي شاعري جي احساساتي رشتي جي خبر پوي ٿي.

"لاکا لڳئي ڏينهن، ڪاري ريءَ ڪيئن گھارئين،
مٿان وسي مينهن، واٿون ولين چانئيون."

پوءِ وري اسانجو شاعر لاکي جي رومانس جي ڳنڍتي به رکي ٿو :

ريبارڻ ريجهاءِ ، لاکو لولائين سين
سائو مان سندياءِ ، تن مٿائي ناڪرو

وري لاکي سان ڪجھ حجتون ، ڪا پنهنجائپ به آهي جنهن جي حوالي سان سفارش ٿي ڪجي :

لاکا لڄ سندياءِ ، اوڏ اڳلي آهيان،
پکا سي پرتاءِ جي اجهي تنهنجي آڏيا .
سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهو هڪڙو لاکو آهي، يا سنڌ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاريخ جو ڪو لاڳيتو ۽ مستقل ڪردار آهي. ڪهڙو به لاڪو آهي ، ته به شاهه جي ساڻس پنهنجائپ هجڻ ۾ ڪو شڪ ناهي. فقط ڪي شڪايتون آهن، ته پنهنجن ماڻهن لاءِ آزار نه بڻج. سڌو سنئون سندس ڏ ر ٿي نعرو هڻڻ واري روش شاهه جي گهرن فڪري روين جي شان وٽان نه آهي. ڪيس انتهائي تمثيلي ڪردار ڪري پيش ڪرڻ، شاهه جي ”لڪا پٽن لوڪ ۾“ واري حڪمت عملي جو حصو آهي. سياسي طرح لاکي جو پس منظر جيئن ڪڇ سان به ڳنڍيل آهي تنهنڪري اقتداري ڌرين وٽ، لاکو پوءِ ويندي شاهه سائين جي ڏينهن تائين حڪومت مخالف ڪردار جي علامت سمجهيو وڃڻ ممڪن آهي. ڪڇ سان لاکي جي نسبت، سنڌ تي قابض ڌارين يا سندن ڏن پرو اطاعت گذار حاڪمن لاءِ ڪنهن به حالت ۾ چڱيءَ نظر سان نه ڏٺي ويندي هئي. ان جو سبب آهي، ته عربن جي سنڌ تي حملي کانپوءِ توڙي غزنوي گهراڻي جي راڄ وارن عرصن ۾ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جيڪا به ويڙهه هلي آهي اُن ۾ ڪڇ ۽ ڪا ٺياواڙ کان مدد ملندي رهي آهي. خود ارغونن ۽ ترخانن خلاف ٿيندڙ چڪرين ۾ ڪڇ کان مدد ملندي رهي آهي. ارغونن جي ڏينهن ۾ ته سنڌ کان وڏي پيماني تي ڪڇ ڏانهن لڏپلاڻ ٿي آهي ۽ اُتان علمي توڙي عملي ميدان ۾ ڌيهه تي ڌارئي راڄ جي مزاحمت ٿيندي آئي آهي. لاکو ان مستقل ويڙهه جي علامت آهي. جڏهن به ڌيهه تي ڪو ڏکيو ڏينهن آيو آهي، ته لاکي پنهنجي واٽ واري آهي. سندس واٽ ۾ ڪجهه ڪوتاهيون آهن، جيڪي ڏور ڪرڻ کپن.

اهي ته ٿيا سائين جا لاکي يا لاکن ڏانهن مختلف رويا. تاريخ جي دستاويز ۾ لاکي کي ڳوليون ۽ ڏسون ته لاکو ڪٿي بيٺو آهي. ان ڏس ۾ اڳتي وڌڻ کان اڳ هڪ وضاحت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي. سنڌ تي جن بہ ڌارين حاڪمن ڪاهون ڪيون آهن، سي مذهب ۽ خاص ڪري اسلام جي نالي ۾ آيل آهن. ان ڪري سنڌن مورخن سنڌين کي ڪافر سڏيو آهي. ڦرمار جو وٺن ٻيو ڪوبہ سبب نہ هيو. ڌارين جي آندل ٻانڌي جي مورخن ڦرمار تي آيلن کي زبردست ساراهيو آهي. اها ان دؤر جي سنڌن گهرج هئي، جو تاريخ نئي ان وقت جي حاڪمن لاءِ ريڊيو ، ٽي وي ، اخبار ۽ اطلاعات کاتي جي هنڌ آئوٽن وارو ڪم ٿي ڪيو. ائين ڪرڻ جا وٽن سبب هئا. جو سنڌي مذهب جي سلسلي ۾ تنگ نظري ۽ فرقيوارين کان عملي طرح نفرت ڪند ڙ رهيا آهن. ۽ اهوئي سنڌن فطري مزاج آهي. ان ئي سبب جي ڪري ٻوڏيسر ۾ گجرات جي حڪمن ١۴٢٦ع ۾ مسجد ڊهرائي تہ ١۴۴٩ع ۾ اُتي ئي جين عبادت گهر بہ ٺهيو. سنڌي مذهب جي معاملي ۾ جابر ۽ ظالم حاڪم ٽولن وانگر نمائش باز، ۽ رياڪار ۽ جنوني نہ رهيا آهن، تنهنڪري ڌارين ڪين ڪافر چئي مٿن حملا ڪرڻ جا پڙگهڙيا ۽ پوءِ حملا بہ ڪيا. فيروز شاهہ تعلق جي هڪ درباري عين مطاهر، ڄام ٻانڀيڻي ٻني جي خلاف لکيو ۽ ڄامن کي راءِ ڄام ۽ راءِ تماچي سڏي ڪين هندو ڄاڻائي مٿن حملي جو جواز ڏنو ۽ پوءِ جڏهن جنگ لڳي تہ سنڌين جي شهادت کي " ڪافرن جو مرڻ " ڄاڻايو ويو. ساڳيو نمونو مير معصوم بکري جو آهي. سمورن منظم لشڪري ڌاڙيلن کي وڏي شان سان پيش ڪيو آهي. جڏهن تہ اسانجي سورهن کي هنن باغي، سرڪش، شر پسند ۽ اهڙن لقبن سان ڄاڻايو آهي جيئن اُهي بدنام رهن. سنڌ سان تاريخ ۾ اهڙو گارين جهڙو رويو جتي ڪٿي واضح ڏسڻ ۾ ايندو. ان پروپئگنڊا جو اثر ۽ اها پروپئگنڊا پنهنجي سر پاڻ اجا تائين هلندڙ آهي، ان ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باشعور ۽ محب وطن سنڌي ماڻهن لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه ناهي ، پر پروپئگنڊا جا اثر گهڻ طرفا ٿين ٿا جن مان ڪيترن جو شڪار به ٿي سگهجي ٿو.

سر ڏهر جو تاريخي پس منظر هڪ ڊگهي عرصي تي ڇانيل آهي. نائين صدي عيسوي کان سورهين عيسوي صديءَ جي ٿئين ڏهاڪي شروع ٿيڻ تائين ڪڇ ۽ سنڌ تي سومرن ۽ سمن جو راڄ رهيو. اهو سڄو سارو عرصو هڪ اصطلاح ، هڪ نالي ، هڪ ذات جي سڃاڻپ سان لاڪو موجود ملي ٿو. البت لاکي جي نالي سان ٣ ڪردار گهڻي اهميت سان سامهون اچن ٿا. گڏو گڏ خبر پئي ٿي ته ٨١٠ع کان ٩٨٥ ع تائين ڪڇ تي لاکي گهراڙي جي سما راجپوتن جو راڄ هيو.

وليمس جي حوالي سان محترم اي-ايڇ پنهور "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" ۾ ٨٥٠ع کانپوءِ ڇاڻائي ٿو: "سنڌ جي سما پائرن ڪڇ ۾ پگوڙ ۽ گنتري ۾ پنهنجون ننڍڙيون حاڪميتون قائم ڪيون. ان کانپوءِ موڙ جو پٽ سعد گاديءَ تي ويٺو ۽ ڪنٿ ڪوٽ کي پنهنجي گاديءَ جو شهر بڻايائين. سعد جي سَهُري ڏرڻ واگهيلا، سمن کان جان ڇڏائڻ لاءِ سعد کي زهر ڏئي ماري ڇڏيو. اُن وقت سعد جو پٽ ڦل ڇهن مهينن جو هيو، جنهن کي ڀانهي ٻولادي سنڌ آندو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو، ته پنهنجو پٽ سهائي ڦُل کي ڪٽي آئي. ڦل جي پالنا سنڌ جي سمي شهزادي دولهڙي ڪئي. ڦل وڏو ٿي ڪڇ هليو ويو ۽ وڃي پنهنجي ناني ڏرڻ واگهيلا کي للڪاريائين، جنهن کيس ٽڏو ڪري، پنهنجي هڪ مائٽياڻي سان سندس شادي ڪرائي ۽ کيس سندس پيءَ وارو علائقا واپس ڪيا. پر ڦيريون موقعو ملڻ تي، ڦل ناني کي ماري ڇڏيو. ...ڦل ڏهن صديءَ جي ٻي چوٿائي جي اڌ تائين حڪومت ڪئي ۽ سندس جانشين پٽس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاکو ڦلاڻي ٿيو.“ ساڳيو مورخ اڳتي ساڳي حوالي سان ڄاڻائي ٿو ته ۹۷۹ع ۾ ڪڇ جي حاڪم ڦل جو موٽ ڪاٺياواڙ ۾ چاوڙن سان لڙائي ۾ ٿي. اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته ڦل هڪ خانه بدوش خوبصورت ۽ ذهين ريبارڻ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي. جنهن مان لاکو ڦلاڻي ڄايو ۽ جوان ٿيڻ تي پنهنجي پيءُ سان اٽڪي سنڌ ڇڏي ڪڇ هليو ويو ۽ انيل پٽڪ جي چاوڙي حاڪم وٽ اچهو ورتائين ۽ سورهي ۽ ذهين سياستدان جي حيثيت سان ڏاڍو ناماچار ٿيس. هتي جنهن ريبارڻ خانه بدوش ڇوڪري جو ذڪر آيو آهي، سا اسانجي شاعر جي سُر ڏهر ۾ جو متحرڪ ڪردار آهي. وري ڳالهه ملي ٿي ته لاکي جن چاوڙن وٽ پناهه ورتي تن جي ڦل سان لڙائي ٿي ۽ ڦلُ مارجي ويو جنهن ڪانپوءِ لاکو ڦلاڻي تنهن تخت تي ويٺو. لاکي ڦلاڻي جي سياست ۽ حڪومت جا ڪجهه وڌيڪ تفصيل به ملن ٿا. پر سندس ڪارواين وارو علائقو گهڻي ڀاڱي ڪڇ ۽ ڏکڻ سنڌ آهي. تاريخ جي قرطاس تي هڪڙو ٻيو لاکو ۱۱۷۵ع ۽ ۱۲۱۵ع جي عرصي ۾ سرگرم نظر اچي ٿو. لاکو، ڄاڙيجو سمو هيو جنهن ۱۱۷۵ع ۾ اوڀارئين ڪڇ جي گادي ڪنٿ ڪوٽ تي قبضو ڪيو. هن سڄو ڪڇ پنهنجي حاڪميت ۾ آندو ۽ سندس گهراڻي جو راڄ ڪيئي سال هليو. لاکي جي مرڻ تي سندس پٽ راڏڻ ويٺو ۽ ڏکڻ سنڌ جي ڄاٽن کي به مطيع بڻايائين جيڪي سنڌ کان لڏي ڪڇ هليا ويا. مڪاني روايتن موجب سندس دور ۾ ڪڇ جو رڻ خشڪ ٿي ويو.۸۵۰ع ۾ جڏهن کان ڪڇ تي لاکي گهراڻي حڪومت قائم ٿي تڏهن کان سنڌ ۾ عربن ۽ پوءِ غزنوين خلاف لاڳيتو ويڙهيون ٿينديون رهيون آهن، ۽ انهن جي نوعيت گوريلا ويڙهه واري هئي. سنڌين وٽ منظم فوج نه هئي، پر گهاتون هڻڻ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راڻاها ڏيڍ ڄهڙيون ڪاروايون هيون ۽ سومرن ۽ سمن جي اڳواٽي ۾ هلندڙ انهن ويڙهن جو مکيہ مندان ڪڇ جو رڻ ۽ ٿر وارو علائقو هيو. راجپوت، ٺاڪر، مينگهواڙ ۽ ڪولهي سڀ جا سڀ انهن لڙاين ۾ شامل هئا ۽ سندن سپلاءِ لائين ڪڇ هيو. اها ويڙهه سنڌ ۾ سومرن جي ڏيهي راڄ قائم ٿيڻ تائين هلي ۽ پوءِ جڏهن سما دؤر جي پڇاڙي ٿي تہ وري بہ ارغونن خلاف ٿيندڙ مزاحمت ۾ ڪڇ جي سپلاءِ لائين جاري ٿي، توڙي جو ان عرصي تائين سنڌو ۽ هاڪڙي ذريعي مواصلاتي رشتا ختم ٿي چڪا هئا. اهو تاريخي عمل صدين تائين سنڌ واسين لاءِ اُتساهہ جو ڪارڻ بڻيو رهندو ۽ پڪ سان لطيف سائين جي اُتساهہ جو سر چشمو بہ وطن جي واڳ ورائڻ واري ويڙهہ ۾ ڪم ايندڙ اهائي سپلاءِ لائين آهي، جيڪا جنگي، سياسي، معاشي ۽ ثقافتي هجڻ سان گڏ تخليقي بہ آهي، ڇو تہ ڪبيرداس ۽ ميران بہ ان سپلاءِ لائين ڪان هتي پهتل آهن.

مرزا قليچ بيگ سان قبيلي جي وڏي جادم جي هڪ پٽ جو نالو هسپت ڄاڻايو آهي جو سندس چوڻ موجب سنڌ جي سمن جو ڏاڏو هيو. هسپت جو هڪ پٽ لاکو هيو جنهن کي ٻي زال منجهان اُنڙ پيدا ٿيو ۽ اُنڙ جي پٽ جو نالو وري لاکو رکيو ويو. لاکي مان سمو ڄايو جنهن مان ڪاڪ جو حاڪم "ڪاڪ" پيدا ٿيو. شاهہ سائين اوڏن جي لڏڻ واري ماڳ جو نالو بہ ڪاڪ ڄاڻايو آهي. "ڪاڪيان وڃن لڏيو". سمن جي شجري ڏسڻ سان انيڪ لاکا سامهون اچن ٿا.

سر ڏهر جي ڪردارن ۾ هڪڙو ڪنگهار بہ آهي. "وڃيو سي ڪاهي جي ڪيلي هيٺ ڪنگهار جي" يا "ڪرا ويڻ ڪنگهار ڪي چينچل ايي چوءِ". تاريخ طاهري ۾ ڪنگهار جي هڪڙي سيڄاڻپ سامهون اچي ٿي. ١٥٢٥ع ۾ سنڌ جي ڏاڙئي حاڪم شاهہ بيگ ارغون جي پٽ شاهہ حسن سنڌ ۾ زبردست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏهڪاءَ پکيڙيو. سما، جيڪي سنڌي آبادي جو ستر سيڪڙو هئا، تن مان معلم، سردار ۽ سورما سڀ هيٺين طبقن ۾ تبديل ڪيا ويا. آئيني اُپائن ذريعي ڪانئن تلوارون ڪسي ڪين هر ڏنا ويا ۽ گهوڙن جي جاءِ تي ڏڳا. سنڌين عزت نفس ڪسڻ جي هر ڪوشش ٿي. جيڪڏهن ڪنهن مزاحمت ٿي ڪئي ته اُن کي ماريو ويو. دهشت ان حد تائين پهتي جو ارغون سپاهين کي ڏسي حمل وارين عورتن جا ٻار ڪري پوندا هئا. نتيجي ۾ سنڌي دانشور، صوفي ۽ واپاري ۽ ٻيا ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ برهانپور هليا ويا. ٻه سال پوءِ يعني ١٥٢٧ع ۾ شاهه حسن محسوس ڪيو ته نئين جا سنڌي ۽ ساموئي جن ڪڇ ۾ پناهه ورتي آهي سي سندس حڪمراني لاءِ خطرو آهن. هڪ ڪڇ جي سنڌي سمي، هندو زميندار ڪنگهار کي خط لکي ڪانئس ڪڇ جا مشهور گهوڙا گهريا ۽ ڪيس ماتر ڀومي جو واسطو ڏئي ، سنڌ اچي سندس ملازمن ۾ داخل ٿيڻ جي آڇ ڪئي. ڪنگهار جي انڪار ڪرڻ تي شاهه حسن ڪڇ تي ڪاهيو. ڪنگهار ڪليل ويڙهه دوران گوريلا جنگ ڪئي ۽ گهاتون هنيون پر شاهه حسن وستين ۽ ٻنين ۾ فصلن کي باهيون ڏئي، ڪنگهار کي هارايو ۽ ڪانئس ڏن وصول ڪرڻ جو ناهه ڪيائين. هن حوالي منجهان سنڌين جي لاڳيتي مزاحمت جي هڪ ڪڙي سامهون اچي ٿي.

هڪ ٻيو ڪردار جسلر اڄ جو ٻه ڏهر ۾ آهي. علامه آءِ آءِ قاضي جسودن ۽ جسراج کي لاڙ جا حاڪم سڏي ٿو جسراج نالي هڪ ٻيو ڪردار چوڏهين ۽ پندرهين عيسوي صديءَ جي وچ ۾ ملي ٿو ان کي لالا جسراج چيو ٿي ويو ۽ اهوئي هالي منگهو پير سڏجي ٿو. هن جا وڌيڪ تفصيل معلوم نه ٿيا آهن.

هي سڄو جاگرافيائي ۽ تاريخي بحث سر ڏهر جو پس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منظر آهي. صورتحال ڏانهن شاه سائين جو رويو سندس فلسفي کي ظاهر ڪري ٿو. ڏهر جي ڊائري ۾ جيڪا تاريخ اچي ٿي، اُن جون رڳو ڪجھ جهلڪون قلمبند ٿيل آهن. اصل تفصيل تمام گهڻا آهن، جيڪي سنڌ جي سونهن وانگر هميشه بربادي ۽ جو شڪار بڻيا . ہي خاص ڳالھ هيءَ آهي ته اڄ جو سنڌي ذهن پنهنجي ان تاريخي تسلسل کان ڇنل آهي، تنهنڪري هو ماضيءَ جي تاريخ جي عمارت جي پوري اڏاوت ذهن ۾ سهيڙي اُن کي "وڊيو ڊاڪيو مينٽ" وانگر نه ٿو سمجھي. هڪڙو سبب هي به آهي ته اڄ به ڪيس پنهنجي ماضيءَ سان جُڙڻ نه ٿو ڏنو وڃي. اڄ جي نصاب ۾ سنڌ جي تاريخ کي ڪا اهميت مليل ناهي، ۽ جيڪڏهن ڪا ڇڳي وٽ ليپي پئي ٿي، ته ان کي سنڌ کان ڪسي ڪا ہي سڃاڻپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. شاه سائين خود ان ئي صورتحال ۾ رهيو جنهن ڪري ڪيس تمثيلي واٽ ونڻي پئي. پر پوءِ به هن لاڪي جي حفاظت جنهن ذهانت، سونهن ۽ طاقت سان ڪئي آهي اُن منجهان ثابت ٿئي ٿو ته ڀٽائي پاڻ کي مستقبل ڏانهن ذميوار سمجھڻ جو بار کنيو ۽ نباهيو. اهو بهرحال اسانجي سائين جو پنهنجو طريقو آهي . هو داستانن ۽ قصن جي نازڪ موڙن کان جهلي اُتان ئي متن ڪم ڪري ٿو. تاريخ جا نازڪ موڙ ئي آهن جيڪي تاريخ جو مغز ٿين ٿا ۽ مغز کي مستقبل جي امانت سمجھي اڳتي وڌائڻ جو مانائتو ڪم ڀٽائي ڪاميابيءَ سان ڪيو آهي.

ڏهر، سنڌ جي تاريخ جو المياتي، رومانوي، جنگي ۽ وطن پرستيءَ جو آئينو آهي، جنهن ۾ سڄاڳيءَ جي ڀرپور چرڪ سان ئي سنڌ پاڻ کي ڏسڻ شروع ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڏهر ۾ سنڌ جا علائقا،
# وهڪرا ۽ ماڳ مڪان

پريتم "پياسي"

سر ڏهر ۾ جسوڏڻ مهڙائي، لاکي ڦلاڻي ۽ پنري بداماڻي جهڙن تاريخي شخصتين جو ذڪر اچي ٿو، جنهن مان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته هِن سُر ۾ جن ماڳن مڪانن وهڪرن ۽ جو ذڪر اچي ٿو، اِهي انهي دور ۾ آباد ۽ وسندڙ هئا، جن جو خاڪو هيٺين طرح آهي.

## علائقا

### پائر

پائر، ٿرپارڪر ضلعي جي ٿر واري ايراضي جو ڏاکڻون حصو آهي، جنهن ۾ مٺي ۽ ڏيپلي تعلقي جا ڏاکڻا حصا اچي وڃن ٿا، جيڪو قديم دور ۾ خوشحال ۽ نهايت آباد علائقو هو. جهنگلي جانورن مان خاص ڪري هرڻ هِن علائقي ۾ تمام گهڻا هوندا هئا، جن ڪي ڦاسائڻ لاءِ شڪاري پرروارن علائقن ۾ ڪوڙڪيون منڊي اچي وهندا هئا ته جيئن پائر پٽ جا جانور پاڻي پيئڻ لاءِ اتي پهچن ته ڦاسي پون، ۽ اُهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪاري ايتري قدر گهڻا هرڻ ڦاسائيندا هئا، جو انهن جو گوشت شهرن ۾ وڃي وڪڻندا هئا. جيڪي جانور پائر جي علائقي کان پري نه ٿيندا هئا، اُهي بچيل رهندا هئا . شاه صاحب ريجاڻي علائقي ڏانهن ويندڙ جانورن کي هوشيار ٿو ڪري ته "خبردار اِڪتي نه وڃو متان ماري جي منڊن ۾ ڦاسي پئو!" فرمائي ٿو ته:

روپو ريجاڻي چرين، ڇڏيو پائر وٽ،
ڪهي ڪيناري چاڙهئيون، هرڻ وڪڻي هٽ،
ٿو سرِ متان ڏي سٽ، ماري ڏيهاڙي ڪري.

وٽ

ڪڇ جي رڻ سان لاڳيتو مٺي ۽ ڏيپلي تعلقن واري ايراضي کي 'وٽ' چئبو آهي، جنهن جي اِها خاصيت آهي ته ان ايراضي ۾ فٽ ڏيڍ جي کڏ ڪٽبي ته پاڻي سان سمي پرجي ويندي ۽ اُهو پاڻي مٺو هوندو. انهي علائقي جا مالدار ڏنار تورڙي ٻڪرار ڏينهن جو اُڃ لڳڻ وقت ٿورو کڏو کوٽي ڇڏيندا آهن. ڪجھ وقت کان پوءِ اهو کڏو پاڻيءَ سان پرجي ويندو ۽ ان متان سمهي پاڻي پيئندا آهن. وٽ کي شاه صاحب نه رڳو سر ڍهر ۾ ڳايو آهي، پر ٻين سُرن ۾ به ڳايو اٿس.

وٽ جا ماڻهو مالدار هوندا هئا، جن جو گذر سفر ڏڻ ڏارڻ ۽ مال چارڻ هوندو هو. جڏهن وٽ واري ايراضي ۾ ڪن سببن ڪري اچي سخت ڏڪار پيو، تنهنڪري مالدار ويچارا مجبور ٿي پنهنجو مال ڪاهي ننگر پارڪر تعلقي جي چوٽاڻ واري ايراضي ڏانهن هليا ويا ۽ اسلوڪا يعني وٽ وارا وٽاڻ ۽ جهوڪون خالي ٿي ويون. جڏهن اِهو منظر لطيف سائين جي اکين اڳيان اچي ٿو، تڏهن بي اختيار ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمائي ٿو ته،

جهڪون نه جهٽڪن، وڳ نه پسان وٽ ۾،
آيل سنگهارن، جيڪس "چوٽالو" چت ڪيو.

**چوٽالو**

ننگر پارڪر تعلقي جي ڪارونجهر ڪان اولهه طرف واري ايراضي ۽ اتر اولهه واري ايراضي کي قديم دور ۾ چوٽالو چيو ويندو هو ۽ هي علائقو نهايت سهڻو وڻندڙ ۽ آباد هوندو هو. هن کي چوٽاڻ پڻ چوندا هئا. هن سان مٺي تعلقي جي ڪجهه ايراضي پڻ شامل هئي شاهه سائين سُر ڍهر ۾ مالدارن کي چتاءُ ڏنو آهي ته چوٽاڻ علائقي ۾ مال چاريو تا ۽ غافل ٿيو وينا آهيو. ائين نه ڪريو، چو ته هينئر لاکو ڦلاڻي لوڙائو بڻجي نڪتو آهي ۽ هو ڪنهن به وقت اوهان تي به حملو ڪري سگهي ٿو. کين هوشيار ڪندي فرمائي ٿو ته،

چارئين چوٽالو، وڳ وهارين ويسرا،
لاکي لوڙائن ۾، پهريو پهرالو،
سهر سٽالو، وڳ ورائي واٽ ٿيو.

انهي علائقي سان مشهور ڏاتار سپڙ چوٽالي ۽ چامر انڙ وير جو پڻ واسطو رهيو آهي.

**بداماڻي ٻٽ**

اٽڪل نائين ۽ ڏهين صدي عيسوي ۾ ٿرپارڪر جي ڏيپلي تعلقي ۽ ڊگهڙي تعلقي جي ڏاڪڻي اڌ ۽ بدين ضلعي جي ٽنڊي باگي تعلقي جي چنا قوم جي بداماڻي پاڙي وارن جو راڄ رهندڙ هو. جڏهن اُهو راڄ ڪن سببن جي ڪري اتان هٽي پاسي هليو ويو ۽ مٿان جلدئي پاڻي جي اڻاٺ سبب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُهو علائقو ويران ٿي ويو تہ ان کي عام طرح ماڻهون 'بداماڻي ٻُٽ' سڏڻ لڳا يعني بداماڻي ويرانو. اِهو علائقو قديم دؤر ۾ پاڻي جو وڏو زخيرو رکندڙ هو، جنهن جي ڪري انهي علائقي ۾ ڪيئي پرديسي پکي ۽ جانور اچي ويهندا هئا. جن کي بداماڻين جي رواج موجب ڪوبہ ستائيندو ڪونہ هو. پر جڏهن اتان بداماڻين جي راڄ جو خاتمون ٿي ويو تڏهن پارڪر ۽ ڪڇ جي جابلو علائقن جا شڪاري ۽ ماري بداماڻين جي رواج خلاف اتي اچي، پرديسي پکين ۽ جانورن کي ڦاسائيندا ۽ شڪارڪندا هئا. شاهہ صاحب انهي حالت ڏانهن اشارو ڪندي پرديسي پکين، خاص طرح ڪونجن کي اشارو ڏنو آهي تہ،

چيتا ڪيو چٽيج، بداماڻي ٻُٽ ۾،
نئين ننڊ ۾ ڏيج، چيڙون چپر آئيون.

## ٻلهيار

تعلقي ڏيپلي جي ڏکڻ واري ايراضي ڪڇ جي رڻ تائين ٻلهار جي نالي سان سڏبي هئي، جنهن ۾ هن وقت ٻلهياري نالي شهر جا ڪنڊر اِهو ٻڌائين ٿا تہ ڪڏهن هي خطو بہ گهڻو آباد ۽ خوشحال هو. ڊور ۽ ٻين وهڪرن جون ڪيتريون ئي شاخون هِن علائقي ۾ ديلتا جي شڪل ٺاهي بيٺيون هيون، جيڪي سيئي شاخون هِن وقت لوڻ جا سن ٻڌجي ويون آهن، جن ۾ پاڪستان جو لوڻ جو وڏو سن "سارڻ" بہ شامل آهي. هِن ايراضي ۾ ڪڇ جي رڻ جي ڪناري سان، راحمڪي بازار" وِگہ ڪوٽ، ڪانجي ڪوٽ، ڏهر ۽ ٻيا ڪيترائي شهر آباد هئا، جن جا هِن وقت صرف ڪنڊ، ملن ٿا.

ٻلهيار نالي پٽ کي شاهہ سائين هِن طرح پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلام ۾ زنده ڪري ڇڏيو آهي ته:

جڏهن ڏاڪي، ڏور، ڏيئي وهن ڍلهيار ۾،
تڏهن تازئين طور، هئي جسوڏڻ سين.

## وهڪرا

### پَراڻ

پراڻ سنڌ جو مشهور وهڪرو هو جيڪو سنڌ و درياءَ مان تعلقي سڪرنڊ واري ايراضي مان نڪرندو هو. جنهن جا اهڃاڻ انهي ايراضي ۾ به آهن ته ٿرپارڪر واري ايراضي ۾ به ملن ٿا، جيڪي ٽنڊي جان محمد ۽ جهڏي شهر جي ويجهو بلڪل واضع آهن. پراڻ جو اِهو وهڪرو قديم دور ۾ سنڌ جي حد کان نڪري ڪڇ جي رڻ کي ڪٽيندو لکپت تائين پهچندو هو. جيڪو پوءِ غلام شاهه ڪلهوڙي سنڌ جي اراضي ۾ لٽائي ڇڏيو ۽ لکپت جو علائقو ويران ٿي ويو. شاهه صاحب پراڻ سان مخاطب ٿيندي ڪائنس پڇيو آهي ته:

جهوني تون پراڻ- جڳ ڇنيئه سنيڙين،
توکي ڏنا هاڻ- لاکي جهڙا پيهڙا.

مٿين بيت ۾ پراڻ سان گڏ لاکي جو به ذڪر اچي ٿو، جنهن مان شاعر پراڻ کان پڇي ٿو ته تنهنجي هيڏي وڏي عمر آهي تو ڪو لاکي جهڙو ڏٺو؟ اِهو ان ڪري جو لاکو ڦلاڻي مهر راڻي سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪڇ مان ڇڄ وٺي، پراڻ جي آمري واري گهيڙ تان لنگهيو هو، جيڪو گهيڙ ٽنڊي جان محمد شهر جي بلڪل قريب آهي.

چون ٿا ته جڏهن لاکو ڦلاڻي آمري جي گهيڙ وٽان لنگهيو هو ته ان جو سمورو ڏاج پسي پيو هو، ۽ هُن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مالهن اُهو پراڻ جي وڻن تي سڪائي ڇڏيو هو. هنئي ڏينهن جڏهن روانگي جو وقت ٿيو، تڏهن لاڪي جا ماڻهو وڻن تان اُهي سڪايل ڪپڙا لاهڻ لڳا تڏهن لاڪي ڪين منع ڪئي ته اوڌايل ڪپڙا يعني اوڌائيون واپس ڪونه ٿينديون آهن. هي اسان جي پراڻ جي وڻن کي اوڌاڻي آهي. ان بعد ڏيج جونئون ڪپڙو وٺي روانو ٿيا. انهي ڳهيڙ جي ويجهو تمام وڏو قبرستان آهي، جنهن کي آمري جو قبرستان ڪوٺيندا آهن، جنهن ۾ ڪيترن ئي بزرگن جون قبرون موجود آهن. ميان شاھ عنايت رضوي هڪڙي وائي ۾ آمري جي انهي قبرستان کي خوب ڳايو آهي. ان وائي جا ڪجھ شعر پيش ڪجن ٿا.

سمن صالحن، تونڙان طالبن.
اصل آهي آمري.
زاهد، اولياءِ، انبياءَ اڳي اُت اچن.
اصل آهي آمري.
هلئو سڪ حبيب، جي ٿا پراڻ پسن
اصل آهي آمري.
سئين سروري آئيا، ملتاني مرڪن،
اصل آهي آمري.

ڍورو

اسان وٽ سنڌي زبان ۾ هر شيءِ جي لاءِ مختلف نالا هوندا آهن. اسان وٽ ڦٽل دريا کي 'ڍورو' چوندا آهن، پر درياءَ جي ڦٽل ننڍي شاخ کي وري 'ڍوري' ڪوٺين. اهڙي طرح درياءَ جي وڏي ڦٽل وهڪري کي 'ڍورو' ڪوٺين. قديم دور ۾ ڏيپلي تعلقي جي ايراضي مان ڪچ ڏانهن وهندڙ هڪ اهڙو وهڪرو هو، جيڪو اصل ۾ ڪو وڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واهڙ هو، جيڪو سنڌ مان اڳتي وڌي ڪڇ جي ڪافي ايراضي تائين پهچندو هو، جنهن کي ڍورِ سڏيندا هئا. شاهه سائين هِن سُر ۾ ڍورِ کي ڪافي بيتن ۾ آندو آهي، جيڪي سيني بيت اِهو ٻڌائين ٿا ته انهي زماني ۾ يعني جسوڏڻ جي دور ۾ ڍور جو اُهو مظبوط وهڪرو سُڪي ٻيلاٽيون ٿي ويو هو ۽ ان تي رهندڙ ملاح ۽ مهاڻا ٻئي پاسي هليا ويا هئا، جن کي شاهه سائين اِجهو هِن طرح ياد ڪيو آهي ته:

ڍور نه اڳئين ڍار، منهن ملاحن لکيو،
موڙي چڙهيا مڪڙا، پسي پاڻي پار،
جسڏڻ جهڙا يار- پيا وير وماس ۾.

## هاڪڙو اپرندو

سيني جاگرافي دانن ۽ تاريخنويسن اپرندي هاڪڙي جو تذڪرو ڪيو آهي، جنهن کي واهڻ يا وهندو درياءُ به ڪوٺيو اٿن، جيڪو هماليه مان شيوا لڪ وٽان نڪري سنڌو نديءَ کان جُدا وهندو. آخر ۾ پارينگر جي شهر وٽ ساموندي کاري ۾ اچي چوڙ ڪندو هو. زلزلن ۽ طوفانن جي ڪري ان جو پيٽ بهاولپور، جيسلمير ۽ ٿرپارڪر واري ايراضي ۾ گهٽي ياڳي گم ٿي ويو آهي. ان هوندي به ڪٿي ڪٿي ان جي پيٽ جا نشان ملن ٿا. ننگر پارڪر جي 'ويراواءِ' شهر جي ويجهو ان جو پيٽ ڪجهه قدر سلامت آهي. جنهن کي هيننر 'سانگهه' جو تلاءِ ڪوٺيندا آهن، جيڪو جسوڏڻ مهراڻي جي وقت به ڍنڍ جي شڪل ۾ هو، ۽ جڏهن اتر کان وهندڙ وهڪرن جو پاڻي ٽٽي ويو، تڏهن ٻين وهڪرن جي ڪري پنهنجي وقت جي حاڪم جسوڏڻ مهراڻي کان اجازت وٺي پورهئي خاطر ٻين علائقن ڏانهن روانا ٿي ويا، جنهن جي نشاندهي شاهه سائين جي هِن بيت مان به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿٽي ٽي:

ڪنڌيين اڪ ٿلاريا- سانگ سڪو ساهه،
مهڙائي وٿان- رويو راڄ رضا گهري.

سانگ جي تلاءَ ۽ پارينگر شهر سان ڪيترين لوڪ ڪهاڻيون وابسته آهن. جن ۾ پونم راءِ ۽ ليلا ۽ سڌيونت ۽ ساسارنگا سيڻي ڪان مشهور آهن. هڪ وهڪري جي ويجهو پارينگر جي ويراني جا نشان آهن.

## ڏاڪي

جنهن دور ۾ ڏور جو مشهور وهڪرو ٻلهيار واري ايراضي ۾ اچي چوڙ ڪندو هو، تنهن دور ۾ ڏاڪي نالي واهڙ پڻ انهيءَ خطي ۾ اچي ختم ٿي ويندو هو. اهي وهڪرا جڏهن باقائدي وهندڙ هئا، تڏهن جسوڌڻ مهڙائي وٽ تازئين گهوڙين جا ڪيئي طنبيلا موجود هئا، جن بابت شاهه صاحب ڪان پڻ اهڙي ثابتي ملي ٿي تہ:

جڏهن ڏاڪي ڏور، ٻئي وهن ٻلهيار ۾،
تڏهن تازئين طور- هئي جسوڌڻ سين.

## پٽيهل

پٽيهل درياءُ بدين ضلعي ۾ وهندو هو. منٽس ڪيترائي شهر آباد هئا، جن جا ڪنڊر اڄ بہ موجود آهن، جن مان اڪڙي، جکرا، اوڊ، ڪنڊر، راهوڪي، مرزاپور، آسيلي، محبوب شاهه، بخاري شريف ۽ احمد راڄو مشهور آهن. اپرندو هاڪڙو الهندو هاڪڙو ۽ ڏورر وغيره بلڪ سُڪي ٻيلائيون ٿي ويا تڏهن پٽيهل ۾ بہ پاڻي هٽي ويو هو. اهو ضرور هو تہ پٽيهل ان وقت وهي رهيو هو، پر منجهس پاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارو اصل زور ڪونہ هو. انهي حقيقت لاءِ شاهه سائين هيٺين طرح شاهدي ڏني آهي تہ:

سُڪي ڍورِ ڍيون ٿي، ڪنڌي ڏنو ڪائو،
پاٽيءَ پٽيهل ۾، اڳيون نہ آئو،
ماٺهن ميڙائو- ڪني ڪني ڀيٽين.

شاهه سائين جڏهن لاڙ جو سير ڪندي پٽيهل تي پهتو ۽ پٽيهل ۾ پاٽي گهٽ ڏٺائين، تڏهن پٽيهل کان پڇيائين تہ:

پٽيهل تو ۾ پور- اڳيون نہ آب جو،
سُڪين کهڙي سور- پيئي واري وچ ۾.

۽ وري پٽيهل جي پاران پاڻ ئي جواب ڏنائين تہ:

پٽيهل چئي پرين کي، ساري آئون سڪو،
اٿم اولاڪو، جسو ڏڻ جو جان ۾.

پٽيهل جو وهڪرو لاڙ جي ڏکڻ واري حصي ۾ پٽي بادشاهه جي آباد ڪيل شهر پٽيجي ۾ پهچندو هو. جنهن تان متس پٽيهل نالو پنجي ويو ۽ اجان تائين انهي نالي سان پيو سڏجي.

لوٽي

شاهه صاحب جو مشهور بيت آهي تہ:

لاکو لوٽيءَ آئيو هر هنڌ پيئي هاڪ،
ٻاٺر ڪنان پڇڙي، ڏونگر پيئي ڏاڪ،
انيون ۽ عراق - گڏيا تہ گٺون ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اِهو بيت اختلافي پڙهڻي رکي ٿو. هِن جي لفظ لوڙيءَ کي ڪن مرتبن لوڙو ۽ ڪن لوڙيو لکيو آهي. جيڪڏهن اسين مرزا قليچ بيگ جي لکت موجب لوڙي کي وٺنداسون ته اها لوڙي ندي ٿيندي، جيڪا قديم دؤر ۾ مٿان ڪان وهندي پارڪر جي علائقي ۾ ڪڇ جي رڻ واري علائقي ۾ اچي ڇوڙ ڪندي هئي، ۽ هِن وقت سندس وهڪرو ٿورو اپرندي هٽي ويو آهي، پر جيڪڏهن اسين هن لفظ کي لوڙيو قبول ڪنداسون ته مٿي تعلقي ۾ انهي نالي سان سمن جو مشهور ڳوٺ آهي، جيڪو ننگرپارڪر ۽ اسلام ڪوٽ واري رستي تي اچي ٿو، جيڪو نهايت سهڻو علائقو آهي ۽ اُهو پاٿر جي خطي ۾ شامل آهي، ۽سندس اوپر ۾ پارڪر جا ڏونگر اچن ٿا. ۽ شاه صاحب پڻ انهي بيت ۾ لوڙيي سان گڏ پاٿر ۽ ڏونگر جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. منهنجي خيال موجب لوڙيءَ ندي جي مقابلي ۾ لوڙيو ڳوٺ صحيح ٿيندو، جنهن سان پاٿر جو به واسطو آهي ته ڏونگر جي پڻ ويجهڙائي آهي.

پنري جا پڊ.

پنرو بداماڻي پنهنجي دور جو مشهور سورهيه سردار هو، هو نه رڳو پنهنجي علائقي جي رکوالي ڪندو هو، پر آسپاس وارن ماڻهن جي پڻ مدد ڪندو هو. هِن دور ۾ ڪڇ جي ڀنهي طرفن ڪن ملڪ دشمن ماڻهن اتي جي رهاڪن کي اچي تنگ ڪيو، تڏهن اُهي پنري کي پڪاري چوڻ لڳا ته پنرا بداماڻي، تنهنجي اسان کي اڄ ضرورت پئي آهي. سندس انهن پڪارن کي شاه سائين هِن طرح ڳايو آهي ته:

اڄ گهرجين يار- بداماڻي پنرا،
ڪاڇي ڀني پار- اچي ويرين ويڙهيا.

اڄ گهرجين تون، بداماڻي پنرا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿان اچي مون- ويرين واٽون لاٿيون

اڄ ڪهرجين هٿ بداماڻي پنرا،
مٿان پيڳيءَ پٽ- ويرين واٽون لاٿيون.

جڏهن اهي پنري پڪارون پڌيون، تڏهن مدد لاءِ ڪاهي آيو ۽ انهن علائقن ۾ پنهنجن ويرين کي ورائي ڪڍيو. پنرو بدام جي علائقي جو رهاڪو هو ۽ ٻرڙائي ڪوٽ سندس رهائش گاهه هني، جنهن جا آثار هِن وقت بہ جهڏي شهر کان ٽي ميل کن اتر طرف پراڻ دريا جي ايرندي پاسي موجود آهن. پنري بدام جي اولاد مان ڪئي سورهيہ سردار ٿي گذريا آهن جن ۾ سندس پٽ وڪيو وريام ۽ پڙ پوٽو 'قل وڏيو' مشهور آهن جن کي سنڌ جي شاعرن تمام گهڻو ڳايو آهي. جڏهن لاکي ڦلاڻي پنري جي ڏوڙ کان ٿورو پوءِ بدام واري ايراضي ۽ آسپاس واري پٽن ۾ مالدارن جا اچي ڏڻ ڪاهيا ۽ وڳ هنيا تڏهن ڪنهن شاعر هينئن بہ چئي ڇڏيو تہ:

پنرو ويو پراڻ مان، ويو وڪيو وريام،
پيٽي ناهہ بدام- تڏهن لاکو ٿو لوڙيون هٽي.

## ڪهاڙي

ڪهاڙي لاڙ جو مشهور شهر هو. هن وقت انهيءَ ايراضي ۾ ڪهاڙي شيخاڻي نالي سان ڳوٺ پڻ موجود آهي. راءِ لاکو ڦلاڻي ڪڇ کان سنڌ ڏانهن ايندي ڪهاڙي ۾ اچي ڪافي وقت رهندو هو، ۽ اتان پوءِ ٿرواري علائقي ڏانهن اُسهندو هو. هڪ دفعي اهڙو اتفاق ٿيو جو لاکو ڪافي ڏينهن ڪهاڙي ڏانهن ڪونہ آيو تہ ڪهاڙي جي رهاڪن ڪيس ياد ڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏانهنس پيغام موڪليو تہ لاکا توکي ڇا ٿيو آهي، جو گهاڙي کي بلڪل وساري ڇڏيو اٿئي. تنهنجي اچڻ وڃڻ جي واٽن تي وليون موري ويون آهن ۽ واٽون ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿيون اچن. شاهہ سائين گهاڙي جي عوام جو آواز هيٺين طرح بيت ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي:

لاکا لڳئي ڏينهن، گهاڙي ري ڪيئن گهارئين،
مٿان وسي مينهن ، واٽون ولين ڇانئيون.

ڪندو

شاهہ صاحب جڏهن سير سفر جي سلسلي ۾ پاٽر واري علائقي جو سير ڪيو، تڏهن ڀور جو سُڪل پيٽ بہ ڏٺو ، ۽ جسوڏڻ جي آباد ڪيل شهر جي ڪناري سان ڀور جي ڪپ تي ڪنڊي جو وڏو وڻ پڻ ڏٺو، جيڪو نهايت سائو ۽ ميڙ سان ڀرپور هو. جڏهن تہ ان پاسي ۾ آباد ٿيل شهر ويرانو بنجي چڪو هو. چون ٿا اُهو ڪنڊو نهايت جهونو هو، ان ڪري شاهہ سائين ان کي جسوڏڻ جي دور جو قرار ڏيندي پڇيو تہ:

ڪنڊا تون ڪيڏو، جڏهن ڀريو ڀور وهي،
جسوڏڻ جيڏو، تو ڪو ڳڏيو ڦيڙو.

ان ڪان پوءِ ڪيس اِهو بہ چيائين تہ توکي جسوڏڻ جي جدائي جو ڪوبہ سور ڪونهي ۽ نڪي دل ۾ ڪو وڍ اٿئي، تون تہ سائو بيٺو آهين. توکي گهربو هو تہ سردار جسوڏڻ جي وڇوڙي ۾ سُڪي ڀانگر ٿي وڃين ها ، پر افسوس جو توتي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو آهي ۽ وڏيڪ فرمائي ٿو تہ:

ڪنڊا ڪجهاڙيا، ايو آهين ريل ۾،
پرين پڇاڙا، سڪي ڀانگر نہ ٿئين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪر پچار پرينءَ جي

## سر ڏهر جو هڪ جائزو

جوهر بروهي

سر ڏهر رسالي جو هڪ مقبول سر آهي. ڏهر ٻن پٽن جي وچ واري ميدان کي چيو ويندو آهي. ڏهر هر موسم ۾ بدلجندڙ آهي. جيڪي اصلوڪا ماڳ مٽائي هڪ نئون مڪان وسائيندا آهن يا جيئن ٻن پاسن جون پٽون ڪٽي پيدا ٿئش ۽ موت سمجهون ۽ ڏهران ٻن پٽن جي وچ واري زمين زندگي سمجهون ۽ ڏهر مان مراد زندگي وٺون. جيئن ته سر ڏهر هيٺين مضمونن جي بيان ۾ آهي.

ياد غفلت ۾ گذريل وقت جو احساس- ڪنهن تي غلط اعتماد- عشق - نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم سان تعلق- انتظار ۽ آسر- دعا- التجا - ڪانڌ جي خصوصي وصفن جو تذڪرو- ننڊ جا نقصان- جاڳڻ جا فائدا- پُل - وچڙيل جا ورلاپ - پنيلجڻ - پشيماني - راهِ ريجهائڻ جو ڏس ۽ اميد.

جيئن ته حضرت ڀٽائي گهوٽ رحمت الله عليه، پنهنجي ڪلام ذريعي انسان ذات کي هڪ مڪمل درس عنايت ڪيو آهي. ان لاءِ هن تمثيلون ، تشبيهون ۽ تضمينون ڪتب آنديون آهن. جن سڀن ۾ خطاب انسان ذات کي هوندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. يا بيان ۽ تذڪرو انسان ذات جو هوندو آهي. جيئن سر ڌهر جي پهرين داستان ۾ ڪنبدي سان خطاب ڄڻ انسان سان خطاب آهي. ڀور مان مراد زندگي - ڀور ڏٺي مان مراد سلوڪ جا صاحب جُسود جُنگ مان مراد ڪردار ۽ عمل جا صاحب ۽ مڇ مان مراد نفس يا غير انساني خواهشون ٿي سگهن ٿيون، ڇو ته زندگي جو اَمُل ڪارج عمل آهي ۽ عمل بنا حياتي وحشي زندگي آهي. زندگي جي ڀرپور وهڪري ۾ عمل ڪرڻ سولو آهي. ڇو ته ان وقت انسان وٽ مڪمل توانائي هوندي آهي. مگر ان وقت مَڇ يا غير انساني خواهشون پڻ ايتري زور ۾ هونديون آهن جو ماڻهون انهن جي اثر ۾ اچي، ڀور جي ان وهڪري کي بي فائدو گذاري ڇڏي ٿو ۽ جڏهن جُنگا ٽتو زور ختم ٿيو وڃي ته پوءِ اوس پشيمان ٿيڻو ٿو پوي.

جان تو هنڙو ڀڃ، ڪنڌا ! ڀور ڏٺين جو .
پاٽان ڏيئي ڏڃ، موري مچر نه ڪرئيين.

جان جرهنڙو سير، گهٽ به جهلنا گها ٽئين.
آڏو اڏي ڪير، گهٽ به جهليا گهاٽئين.

جڏهن انسان پنهنجي نفس يا غير انساني خواهشن/ قوتن جي اثرهيٺ هوندو آهي، تڏهن هو پنهنجي عادت يا ڪردار ذريعي، پوري طرح هڪ مست متل مڇ جو ڏيک ڏيندو آهي. حالانڪ اهو سڀ ڪجهه عارضي ۽ وقتي هوندو آهي، جنهن جي حقيقت فقط هڪ قدر آهي.

متو آهيين مڇ ! ٿلهو ٿيو ٿو نا هٽين،
جا تو ڏني آڇ ، تنهن پاڙيءَ پنا ڏينهڙا .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان فطري طور شرافت جو مجسمو آهي. مگر پوءِ کنهن بچڙي ماحول جي اثر هيٺ ، هُن جي شرافت ڪميٽپ ۾ بدلجي وڃي ٿي. چڱي ماحول ۾ رهڻ جي ڪري ، سندس اها فطري وصف برقرار رهي ٿي. تڏهن ته اهو احتياط رکڻو آهي، جو ڪا اهڙي خطا يا غفلت سرزد نه ٿئي ، جنهن ڪان پوءِ ارمان ڪرڻو پوي. اهڙي ماحول کي ، اسان هڪ ڏور ٿا سمجهون.

ڏوران پسي ڏور، ويهين نه وهرو ڪري
هوند نه پنئين هور ، مانگر ياڻي مچڙا.

حضرت ڀٽائي گهوٽ ويران زندگي ( اڻ عملي زندگي) جي عجيب تمثيل پيش ڪندي، سنڌي ادب ته ڇا پر دنيا جي ادب ۾ هڪ شاهڪار تصور وجود ۾ آندو.

سچ ڪِ سڪو ڍور ، ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا
جُنگن ڇڏيو زور ، سر سڪا، سونگي گيا.

ويراني جي بيان لاءِ اڪ ڦلارڻ ڪافي آهي. جتي ويراني وڌيڪ هوندي آهي. اڪ اُتي وڌيڪ ڦلاربو ، جو هي ٿئي سڪل ڍورن، واهن ۽ نين جي ڪنڌي تي. اڪ کي اُٺ ۽ ٻاڪرو مال چاهه مان چرندو آهي. ڍور سڪڻ ڪانپوءِ اڪ نه فقط سائو رهيو، پر ويتر ڦلاربو به آهي، جو ويراني ايتري وڌي ويئي آهي ، ڪو مال متاع آهي ئي ڪو نه، جيڪو اڪ ڀيلي.

ڀٽائي گهوٽ هنن بيتن منجهه نعمت جي احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ياد رهي ته جي ڪنهن کي ڪا نعمت مورڳو حاصل به نه ٿي آهي ته اهو نعمت جي اهميت کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجھي نہ سگھندو، جي ڪنھن وٽ نعمت موجود آھي تہ ان ڪي ان جي زوال جو احساس يا قدر نہ ھوندو. جي ڪنھن وٽ نعمت ھئي، پر اڄ ختم ٿي وئي آھي تہ نہ فقط ان جي زوال جو کيس احساس ھوندو پر کيس ارمان بہ ٿيندو.

مثلاً: ٻار وٽ جواني جي ڪا اھميت ڪانھي، نوجوان ماڻھوءَ وٽ جواني جي زوال جو احساس يا قدر نہ ھجي ۽ پيرسن وٽ جواني جي زوال جو ڀر پور احساس ۽ ارمان ھجي. ان ڪري نعمت جي زوال کان پوءِ پڇتاءُ يا ارمان کان چڱو آھي تہ نعمت ھوندي بہ نعمت جو قدر ڪيو وڃي.

سر ڏھر جي ھن داستان جي شروعات عجيب سرور ۽ نغمگي انداز سان ٿئي ٿي. جنھن ۾ پنٿائي گھوٽ مديني جي مير کي ھيئين وصفن جي ڪري ساري ٿو. ھڪ تہ تون مسافر پار لنگھائيندين ٻيو تہ ڪنڌيءَ تي تو بن ٻيو ڪو ڪونہ ساريان ، ٽيون تہ عاصي تنھنجي آسري آھيان. خاص طور ھنن ڳالھين جي پوراڻي لاءِ، پنٿائي گھوٽ. "آھيان تنھنجي سام" چئي بلاغت جو ڪنڊ جھڪائي ڇڏيو آھي. جڏھن ڪنھن جي در سام پئبو آھي تہ ان سام پيل جو سمورو تحفظ سام قبوليندڙ جي فرض ۾ شامل ھوندو آھي ، ان ريت امت سان حال ڀائي، شريڪ حال ٿيڻ چڻ مديني جي گھوٽ جو ھڪ فرض آھي. سام جي لفظ سان نبي پاڪ ۽ امت جي وچ ۾ ھڪ نسبت قائم ڪئي وئي. ان ڪري حجت ڀريا سڏ ڪيا ويا. ان سان گڏ ھن ميڙي لاءِ خدا پاڪ کان بہ گھُر ڪئي وئي آھي. "نيڻ نھارا" سان پنھنجي اشد انتظار جو اظھار بہ ڪيو ويو آھي. جڏھن آس پڄندي تہ اکين جي بہ اُڄ لھندي. ھي نماڻائپ پڻ نينھن جي پيداوار آھي. اھو سلسلو جاري رکندي موضوع دعا تي پھچي ٿو. دعا جيڪا سموري عبادت جو خلاصو آھي، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرشد سائين جنهن ٻاجهاري انداز ۾ دعا گهري آهي، اهڙي دعا جو مثال پوري دنيا جو ادب پيش نہ ٿو ڪري سگهي. هڪ بيت مثال لاءِ عرض آهي:

جيڏو تنهنجو نانءُ ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي مڱان
ري ٽولئين ، ري ڇنڊيين ، تون ڇپر تون ڇانءُ
ڪچاڙو ڪهانءُ ، توکي معلوم سڀ ڪا.

ٻاجهہ ايڏي گهري وئي آهي، جيڏو ٻاجهيندڙ جو نالو آهي. صاف ظاهر آهي تہ رب پاڪ جو نالو ازلي ۽ لا محدود آهي. جيئن سندس ذات لا محدود آهي. ان ريت ٻاجهہ بہ لا محدود هجڻ گهرجي. شايد ڪنهن بہ شاعر يا دانشور هن ريت دعا گهري هوندي. وڏيڪ رب پاڪ جي رحم جي اها وصف ڪئي وئي تہ هو بغير ڪنهن ٽيڪ سهاري يا عملي تعلق جي ڇپر ۽ ڇانوَ آهي. هنن لفظن ذريعي پنهنجائپ جو هڪ احساس قائم ڪيو ويو آهي. يعني هرو ڀرو ايئن ناهي تہ نيڪوڪارن سان سندس ڪرم نوازي آهي، پر بدڪارن سان بہ سندس وڏو وهنوار آهي. آخري تڪ ۾ عرض پيش ڪرڻ جو هڪ وڏو عارفاڻو انداز رکيو ويو آهي، سو بہ مثالي آهي. جڏهن دل ۾ اپريل سوال داتا کان مخفي هجي تہ زبان سان اظهار ڪجي، پر هو تہ رازن جو بہ ڄاڻو آهي.
دعا جي مضمون تي، سر ڏهر ۾ آيل سڀ بيت قيمتي آهن، پر انهن منجهہ

ستر ڪر ستار ! آئون اگهاڙي آهيان،
ڍڪنين ڍڪڻهار، ڏيني پاند پناهہ جو.

اصول آهي تہ دعا وقت الله پاڪ جي ان صفت کي ورجايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وچي جا صفت سوال يا دعا گهرندڙ جي سور موافق هجي. جيئن پنهنجي اگهاڙائپ لاءِ دعا گهرڻي آهي ته صفت ستار سان کيس پڪاريو ويو. "ڍيئي پاند پناهه جو" جملي ۾ پناهه جو حرف دعا کي ڪمال تي رسائي ڇڏيو.

نماڻائپ ۽ نياز جو تسلسل برقرار رکندي، تيون داستان شروع ڪيو ويو. ڪانڌ جو حسن بيان ڪندي فرمايو ويو:

١. پرين تنهنجي پاند، ڍوليا ! ڍڪي آهيان.
٢. پکي چنا پاند، ڳنڍ نه جا ڻي ڪو ٻئو.
٣. مٿان ڍيئي هٿ ، جنهن عيب منهنجا ڍڪيا
٤. لوڪ نه آڇي ايءِ،
٥. پاڻان ڍڪي پاند،
٦. لوڪ نه آڻي وات، جي ڏسي ڏوهه اکين سين.

عيبن کي ڍڪڻ هڪ اعليٰ وصف آهي، پر ڪانڌ اڃا ن ٻه وترو آهي. دستور آهي ته سوال يا عرض ڪري عيب ڍڪائبا آهن، پر مون وَرُ وڏي ڪاند جو بغير طلب ۽ سوال جي پاڻان (پنهنجي ستاري وصف جي ڪري) ڍڪي پاند، هوند ڪنهن ڪانڌ جو اهو ورڻ ڪونهي. تڏهن ته اهڙو ڪانڌ ڪڻ آهي. باقي لوڪ ته تهُ آهي ۽ تهُ جي ڪابه حيثيت ڪانهي. ويچارو ڀورو انسان ڀنيليو وتي، جو ڪرڻ سان خوش ۽ وَرَ سان ڪاڻيارو ! مرشد ڀٽائي اهڙي جتائي پر کي "ڪڻ ڇڏي، ته ميڙئين" چئي هڪ عجب حسن پيدا ڪيو.

ان سان گڏ هڪ ڳالهه عملي انسان لاءِ هاڃيڪار آهي. هو سارو وقت ستهِ پيو هجي، ڇو ته ننڊ ، غفلت جوڙو اهڃاڻ آهي. حقيقت هن ريت آهي:

ستي نه سرندياءِ، ڪر پچار پرين جي
وهامي ويندياءِ، پوءِ گهڻا هٿندين هٿڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"هٽ هٽڻ" سخت پشيمان ٿيڻ جي معني رکي ٿو. ڇو ته غفلت جو احساس ان وقت پشيمان ڪندو، جڏهن سڦل گهڙيون وهامي وينديون. جيئن ته سمهڻ انسان جي هڪ فطري عادت به آهي ، ته ان ڳالهه جو ورجاءُ هن ريت ڪيو ويو:

ڪي سمهه ! ڪي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري
ايءُ ماجهاندي جو ماڳ، جو تو ساڻيهه ڀانئيو.

ننڊ ڪجي پر ايتري جيتري ڪو مسافر ڪري ، جنهن کي منزل رسڻ جو الڪو هجي. هيءَ ته مانجهاندي جوماڳ آهي ، پر اسان ساڻيهه سمجهي بي الڪا ٿي غافل ٿا رهون. ننڊ يا غفلت جو بنيادي نقصان آهي ته سلطاني سهاڳ ننڊن ڪندي نه ملي، جاڳڻ منجهان جس ته سمهڻان ساڙو حاصل ٿو ٿئي. رات جيڪا سمهڻ لاءِ ئي آهي، جيڪڏهن واقعي رات کي اسان سمهڻ لاءِ سمجهيو ته اها غلطي ٿيندي. (ياد رهي ته هن مضمون متعلق سورت مزمل ۾ ڪافي تفصيل آيل آهي ۽ سر ڏهر جي ٽئين داستان ۾ ڄڻ سورت مزمل جو تفسير آهي) حقيقت ۾ رات ۾ به ڪافي ڪم ڪرڻا پوندا آهن.

ڍول مَ ڪٽي ڀانهڙي ، پره مَ ڪٽي پاند
آئون پنهنجو ڪانڌ ، لوڪان لڪي راتڙيان.

انسان ڪائنات جي سونهن آهي ، ان جي وجود يا تخليق جو هڪ خاص مقصد آهي. جنهن مقصد کان هو بي خبر ناهي; ڇو ته انسان جي فطرت ۾ اهو مقصد شامل آهي. انسان ذات جي خير خواهه فلاسافرن رات ڏينهن هڪ ڪري انسان کي سندس مقصد يا د ڏياريو آهي. پوءِ به انسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڀالو ٿي مقصد وساري ڇڏي ته انسانيت جي خير خواهن کي ڏک ته ضرور ٿئي.

مُسن منهن سنرا، ڪريا گهڻو ڪلن
سي تا وسرين، آيا جن ڪمن لئه.

ان مضمون کي مڪمل ڪرڻ لاءِ حضرت ڀٽائي گهوٽ، کير جو مثال ڏنو آهي. کير ۾ ڦيڻ يا گج پڻ هوندي آهي، جيڪا نظر ايندي آهي، مگر پيئڻ ۾ نه هو ذائقو رکي ۽ نه وري ڪا شيءِ محسوس ٿئي. جيئن کير هڪ حقيقت آهي، تيئن وري گج ڪا به حقيقت نه ٿي رکي. ان ريت دين کير مثال هڪ حقيقت آهي ۽ دنيا جرڻ ته رڳو ڦيڻ ۽ گج آهي. هاڻ جيڪو گج ڦيڻ يا دنيا کي حقيقت سمجهي، سو يا ته چريو آهي يا نا تجربيڪار ما ٺهو آهي.

ڦريا پسي ڦيڻ، چرين کير نه چکيو
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي وَلها ٿيا.

سر ڏهر جي چوٿين داستان کي هن ريت ورهائي سگهجي ٿو: جنهن ۾ هڪ ته ڪونجن جو ذڪر آهي. ماري جي ڳالهه آهي. ماري جا ٿول ڊب، ٻاڻ ۽ بندوق بيان ٿيل آهن. ٻئي نمبر ۾ سنگهارن جون ڳالهڙيون آهن، ڪاڇي ۽ ڪوهيار ڪان سواءِ سنگهارن جي جهوڪن، منڌين ۽ سندن قرب جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. ٽئين نمبر ۾ راءِ لاکي ۽ سندس لکيءَ ڪان سواءِ جاڙيجن ۽ اوڏن جون خبرون آهن.
ڀهرين ڳالهه ته ڪونج، سنگهار، لاکي ۽ اوڏ ۾ هڪ قسم جي نسبت قائم آهي. جيئن ڏاڍي چوٽي يا موسم جي ڪري، ڪونجون وطن ڇڏين ٿيون، سنگهار مال جي سانگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڳ مٿائن ٽا ، لاکو بہ پنهنجين ارڏاين جي ڪري هڪ هنڌ نہ رهيو تہ اوڏ بہ پنهنجي ڪرتي پٺيان ماڳ ماڳ ٽڪاڻا ڪندا آهن.

ڪونج هڪ اهڙو پکي آهي، جنهن جو اصل ماڳ اتراڌي مٿاهيون آهن، پر سياري ٽاڻي سنڌ جي ڍنڍن ۽ پوسل وارن علائقن ۾ اچي رهندو آهي. هي پکي وڳر سان سفر ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪا ڪونج زخمي ٿي تہ ان لاءِ پورو وڳر پريشان هوندو آهي. هن وڳر جو هڪ سونهون ۽ سرواڻ پکي هوندو آهي. جن جي چوڻ ۽ هدايتن موجب هي پکي سفر ڪندو آهي. هڪ قسم جو نماڻو پکي آهي. ڪونج پکي جو ذڪر حضرت پٺائي گهوٽ کان سواءِ گرو نانڪ ، ڪبير ۽ ڪوي تلسي داس بہ ڪيو آهي. ايتري قدر جو "رامائڻ" جي مصنف والميڪ رشي پڻ ڪونج کي ڳايو آهي. جڏهن تہ ڪونج کي هندي ۾ ڪرونچ ڪونبو آهي. والميڪ ڪونج جي ماري کي پٽيو آهي. جيئن حضرت پٺائي گهوٽ فرمايو:

ماري ! مرين شال، ڏڀ وڃنئي ڏيهون،
جنن تو اچي ڪال ، وڌو وچ ورهن کي.

سنڌ ۾ ڪونج کان سواءِ ٻيا بہ پکي پرديسي ٻڌجي ايندا آهن. جن جو هتي عام شڪار ڪيو ويندو آهي. ان شڪار جا ڪجھ نمونا هوندا آهن. جنهن ۾ بندوق، ٻاڻ ، ڍٻي يا ونجهروجهڻ آهي ، ۽ پاڻي ۾ بہ انهن کي ڦاسايو ويندو آهي. ان جو طريقو هن ريت آهي. ماري يا شڪاري ڪنهن پکي جا پر مٿي تي ٻڌي، سارو بدن پاڻي ۾ لڪائي پکين وٽ ويندا آهن، ويچارا پکي انهن ڪنهن ۽ ماري کي پکي سمجهي ويلبا آهن ۽ ماري پاڻي جي اندران هٿ ڏکهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ڪين آرام سان پڪڙيندو آهي. جيئن سائين پٺاڻي فرمايو آهي:

پکي جنهن پڇائيا ، تنهن ۾ ساهه نه ماهه،
منجهه ڪرنگهر ڪاٺ جو مٿي پکن گاهه،
ويچارن ويساهه، مٿي پکي آئيو.

ڪونج پکيءَ جي نمٽائپ ته مثالي آهي، پر سندس هي ٻه وصفون خصوصيت ٽيون رکن. هڪ سندن وڳر ڪري هلڻ، وفاداري ۽ تابعداري سان عمر گذارڻ ۽ سندن ٻي وصف هي آهي ته ڪانئن اصلي ماڳ اصل ڪونه ٿو وسري.
ڪونج مان مراد انسان ذات ۽ وڳر مان مراد انسان جو ڪڙم قبيلو، ٻاتي يا سندس نظرياتي ساٿي سمجهي سگهجن ٿا. جيئن ته سياري ۾ آيل ڪونج : هن ماڳ تي عارضي طور آيل آهي. تڏهن ته ڪونج کي پنهنجي اصلي وطن جي ياد ۽ جهوري لڳل آهي. ڪونج ڪرڪي پنهنجو اصلي ڏيهه ياد ڪري ٿي. ان ريت انسان به هن ڪايا ۾ عارضي وقت لاءِ آيل آهي. هن جو اصلوڪو ماڳ ڪو ٻيو آهي. جڏهن هڪ پکي کي پنهنجي اصلوڪي ماڳ جو احساس آهي ته پوءِ انسان پکي کان ته گهٽ نه ٿئي. جو هو پنهنجي اصلوڪي ماڳ کي ياد ڪندو رهي. ان کان سواءِ ڪونج جي لاتين لنوڻ مان انسان لاءِ به هڪ سبق آهي.

ڪونجڙي ڪال لنئي ، سجڻ وڏم چت
آئون جنهن ري هت ، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

قاتل يا ذڪي ڪونج پنهنجي انڌي اعتماد يا بي احتياطي جي سزا لوڙي پئي. جو ماري جي اوچتي پرياڻ کي هن ڪونه لکيو. ماري بغل ۾ بندوق رکي ميرا ڪپڙا پائي (



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڻ لکيواڻ لکيو) اڇي ڪونج کي ماريو. ان ريت انسان ذات جو ماري (موت) بہ انسان جي پٺيان لڳو وتي. آخر اڻ لکيواڻ لکيو اڇي مٿانئس ڪڙڪي. ان لاءِ هي ڳالھ ضروري آهي تہ :

چيتا ڪيو چٽيچ، ٻڌي ! ماري پٺ ۾،
نيٽين نندمَ ڏيچ ، چيڙون چپر آئيون.

سنگھار جيڪي مال ڌاري وَسَ تي لڏ پلاڻ ڪندا آهن. جتي وس ٿئي سنگھار اتي وڃي اڏين. ڪڏهن مَهِين جي ملڪ (وارھ، باڊھ ۽ ميهڙ ) ۾ تہ ڪڏهن ڪاڇي. سنگھارن جي هي لڏ پلاڻ هڪ قسم جي فنا جو اهڃاڻ آهي. جو اڄ سندن پنگيون ۽ پاڻ هتي هجن تہ ٻئي ڏينهن ڪنهن ٻئي ماڳ تي وڃن ، جيڪو سنگھارن جو ساٿي هجي سو هن لڏ پلاڻ کان غافل رهي. حقيقت ۾ ان اوسيئڙي ۽ انتظار ۾ هجي تہ سنگھار ڪا ڏي ۽ کهڙي مهل لڏين ٿا. ايئن نہ ٿئي :-

ڪا چو ۽ ڪوهيار ڏونگر سندن ڏيهڙو
ساجهر نهي بار، ڪونہ وٺين ان سين.

سنگھارن جي هڪ ٻئي سان پريت ۽ واهپو مثالي هوندو هيو ، اڄ سوڏو سنگھارن جو هڪٻئي سان قرب مثالي آهي. هوند نالي ماتر ترقي وارا ۾ما ٺهون اهڙي قرب لاءِ سڪي مرن:

جي پائين وس چران ، تہ سنگھارن سين لڏ،
تہ هاڃي سندي هڏ ، ڪوڪ نہ سٽين ڪڏهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنگهارن جي هي به عادت آهي ته هو گڏ جي سانگ تي ويندا آهن ۽ وس واري هنڌ گڏجي رهندا آهن. ان ۾ سندن ۽ سندن مال متاع جوبگهڙ، ٻلي يا چور رهزن کان تحفظ آهي. جيڪو ڪو ڏنار ڏڻ ڏارڻ کان پوءِ به ڏار رهڻ جو هيراڪ ٿيو ته ان جو حال ان زخمي ڪونج جهڙو هوندو جا ولر کان وڇڙي آهي. اهڙي اڪيلي رهندڙ سنگهار کي الڪو ناهي لاهڻو.

ڏڻ ڏارڻ ، ڏار رهڻ ، متي وانڊ وهڻ
جي هاڻو هو نئي مِٿ ، ته به اوڊو لاهمَ ان جو.

سنگهارن مان مراد نظرياتي ساٿي ۽ سلوڪ جا صاحب ٿي سگهن ٿا. جن کان ڏار ٿيڻ هڪ قسم جو هاڃو آهي.

سر ڏهر جي هن فصل ۾ هڪ اوني ۽ لاڳيتي چر پر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جا ڪونج جي صورت ۾ يا سنگهارن جي عنوان سان مڙني انسان ذات لاءِ سبق آهي. ڪيترو وقت اڳ ڪڇ ۾ هڪ غير تمند ماڻهون لاڪو ڦلاڻي تي گذريو آهي، جنهن ۾ بنيادي طور شرافت هئي ، پر ڪن ظالمن ۽ ڏاڍن جي ڏاڍ ۽ زيادتي ڪيس لوڙائو ۽ هاڻو بڻائي ڇڏيو ، جو چوڻو پيو:

جاڳو ! جاڙيجا ، سما سڪ مَ سمهو ،
پسو ان پاريا ، لاڪو ٿولوڙيون ڪري.

لاڪي جي لوڙائي جي نشان هڪ ريهارڻ پڻ هئي ، جنهن سازش ڪري راءِ جاڙيجي جي هٿان لاڪي جاساٿي مارايا هيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پُڄڻان پِلي نڳيو ، ڏيئي پاڳوڙي پير ،
جسي ۾ جسراج جو مٿي واڌيڻ وير ،
ڪڇ رهندو ڪير ، لاکو لوڙائو ٿيو.

ريبارڻ جي هن حرڪت کان پوءِ لاکي وقتا فو قتا پلاند ڪيا. جن جو تفصيل هن ريت آهي:

ريبارڻ روئي، واڙي وڏا وڇڙا،
سمورا سوئي، هٽي هتان سات ويو.

هنن حملن جي ڪري ريبارڻ ڪافي پريشان ٿي ، ڪيس هن ريت صلاح ڏني وئي.

ريبارڻ ! ريجهاءِ ، لاکو لولا ٿين سين ،
سائو مانَ سنڌياءِ ، نٽ مٿائي ناڪرو.

هڪ طرف هي ڏانءُ مليو ته ريبارڻ کي هوڏ هستي ڇڏي ، لاکو لولائين سان ريجهائڻ گهرجي ته ٻئي طرف لاکو به هنن کا روانين کان پوءِ نئين حملي لاءِ يا پاڻ تي ٿيندڙ ڪنهن حملي کان غافل نه هيو. هونئن به غفلت ۾ نه رهڻ ئي هن سر جو بنيادي نڪتو آهي. جيئن ڀٽائي سائين فرمايو:

ٿاتو نڪين پلاڻ ، سدا هٽن ڪر ڪرا
لاکي لوڙائن جا اهڙائي اهڃاڻ
ڏيئي تنگن تاڻ ، ڪوڪ ڪاريندا ڪيڙي.

چيو ويو آهي ته لاکو ڪڇ سان تعلق ٿو رکي. جڏهن هن لوڙائڪو ڪم شروع ڪيو ته سنڌ ۾ به ايندو رهيو ۽ رسالي مان ته هي به اندازو لڳي ٿو ته لاکو سنڌ جي ٻنهين ڪنڌين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(اوله اوڀر ۾) ايندو رهيو. جڏهن قبل مسيح يا ان کان پوءِ تائين ، سنڌوءَ جو اولهائيون وهڪرو ڪاڇي مان وهندو هيو، ان وقت ڪا ڇو پرڳڻو سنڌ جو هڪ آباد علائقو هيو. ڪڇ وارو لاکو شايد ڪاڇي ۾ به ايندو هيو. جنهن جي ثابتي رسالي ۾ به آهي. ان کان سواءِ هن علاقي ۾ ڪيتريون جايون منسوب آهن. جهڙوڪ فريد آباد دجي يونين ڪائونسل ۾ لاکي تڪيو ۽ هڪ ڦتل ڳوٺ جا آثار آهن. ٻيو اوله طرف جبل ۾ لاکي جا وڻ آهن ۽ شهداد ڪوٽ تعلقي ۾ لاکي جا چشما مشهور آهن. ان کان سواءِ ڪا ڇي جي لوڪ گيتن ۽ بروهي لوڪ گيتن ۾ لاکي جو ذڪر آيو آهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته لاکي ڦلاڻي يا ڪنهن لاکي جو ڪاڇي سان ڪو نه ڪو تعلق رهيو آهي.

لاکي جي شخصيت يا ڪردار متعلق مڪمل تحقيق جي ضرورت آهي. روايتن متعلق لاکي هي ڪارروايون سمن جي مفاد ۾ ڪيون ، هن جو اختلاف رڳو ڄاڙيجن سان هيو، پر هتي جا ڄيجن کي به جاڳائي خبردار ڪيوويو آهي ته سمن کي به نه سمهڻ جون صلاحون ڏيئي هوشيار ڪيو ويو آهي. لاکي جو اوڏ ذات سان خاص تعلق هيو ۽ اوڏ به ڪيس پنهنجو تحفظ ڏيندڙ ڀائيندا هيا.

لاکا لڄ سنڌياءِ ، اوڏ ا ڳلي آهيان ،
پڪا سي پرتاءِ ، جي اجهي تنهنجي اڏيا.

اوڏ سنڌ جو هڪ قديمي قبيلو آهي. جيڪو پاڻ پکن ۽ پُنگين ۾ رهي مزدوري تي ماڻهن لاءِ گهر جوڙيندا آهن. ان ڪم ڪرتي جي لحاظ کان هو هنڌ هنڌ به لڏيندا رهندا آهن. سندن ڪرتي جي لاءِ پڻائي گهوٽ دعاڳو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڏيو جواوڏن ، سو ڊنگهر ڍلو مَ ٿئي،
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي چام سين.

اوڏن جي ان لڏپلاڻ لاءِ هيئن فرمايو ويو.

اڏي ، اڏي ، اوڏ، چڙهي ويا پيٽيون
ٽڪاڻا ۽ ٽول ، پيا آهن پٽ ۾.

لاکي جو اوڏن سان پيار هن ريت بيان ڪيو ويو:

لاکا لڳ هيا ، ڦلاڻيءَ پير پيو ،
آ جا اوڏ ٿيا ، پلئه لڳي جنهن جي.

پر لاکي جي ڪردار جو هڪ پهلو هي به هيو:

اڏيندي اوڏن ، لڏڻ جي ڪانه ڪئي
لاکيو مٿان تن ، اوچتوئي آئيو.

انهن بيتن مان لاکي جي ڪردار جو ڪو واضح اهڃاڻ ڪونه ٿو ملي. رسالي ۾ لاکي جي تعريف ملي ٿي ته ٻئي طرف لاکي لاءِ هي تاثر ٿو ملي.

لکي ۽ لاکو ٻئي مٺا ، ٻاجهه ٿي
قادر لاٿو ڪڇ تان ، اديون ! اولاڪو
وانديون ۾ وراڪو ، ريٻاڙي رهي ويا.

بهرحال هنن ڪمن ڪان پوءِ لاکي جو هڪ ٽڪاڻو نه هيو. جيئن ڪونج ، سنگهار ۽ اوڏن جو ماڳ هڪ ناهي. ان ريت انسان ذات جو به هڪ ماڳ ناهي. جيئن ڪونج ، سنگهار، اوڏن ۽ لاکي هڪ فڪر هيو. ان ريت انسان ذات کي به غافل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهڻ نه گهرجي . غفلت جي ڪري ڪيس ڪافي پشيمان ٿيڻو پوندو. ٻين لفظن ۾ سموري سر ڏهر جي مطلب جو خلاصو هن وائي ۾ بيان ڪيو ويو:

هي سڀ هلڻ هارا
ڪونه رهندو ڪو هت جيڏيون.
اڏيا رهندا اتهين ، هي سڀ ماڳ موچارا،
ڪونه رهندو ڪو هت جيڏيون.
جن ڪي باشاهيون بلند هيون، سي ڇڏي ويا ويچارا ،
ڪونه رهندو ڪو هت جيڏيون.
ڪُل نفسِ ذائقة الموت سمجهه اهي اشارا ،
ڪو نه رهندو ڪو هت جيڏيون.
الا ! عبداللطيف چئي: ات ستر ڪج ستارا،
ڪو نه رهندو ڪو هت جيڏيون.

آخر ۾ سر ڏهر متعلق پنهنجي متي بيان ڪيل معروضات لاءِ دليل طور هي بيت عرض ڪندس:

ڪڏهن مڙهه مقام ، ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ ،
سندو واريءَ ڪوٽ ، اڏيو اڏبو ڪيترو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڏھر جي لغات

آفتاب ابڙو

سنڌ سونهاريءَ جيڪي بہ لاکيڻا شاعر پيدا ڪيا آهن. تن جو سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي شاعرانہ خوبيون هڪ ڪامل شاعر ۾ هئڻ کپن، سي سڀ ڀٽائي گهوٽ ۾ موجود آهن. هينئر اهو اسان تي ڇڏيل آهي تہ ڪهڙي نموني، شاهہ جي جملي ڪلام جي مختلف پهلوئن کي اُجاري اڳيون آڻيون. جيتوڻيڪ انهيءَ سلسلي ۾ هن وقت تائين، ڪن عالمن، اديبن، ماهرن ۽ محققن پاڻ پتوڙيو آهي، پر تڏهن بہ اڃا ڪلام جي ڪن پهلوئن تي تحقيق جي گُنجائش نظر اچي ٿي.

شاهہ صاحب جا سڀ سر، لغت جا ڀرپور ڀنڊار آهن. مثلا سر سسئي جا ڪي الفاظ:

ڪيچ، ڪرهيار، ڇپَر، ڇمَر، رائو، رَنڌُ، وِندرَ وڻڪار، لَڪَ، لَڪيون، ڏونگر، هاڙهو، ڪرهو، ڪنوات، ڏاگهو، ڳنگا،ڪورا، ڀنڀور، وِلهِي وغيره.

اهڙي طرح رامڪلي ڪي ڏسو:

جوڳ، جوڳي،ويراڳي، بيراڳي، نانگا، ناني، ناٿُ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏُوارڪا، 'دنهيون، ناسُوت، ملڪوت، جَبروت، لاهوت، لانگوٽيون، اَڏوتي، بابو، بڪيا، گُرو، گنگا وغيره.

مطلب تہ هر سُر جي جداگانہ لغت ٺهي سگهي ٿي ' ۽ سڀني سُرن جي لغتن کي گڏي "جامع لغات لطيف" (١) ٺاهي سگجي ٿي.

اڄوڪي صحبت ۾ "سر ڏهر جي لغات" تي پنهنجا ويچار ظاهر ڪجن ٿا، پر ان کان اڳ. ان باري ۾ ٿوري وضاحت ڪرڻ نهايت ضروري آهي:

١- هر لفظ ۾ معنيٰ سمايل آهي، جيڪڏهن ڪو لفظ، پنهنجو حُليو بگاڙي چُڪو آهي، تہ اسان جو ڪم آهي تہ ان لفظ جي تهَ تائين پهچي، انکي اصل بيهڪ تي آڻيون. لفظ لغوي جو حل ڳولڻ،پهنجي ليکي انڪائيو ڪم آهي، ۽ اُهيئي بخوبي اندازو لڳائي سگهندا، جي انهن اٽانگن گهٽن ۽ گهيرن، پَنڌن ۽ پيچرن مان پار پيا هوندا. هن ڪم کي اصولي طرح نباهڻ لاءِ، اٽل ارادو ۽ ڏيرج درڪار آهي. مطلب تہ جيڪڏهن سَٽ جا سڃاڻ ساٿي، پکو پهہ ڪري، ساري سنڌ جو ترو تانگهيندا تہ ڪين مطلب جي ويجهائي نظر ايندي.

٢- لغت ۾ لازمي آهي تہ هر لفظ کي صحيح صورتخطي ۽ تُز تلفظ تي آڻجي مثلا:

شِفا= صحت، تندرستي،
شِفَا خانو= صحت گهر،
۽ جيڪڏهن شِ، زبر ڏيئي لکبوتہ هي نتيجو نڪرندو:
شَفا= عمر جي آخري حد،

---

(١) "جامع لغات لطيف" بابت اسان پنهنجا ويچار، سنڌ اطلاعات کاتي پاران شاه سائين جي عرس جي موقعي تي نڪرندڙ خاص نمبر "شاه عبداللطيف ڀٽائي احوال ۽ افڪار" سال ١٩٨١ ۾ ڏئي چڪا آهيون. اهڙي ريت ڪافي لفظ اسان وٽ غلط اچارن سان هلن ٿا، جينن درست اُچار "رِشوَت" آهي، پر "رُشوَت" چنو ن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شفا خانو= اها جاءِ، جتي عمر ختم ٿي وڃي.

۲- وَلهو= مڙس، پيتار

  ولهو= سُجو، سگهڙ.

اهڙيءَ طرح "آدَرِياءُ" کي "آدرِياءُ" "رَخنو" کي "رُخنو" "نَقص" کي "نُقص" "حُسام الدين" کي "حِسام الدين" "پڻاندر" کي "پڻاندڙ" چئون ٿا.

اسان جي سنڌي لغات جي، اهائي هڪ بنيادي ۽ نُمايان خوبي ليکبي، جو لفظ، درست اُچار ۽ درست معنيٰ سان درج ٿين.

۳- ڪيترن ماهرن، رسالي جون معنائون لکيون آهن، جي ڪنهن حد تائين ٺيڪ آهن، پر جيڪڏهن ڪِٿي معنائن ۾ فرق نظر آيو آهي ته پنهنجا ذاتي ويچار پارکن، پرجهيندڙن، عالمن ۽ اديبن آڏو عرض رکيا اٿم ته جيئن حقيقت جي خبر پئي. ٻيو ته ڪنهن اُنوکي لفظ جي معنيٰ ڏيندي، لفظ مان ٻيو لفظ ٺهي مان ٿيون لفظ نِڪتو، ته انهن جي به لغوي معنيٰ جي لحاظ کان اپٽار ڪئي اٿم. اهڙيءَ طرح انهن لفظن جا اصطلاح به ڏنا اٿم، ته جيئن "سُر ڏهر" جي لغات جو بابَ مڪمل نظر اچي.

سُر ڏهر ۾ آيل ڪن لفظن جي اصلي حقيقت هٿ ڪرڻ لاءِ ٿرجي مهاڻن، ٿر ۽ ڪوهستان جي استادن سان روبرو ۽ خطن ذريعي معلومات ملي، جيڪي ڪجھ پلئه پيو انهيءَ کي پنهنجي سمجھ آهر سوڏي سنواري پيش ڪيو اٿم. ان کان سواءِ مختلف قلمي توڙي ڇاپي نسخا به نظر مان ڪڍيا اٿم، جيڪا پڙهڻي عقل کي آئڙي، تنهنکي ترجيح ڏني اٿم. جيڪڏهن اڃا به ڪي لفظ، سمجھ ۾ نه آيا ته انهن لاءِ مختلف لغتن جي ورق گرداني ڪرڻي پئي.

## سرَ ڏهر جو لغوي ۽ تحقيقي جائزو

"ڏَهَرُ" معنيٰ: ٽِبو، ڀِٽُن (واريءَ جي وڏن دڙن) جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وچوارو تَرُ يا ميدانُ، جنهن کي 'ماٿري' بہ چئي سگهجي ٿو.

حقيقت هن ريت آهي تہ ٿر ۾ اهڙا ڪيترائي ننديا وڏا 'ڏهر' آهن، جي جهونن وهندڙ واهن جا بچيل يادگار آهن.

ٻن پٽن جي تَر واري زمين، نرم نہ هوندي آهي، چاڪاڻ تہ پاڻي سُڪڻ بعد سخت ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن اهڙن هنڌن تي مينهن پوي تہ پٽن تان لهي، ميدان ڀري ڇڏي، ۽ اتان جا رهاڪواهو پاڻي مال کي پيارين ۽ پنهنجي ڪم بہ آڻين جيڪڏهن پاڻي سُڪي وڃي تہ ان ميدان تي پوک ڪن.

جهڙوڪ: ٻاجهري، جوئر، گوار وغيره. اها زمين زرخيز ٿئي، جو منجهس گهڻي وقت جو لَٽُ يا رَءُ پيل آهي. ۽ ٻيو وري ننڍين ٻوٽن ۽ وڻن وڻن جا پن ڇڻي ميدان تي پون، جي ڳري قيمتي ڀاڻ جو ڪم ڏين. اهوئي سبب آهي، جو مالدار ماڻهو گهڻو ڪري "ڏهر" جي آسَ پاس جهوپا اڏيندا آهن، اهڙن هنڌن تي گهڻي قدر ساوڪ ۽ سبزي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جيڪڏهن آءٌ غلط نہ هجان تہ ايئن چئي سگهان ٿو تہ ٿر يا رڻَ ۾ رائي وارن اهڙن هنڌن تي ئي "خيابان" هوندا آهن. اهڙن ڏهرن ۾ ڪي اهڙا بہ هيٺانهان هنڌ هوندا آهن، جتي پاڻي بيٺو هوندو آهي. جنهن کي "ڍورو" يا "تلاءُ" چوندا آهن.

سنڌ جو نبض شناس شاعرلطيف سائين، اهڙي هڪ سڪل ڍوري وٽان لنگهيو آهي، جتي سُڄ پئي واڪا ڪري، اُتي "ڪنڍي" جي وڻ کي سوڪهڙي واري حالت ۾ ڏسي، سندس دل جُهڄو ڪاڏو ۽ ڪَنڍي سان مخاطب ٿيو:

١- ڪر کي ڳالهڙيون ڪنڍا، ڍورَ ڏٺين جون،
ڪيئن سي راتڙيون، ڪنهن پر ڏينهن گذارئين؟

ڪن قلمي توڙي ڇاپي نسخن ۾ ڍورُ ڏٺينِ ڪليل آهي تہ ڪن ۾ "ڍورَ ڏٺين". لفظي محاوري مان خبر پوي ٿي تہ "ڍورَ ڏٺين" درست آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١- موڙي مَجَرَ ٽاريون، ڇانگا ٽا ڇَرو.
٢- سگَرَ ساهيڙين سين، ڪاٽونبا ڪاڏاينن.
٢- سگَر ڪِين سرتيون، سَئين جيئن سيڪي.
٢- ڪَندا، ڪَچاڙيان، اُپو آهين ريل ۾؟
پرين پچاڻان، سُڪي ٻانگهر نه ٽئين.

لغوي لفظ

ڪچاڙيان - ريل - ٻانگهر.
ڪُچاڙيان = چالاءِ، ڪهڙي سبب
ريل = هيٺاهون هنڌ، جتي پاڻي بيهي ۽ ساوڪ هجي.
دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ "ريل" ۽ "ريلڻ" ڪوٺن
جا نالا به اتان ورتل ٽا ٻانئجن.
'ٻاَنگهر' ڪن نسخن ۾ 'ٻانگهر' ٻانهگرُ.
"ٻانگهر" ۽ "ٻانڪو" لکيل آهي. پر هت "ٻانگهر"
کي ترجيح ڏجي ٿي. "ٻانگهر" لاڙي لهجي جو لفظ آهي.
انکي اُتر سنڌ ۾ "ٻانگهر" ۽ "ٻانگهو" چوندا آهن.
"ٻانگهو" معنيٰ پرڙڳ، سڪل ڪاني، تنهنڪري
"ٻانگهر" جي معنيٰ به ٽيندي، سڪل ڪاني. سڪل ڪانيءَ
کي "باڪُرَ" به چئبو آهي.
ٻانگهر تي اصطلاح
سُڪي ٻانگه ٽيڻ. =
سَڪي ٻانگر ٽيڻ=
سَڪي ٻانگهو ٽيڻ= سُڪي نوٽ يا پرڙڳ ٽيڻ،
ڳري ڪندا ٽيڻ،
تمام ڪمزور ٿي وڃڻ.

٤- سُڪي ڊورُ ڊيون ٽيو، ڪنڌي ڏنو ڪانو،
سو پاڻي پٽيهل ۾ اڳيون نه آيو،
ماڙهُن ميڙائو، ڪنهين ڪنهين ٻيٺيين

لغوي لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

كائي - مهميزون

هڪ اَهل قلم "كائي" كي "كائِي" ۾ ڏنو آهي.

اسان ان سلسي ۾ ڪافي نسخا پيٽيا، پر ڪٿان "كائي" لفظ جو پرو ڪونه پيو. خير ڪيئن به هجي، پر معنيٰ لکي ٿو:

كائِي = مڃي ڦاسائي، ڪٽي هلڻ جي جهولي. جنهن جي وچ ۾ ڪائي وجهي، ٻه ڄڻا ڪٽندا آهن.

اِها معنيٰ پنهنجي جاءِ تي ڀل قائم هجي، پر شاهه سائين جو خيال هرگز اها معنيٰ قبول نٿو ڪري.

لفظ "كائي" آهي نه "كائِي"، "كائي" جي اها ساڳي معنيٰ آهي، جيڪا مَٿي "ڪائو" ۾ ڏيکاريل آهي. بيت جو مطلب هي آهي. "اي مڇ" هينئر جڏهن پاڻي ڪرون ڏيئي لَهي ويو آهي ۽ باقي ڏُهنِ وارو پاڻي، سُڪڻ جي قريب آهي، تڏهن ٿو موٽين؟ جڏهن پاڻي مَٺو هو، تڏهن ڇو نه موٽـئين.

مهمزون = جتيون، تڪليفون. ايذاءَ - اها معنيٰ عام طرح ورتي ويندي آهي ۽ اصطلاحي معنيٰ جي لحاظ کان بلڪل ٺيڪ آهي، پر لغوي لحاظ کان هيءَ معنيٰ آهي:

مهميزون جمع - واحد، مهميز.

مهميز = نَعلُ، جو گهوڙي سوارن جي جَوتي جي کڙيءَ ۾ لڳل هوندو آهي. گهوڙي کي تيز ڪرڻ لاءِ، سوار، جوتي جي کُڙيءَ سان گهوڙي کي اهڙي مَهڪ ڏيندو آهي، جو گهوڙو هڪدم خبردار ٿي ويندو آهي. (١)

٦- جان جَرُ هنڙو جال، تان تون مَڇَ نه موٽيين
پَونديءِ اڄ ڪ ڪال، سانپوين سانگن جون.

ڪن قلمي توڙي ڇاپي نسخن ۾، هي ٻه پڙهڻيون موجود آهن:

سانپوين سَنڌَن ۾، سانپوين سانگن ۾، پر اسان جي خيال ۾ "سانپوهين سانگن جون" درست آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لغوي لفظ

سانيويون - سانگن

سانيويون جمع - واحد سانيوئي اِنکي "سنيوئي" ۽ "سنبهي" بہ چئبو آهي.

مير بحر ٻڌايو تہ: ٻکي مارڻ لاءِ، اسان وٽ ڪيئي رستا آهن، جن مان هڪ "ٻسانگي" آهي. جڏهن ٻلو سير ڪري هلندو آهي تہ اسان انجي اڳيان "ٻسانگي" جهليندا آهيون، ۽ پلو سڌو ٻسانگي جي گودي يعني ٿهيل چاري ۾ پوندو آهي.

ٻيو قسم آهي، سنبوئي يا سنبوهي جو، سنبوئي بہ "ٻسانگ" جو نمونو آهي، پر ٻسانگ ڪان وڏي ۽ مضبوط ڏوري جي ٿهيل هوندي آهي. سنبوئي انڪري چئون ٿا، جو سامهون ايندڙ شيءِ ڦاسي پوندي آهي، تنهنڪري سنبوهي جي لغوي معنىٰ ٿي سامهون ايندڙ شيءِ کي ڦاسائڻ جو چار.

سانگن جون هي معنائون لکيل آهن:

١- سانگن = سفر ڪندڙن، ملاحن.

٢- سانگن = پرديسن، يعني مهاڻن.

بهرحال معنائون قريبا ساڳيون آهن.

سندن تحقيق مان معلوم ايئن ٿو ٿئي تہ "سانگن" معنىٰ "سانگ" تي ويندڙ، جنهن مان پرديسي، سفر ڪندڙ، مهاڻا ۽ ملاح جي معنىٰ ورتي اٿن. ايئن برابر آهي تہ مهاڻا مڇي سانگي، پري پري هليا ويندا آهن، تنهن ڪري سانگي يا پرديسي چئبا. پر سوالِ ٿو اُٿي تہ عام طرح "سانگي" چئبو آهي:مالدار يا جهانگي ماڻهن کي، جي مال جي چاري سانگي، ڪنهن جوءِ ڏانهن ڪجه وقت لاءِ. "سانگ" تي ويندا آهن تہ پوءِ ملاح يا مهاڻو معنىٰ ڪيئن نڪتي؟ جيڪڏهن سنين سِڌي رستي، "سانگين" جي معنىٰ مهاڻو يا

---

(١) لغات قديمي- صفحو ٢٢٠ مرزا قليچ بيگ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملاح نڪري ها، تہ اعتراض جو ڪو سبب ڪونہ هو پر هِتي
ڇڪي پورائو ڪيو ويو آهي. ڳوٺ جي ميربحر ٻڌايو تہ
"سانگين" معنيٰ مهاڻن درست آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان
"سانگ" نيزي يا سوئي کي چوندا آهيون، جيڪو پلي مارڻ
واري لَٽ کي مُنڍ ۾ هڻندا آهيون، تنهن ڪري، سانگن
معنيٰ: سانگ يا نيزو هڻندڙ يا مارينڌڙ. وري خيال آيو تہ
مهاڻي تہ ٻڌايو، پر ان لفظ جي تصديق ڪٿان ڪجي! انهيءَ
لاءِ پهرين پهرين شايع ٿيل ڊڪشنري سنڌي - انگريزي
مرتب ڪيپٽن اسٽئڪ (١٨٥٥ع) ڪوليم تہ "سانگ" لفظ
٣٩٥ تي نيزي جي معنيٰ ۾ نظر آيو. ٻي تصديق وتپتي
ڪوش- سنڌي ادبي بورڊ ڇاپو ڇوٿون ١٩٧٨- مان ٿي، جو
صفحي ٦٧ تي لکيل آهي. وري ٽئين تصديق جي- ٽي
پلئٽس جي ڊڪشنري- هندستاني- انگلش- جي صفحي ٧٢٧
تان ٿي.

متئين لغوي بحث مان ظاهر ٿيو تہ "سانگن" معنيٰ
نيزو هڻندڙ (پلي کي)، سو ٿيو مهاڻا.

واضح رهي تہ مهاڻن وٽ، پلي مارڻ لاءِ، هڪ اوزار
هوندو آهي، جنهن کي پنهنجي محاوري ۾ "ڇِت" چوندا
آهن. اها ڇِت، بانس يا ڪهو جي لٺ جي منڍ ۾ لڳل
هوندي آهي جا مهاڻا سِير ڪري ايندڙ پلي کي هڻندا آهن ۽
پلو ڦاسي پوندو آهي. ديوان گل مان بہ اهڙي شاهدي ملي
ٿي:

ٿو وجهي ڦاهي شڪاري، منجھ رسيءَ رکيو ڏيان،
ٿو چڙهي مَٿ تي مهاڻو، هَٿ رکي ٿو ڇاڙ ڇت.
ڇاڙ = چڙهي، لڪڙي، لٺ.
ڇِت = جمع ڇِتيون، نيزو يا سوئو، جو لٺ جي منهن
۾ لڳل هوندو آهي.

شاهہ صاحب اهو ساڳيو خيال - "سر گهاتو" ۾
ڏيکاريو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاله ڪلاچيءَ ويا، ڇَتيون ڪَٽي ڇڳير.
٧- ڏوران پسي ڏورِ. وئين جي وهرو ڪري،
هوند نہ وِڌي هورِ، ماڱرياڻي ميڙا.

لغوي لفظ

ڏوران.- ڏور- وهرو- هور، ماڱرياڻي.

”وئين جي وهروڪري“ جون مختلف پڙهٽيون جي رسالن ۾ لکيل آهن:

١- وِهِين جي وهِرو ڪري.
٢- وِهين جي وهرون ڪري.
٣- وِهِين جي نہ، وهرون ڪري.
٤- وهين جي، وهرون ڪري.
٥- وهين جي وَهرون ڪري.

انهن مختلف پڙهٽين سبب، هر ڪنهن اديب پنهنجي تحقيق آهر، جيئن لفظ کي ڏٺو، تيئن معنيٰ ڏني آهي. ڪي لکن ٿا:

١- وهرو = زور ڪري. ضد ٻڌي.
٢- وِهرو = آرام جي جاءِ، ساهي، فرحت، آرام.

ڪي وري اصطلاحي معنيٰ ڏين ٿا:

١- وِهرون ڪرڻ = متا هڻڻ، زور ڪري ڪوشش ڪرڻ.
٢- وِهرون ڪرڻ = آرام ڪرڻ، زور سان ويهڻ.

ڪن وري گڏيل معنيٰ ڏني آهي:

١- وِهرو = آرام ڪرڻ جي جاءِ، تڪڙو، جلد، زور.

گڏيل انهي ڪري لکيو اٿم، جو ”وهرو“ کي ٻن مختلف معنائن ۾ ڏٺو ويو آهي:

آرام جي جاءِ ۽ ٻيو تڪڙو، جلد.

ٻنهي معنائن جو پاڻ ۾ ڪو رابطو ڪونهي.

مختصر لغوي بحث مان اهو صاف ظاهر ٿيو تہ اُچار توڙي معنيٰ جي خيال کان قريب قريب هڪٻئي جي تقليد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، جنهن ڪري لفظ پنهنجي اصلي صورت ۾ پيش نہ ٿي سگهيو آهي، جو لفظ جي جلدي معنيٰ پرکي وٺجي.

اسان جي خيال موجب، اهو لفظ "وَهرو" آهي. جو لساني تبديل تحت، انهيءَ صورت ڪي پهتو آهي.

اسان کي اها خبر آهي تہ ڪن لفظن جا حرف لساني اصولَ تحت، پاڻ ۾ مٽبا آهن. جيئن "ل" ۽ "ر" ۽ "ر" ۽ "ل" مثال:

١- معاملو - مامرو

٢- ڪُلف - ڪرف.

"ر" ۽ "ل" جي مٽ:

١- ڪَرُ — ڪَلَ. ڪَنب.

٢- مَرُ — مَلُ. گندگي

انهيءَ لساني تبديل تحت. "وهرو" لفظ "وهلو" ٿيو، جنهن جي معنيٰ آهي: تڪڙو، جلدي

شاهه سائين "وهلو" ڪم آندو آهي:

آرياڻي عبداللطيف چئي، مون تي وهلو وَر ڪريجا
ٻاروچا، پلئہ لڳي آهيان.

درست پڙهڻي:

ڏوران پَسي ڏور، وئين جي وَهرو ڪري.

معنيٰ: پري کان، ڪنڊي جي ڏور ڪي، جو تو ڏٺو تہ ان مهل ئي تڪڙو هليو ويجي ها.

لغوي لفظ

هور = ڳڻتي، فڪر، ڏپ.

ميڙا = اي مڇ. اصل لفظ "ميڇي" آهي. وڏي ميڇي تہ ميڙو، مَڇُ.

ماڱرياڻي = ڪنڊي

مڇ جو پسمنظر: شاهه ڀٽائي هڪ 'لوڪ ڪهاڻي' ٻڌائي آهي، جا ڪجهہ هن طرح آهي:

سانوڻي جي مند ۾، برسات جا بَحر ٽٽي پيا، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري تنديون تارا، ٻيٻيون ٻورا، جهنگ جهر ۽ دڙا دنگ سڀ اَڇ ٿي اڇ ٿي ويا. مَڇُ جو گهٽي وقت کان درياءَ ۾ رهندڙ هو، تنهن چوڏاري اَڇ ئي اَڇ ڏٺي ته ٻاهر سير ڪرڻ جو خيال ٿيس، ۽ اچي هڪڙي وڏي ڪڏ ۾ موج سان ويهي رهيو. ڪيس اها خبر ئي ڪانه هئي ته پاڻي نيٺ ڇڇندو ۽ مهاڻن جي ور چڙهندو، ٿيو به ايئن.

پوئين مصرع جي لغوي خيال کان معنيٰ:

اي مَڇ! (انڪري وڃين ها ته) ڪنديءَ جي ڳٽي نه ڪرين ها.

٨- ور سين وجهيو ڪاڻ، ڪَرَ سين ڪلون پائيين.
ڀوري منڌ اَجاڻِ، ڪَرِڻ ڇڏيو تهَ ميڙيين.

لغوي لفظ

ور ڪاڻ- ڪر- ڀوري- منڌ- ڪَرڻ- تُه-

ور = مڙس، ڪانڌ،

ڪاڻ = مَنائي، مدائي.

ڪَر = ڪريل، آواره- وَرَسين وجهيو ڪاڻ = پنهنجي وَرَ (گهوٽ) سان، من ۾ مَدائي رکي.

ڪاڻ جا اصطلاح

ڪاڻ هجڻ = گهٽتائي يا عيب هجڻ.

ڪاڻ لاهڻ = گهٽتائي يا نُقص دور ڪرڻ.

ڪاڻ وجهڻ = عيب يا گهٽتائي وجهڻ، مَدِي رکڻ (من ۾)

ڪلون پائيين = خوشيون ڪرين، خوش ٿيين.
مطلب ته ٻين ماڻهن سان سڱ جوڙي ويٺي آهين.

ڀوري = سادي، اَبوجه، بيوقوف.

ڀوري منڌ = بيوقوف عورت.

اَجاڻ = نادان.

ڪَرڻ = ڪَڻا، داڻا (صاف ٿيل ان جا)

تُهَ = ڪلون (ان جون) توتڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اصطلاح

ڪَنِ چڙهي تُه ميٺڻ = اصل شيءِ کي ڇڏي، نقل هٿ ڪرڻ، بيهودي چونڊ ڪرڻ.

٩- روه راما ڪن، اڄ پڻ هلڻ هاريون،
ڪَرڪل ڪونجڙين، رائي ۾ رات ڪيو.

لغوي لفظ

روه - راماڻا- ڪرڪل- رائي.

روه = جبل، ڏونگر، ڇپَر.

راماڻا = جمع- واحد رامڻ = هُل، شور. دانهن ٽوري ويچار ڪرڻ سان، اهودل تي تري اچي ٿو ته رامڻ، راهاڙ ۽ رنياڙ. هڪ ئي معنيٰ رکن ٿا.

دراصل رامڻ جي بنيادي معنيٰ آهي: دل ڦاٽي دانهن ڪرڻ يعني، ڪونجون، پنهنجي اصلوڪي وطن (جبل) ڇڏڻ کان اڳ دل ڦاٽي دانهن ڪن ٿيون. (ڇاڪاڻ ته سندن ٻچا اُتي ئي آهن) جنهن مان ظاهر آهي ته هاڻي سنڌ ڏانهن اچڻ واريون آهن.

ڪرڪل = آواز، هُل، شور.

١٠- ڪونجون ٿيون ڪٽڪن، جيڪس هلڻ هاريون. ٻچا پوءِ اٿن، وجن وانڍا ڪنديون.

لغوي لفظ

ڪٽڪن - جڪس، وانڍا.

ڪٽڪن = ڪون ڪون ڪن. ڪرڪن. مصدر ڪٽڪن

جڪسُ = جيڪس، شايد،

وانڍا = جمع- واحد وانڍ = ڪوڪون، دانهون.

١١- آيون ڊور ڊري، اصل سندي آسري.
ڪريهر يون ڪَري، پاڻان پير ڏکويا پکٽين.

'ڪريهر يون ڪري' جون مختلف پڙهٽيون هن ريت آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١- ڪڙي هَر ڀون ڪري.
٢- ڪَري هَرَ ڀون ڪري.
٣- ڪري هَوَ ڀون ڪري.
٤- ڪَريڙ ڀون ڪري.
٥- ڪري هَر ڀڻ ڪري.
٦- ڳنهير ڀون ڳري.
٧- ڪنيڙ ڀون ڪري.

انهن مختلف پڙهڻين مان معلوم ٿيو ته ٽرمپ ۽ بمبئيءَ وارن نسخن جو پڙهڻيون دهرايون ويون آهن. مٿين پڙهڻي، جنهن کي اسان بهتر سمجهو آهي، سا هڪ قلمي رسالي مان ورتل آهي.

بيت جي نفس مضمون مان ظاهر آهي ته ڀون يعني زمين جو ذڪر ڪيل آهي، ٿنهنڪري ڳوٺ جي تجربيڪار ڪُڙمي ڪان زمينن جا قسم پڇيم. جنهن مختلف قسم ٻڌائيندي، هڪ قسم 'ڪريرا' به ٻڌايو لفظ ياد پيو ۽ سمجهيم ته 'ڪريرا' جي شاعرانه گهڙت "ڪريهر" آهي. ائين به ٻڌايائين ته: اها زمين اهڙي ته سخت ٿيندي آهي، جو ڪوبه پکي، ان ۾ 'ڪوٺهڙو' ڪري نه سگهندو آهي.

ڪريهر ڀون ڪري، پاڻان پير ڏوڪويا پکڙيين.

ڪريهر جي لغوي معنيٰ جي آڌار تي، بيت جي معنيٰ هن ريت ٿيندي. معنيٰ: اُها زمين، اهڙي ته ڪَري سخت ٿي وئي آهي، جو پکين جي "ڪوٺهڙي" سان، سندن پير به ڏکوئجن ٿا. ياد رهي ته پکي، پيرن سان ڪوٺهڙو ڪري، پنهنجو چوڱو هٿ ڪندا آهن.

١٢- ڪونج نه لکيو ڀاڻ، جو ماريءَ سَندي من ۾،
اوچتي پَرياڻ، وڳرَ هَٽي ويچون ڪيا.

لغوي لفظ

لَکيو- ڀاڻ- ماري - پرياڻ - وڳر - ويچون.
لکيو = محسوس ڪيو، سُڃاتو- مصدر لَکڻ =



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محسوس ڪرڻ

ٻاڻ = تيرُ.
ماري = مارِيندڙ، شڪار ڪندڙ، شڪاري.
"ماري" لفظ 'مارڻ' مصدر مان آهي.
پرياڻ = پتو، اهڃاڻ، هِتِ معنيٰ نشان.
وڳر = ولر،
ويڇون = الڳ الڳ، ڌار ڌار.

اصطلاح

ويڇون ٿيڻ = پريشان ٿيڻ. ڪِڪو وِڪو ٿيڻ، فراقي ٿيڻ.
ويڇون ڪرڻ = جدا ڪرڻ، پريشان ڪرڻ.

١٢- ڪيرَ ڪريندي ريسِ، آيل سنگهارن سين.
جنهين جي خميسَ، وارِيون واري ڇڏيون.

لغوي لفظ

آيل- سنگهارن- خميس - وارِيون.
آيل = امڙ، جيجل،
خميس = اربعا کان پوءِ ايندڙ ڏينهن.
وارِيون = تاريخون، ڏينهن. وار = تاريخ، ڏينهن.
واري ڇڏيون = مقرر ڪري ڇڏيون.

ڪن نسخن ۾ 'والٽيون' ته ڪن ۾ 'واڙيون' آهي، پر محاوري جي خيال کان = وارِيون واري ڇڏيون. بهتر پڙهڻي نظر اچي ٿي.

خميس جو پسمنظر:

مالوارا يا ٻاڪيا ڪير وڪڻندا آهن، پر اڳي، خميس جي وار يعني جمعي جي رات ڪير نه وڪڻندا هئا ۽ غريبن ۾ مفت ورهائيندا هئا، ۽ اڄا تائين، ٻهراڙين ۾ ڪٿي ڪٿي، اها رسم چالو آهي ڻت، 'وارِيون وارڻ' تان ٻيو به هڪ خيال ذهن ۾ اچي ٿو ته اُهي مالدار، هر مهيني جي يارهين تاريخ (پيران پير دستگير جي) به ڪيرُ ورهائڻ لاءِ واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڏيندا هئا. شاهه صاحب، "واريون وارڻ" جمع ۾ ڪم
آندو آهي، تنهن ڪري اينءُ پائنجي ٿو ته ٻنهين تاريخن
ڏانهن اشارو آهي.

اصطلاح-

واري واري ڇڏڻ = تاريخ مقرر ڪري ڇڏڻ، جمع جي
حالت ۾: واريون واري ڇڏڻ = تاريخون مقرر ڪري ڇڏڻ.

١۴- ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ ايءَ نه سنگهارن سٿ،
ڪاهي ايندا ڪڏهين. مٿي وانڍ وهٿَ،
جي هالُو هونئي مِٿ، ته ٻه اُڏو لاهِ مَ انجو.

لغوي لفظ-

سٿ- وانڍ، وهٿ، هالُو- اُڏو.

سَٿ = سٿا، پَر، ريت، نمونو، دستور

وَانڍ = ڪن نسخن ۾ 'وانڊ' لکيل آهي، پر درست
وانڍ' آهي. وانڍ جون هي معنائون ڏنل اهن.

١- وانڍ = اڪيلي جاءِ، جهنگ ۾ وٿاڻ.

٢- وانڍ = وٿاڻ، ماڳ، جاءِ.

اهي معنائون به درست آهن، پر لغوي لحاظ کان وانڍ
جي معنيٰ آهي ننڍڙو ڳوٺڙو، جو اٺن ڏهن گهرن تي ٻڌل
هجي، سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي ڳوٺ آهن، جي 'وانڍ' جي
نالي سڏجن ٿا. بنده جي ڳوٺ (گابرمسڻ، تعلقو ڏوڪري،
ضلع لاڙڪاڻو) پرسان ڏبي جي وانڍ آهي. اهڙي طرح
لاڙڪاڻي ضلعي جي ميروخان تعلقي ۾، 'صاحب خان جي
وانڍ' آهي. هي لفظ - وانڍ- هرڙيرو ٿر وارن تائين محدود نه
آهي.

وَهٿ = ڏور، چوپايو مال. سَواريءَ جو جانور. ڪن
تازن ڇاپن ۾ 'وِهٿ' لکيل آهي، ليڪن لغوي خيال
کان 'وَهٿ' صحيح آهي. انلاءِ لغوي دليل هي آهي ته "وٿپتي
ڪوش" (ادبي بورڊ ڇاپو ١٩٧٨) جي صفحي ٢٥ تي لکيل
آهي ته وَهٿ جو بنيادي لفظ وَهه = ڍوئڻ آهي، تنهنڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وَهٽ جي لغوي يا بنيادي معنيٰ ٿيندي جيڪو ڏوئي، يا بار برادري جو ڪم ڏئي.

هاٽو = هٽندڙ - ماريندڙ- لٽيرا، ڦورو.

شاه صاحب اهو لفظ سُر مارئي، ۾ به ڪم آندو آهي.

"وريا واهرو، هاٽو سڀ هيٺا ٿيا."

اُڏو = اُڏڪو، پوَ، ڏپ،

١٥- جهوڪون نه جهٽڪن، وڳ نه پسان وٽ ۾،

آيل سنگهارن، جيڪس چٽاڻو چت ڪيو.

لغوي لفظ-

جهوڪون- جهٽڪن- وڳ- وَٽ- چٽاڻو.

جهوڪون. جمع- واحد جهوڪ، هنڌ،جايون، وٿاڻ، اهو هنڌ جتي مال بيٺو رهي، "جهوڪ" 'جهڪڻ' مان اسم آهي.

جهٽڪن = پٽڪن، آواز ڪن، مصدر جهڪڻ = معنيٰ آواز ڪرڻ.

وڳُ = وَلر، چوپائي مال جو ڌڻ.

اتر سنڌ ۾ "وڳ" چون اُن جي ڳلي کي.

مال جي ڌڻ لاءِ، هيٺين طرح الفاظ آيل آهن:

١- رڍن ۽ ٻڪرين جي ميڙَ کي "ڌڻ" چون.

٢- مينهن ۽ ڳئن جي ميڙ کي "کير" چوڻ

٣- پکين جي ميڙ کي 'ولر' چون.

وٽ = ڪَنارَ- ڪنارو، ڪنڌي، ڇيڙو، حد (رهندڙ جوءِ جي)

چٽاڻو = روشني، چٽائي.

شاه سائين انهي، معنيٰ ۾ چٽاڻو ڪم آندو آهي.

"ڪيڏانهن ڪاهيان ڪَرِ هو، چوڏس چٽاڻو"

مصرع ۾ چٽاڻو معنيٰ الاهي نور جي روشني، ليڪن هت "آيل سنگهارن جيڪس چٽاڻو چت ڪيو" ۾ چٽاڻو مَعَنيٰ روشني نه ٿيندي، ڇاڪاڻ ته ٿَرَ ۾ سج ۽ چنڊ جي روشني ته آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لغوي لفظ

پڇنان- پُلي- نگنو پاڳوڙي- جُسي جسراج- وانڍين، لوڙائو.

پڇنان = پڇ (ملڪ) ڪان.

پُلي = گهوڙي.

نگنو = نڪتو، ٻاهر آيو، نڱڻ = نڪرڻ، ٻاهر اچڻ،

پاڳوڙي = پاڳوڙي ۾، پاڳوڙو = رڪيب.

پاڳوڙو لغوي لحاظ کان 'پاڳ، لفظ مان ٺهيو آهي (۱) پاڳ ۽ پاڳ جي معنيٰ آهي پير، پاڳ مان پاڳي، معنيٰ پيروڪٽندڙ، پيراڏو- اهڙيطرح پڳ مان پڳي = پيراڏو پاڳوڙو= پاڳ = پيرُ + اوڙو = وارو- پيررکڻ وارويعني جنهن تي پير رکجي، سا تي رڪيب.

جَسي ۽ جسراج جو اصل لفظ 'جَسُ' آهي:

جَس = شاباس، نيڪ نامي، شان و شوڪت.

جَسي - جَسو = جَسَ وارو- تعريف لائق، نامور،

جسراج = جَسَ جو راجا، شان شوڪت وارو.

وانڍين = وانڍَن ۾ رهندڙ. هن لفظ کي اڳ ۾ آٽي چڪا آهيون.

لوڙائو = ڏاڙيل، لٽيرا، ڦورو،

لوڙائو جي لغت هن طرح آهي.

لوڙائو= لوڙهه هڻندڙ، لوڙهه سان وڙهندڙ، لوڙهه = لٺ جو هڪ قسم جنهن جي چيڙي تي لوها پٽ چڙهيل هوندا آهن. جيڪڏهن اهڙي لٺ، يعني لوڙهه ڪنهن ٻه جوڏي جوان کي ٻه هٿڙي ڪري وهائجي ته مڙس ڍيري تي پوندو. مطلب ته ان لوڙهه جو ڏڪ معنيٰ موت جو ڏڪ.

لوڙهه لفظ مان لوڙائو جو تاريخي پسمنظر ٻه پڌرو ٿئي ٿو، ته اڳي ڏاڙن هڻڻ يا ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ لوڙهون کڻي ويندا هئا، جنهن سان ويڙهه ڪري، ڪامياب ٿي موٽندا هئا، تنهن ڪري 'لوڙائو' حيثيت کي تاريخي لفظ ۾ ٻه ڏسي سگهجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو.

١٨- لاکو لکي تي چڙهي، لکي لاکي هيٺ،
سونهاريون سَرَ ڪيو، پيڙيو هڏي بيٺ
ڪندو ڏمر ڏيٺ، صباح سان سڀ ڪنهن.

لغوي لفظ

لکي - سونهاريون- سَرَ ڪيو- بيٺ،

لکي = لاکي جي گهوڙيءَ جو نالو.

لکيءَ جي لغوي معنيٰ آهي: لکن واري يعني جيڪا قيمتي، عمدي، بنهه ڀلي.

هڪ پڙهڻي موجب "سونهاريون سِرڪيو" آهي، پر اسان 'سَرڪيو' کي درس سمجهون ٿا.

معنائن ۾ بہ اختلاف نظر اچي ٿو:

ڪن جي خيال موجب :

سونهاريون = سونهن واريون، جي پنهنجي سَتَ جي زور تي پيون سونهن.

سيرڪيو = پاڻ سان وٺي پيله چاڙهيو. لکندڙ جو مطلب هي آهي تہ:

سونهن واريون، جن کي ڊپ آهي تہ متان ڪو سندن سَتُ نہ ٽوڙي، تن کي لاکو پنهنجي پناهہ ٽوڏئي اسان جي خيال موجب، اها معنيٰ، لفظن - سونهاريون سرڪيو- جي لغوي پنيرائي نٿي ڪري.

لفظ لغوي لحاظ کان هيئن بيهڻ کپن:

سونهاريون = ترارِيون.

سَرڪيو = تيز ڪيو، تکو ڪيو. تيار ڪيو.

سَر ڪرڻ = تيز ڪرڻ. تيار ڪرڻ.

پيڙيو = مضبوط ڪيو، سوگهو ڪيو، پختو ڪيو،

---

(١) جهمٽ مل نارو مل- ونتپتي ڪوش- صفحو ٥٢-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيت = ڪمر، چيله.

سونهاريون سَرڪيو الخ - لاڪي ترارين کي تکو ڪري پنهنجي 'ڪمر پٽي' ۾ سوگهو ڪري وڌيون يعني لڙڻ لاءِ تيار ٿيو.

١٩- وَنهين سنگهارن جي سونهاري سانجاڻ،
پوءِ ٿا پين پاڻ، پهريائين پيارين پيڙا.

لغوي لفظ

وَنهين - سونهاري - سانجاڻ - پيڙا.

ونهين = آسودن، سکين ستابن، ونهيو = سکيو، آسودو، ڀاڳيو- سائو- ڀريوڀَڪُليو.

ضد = وِلهو.

ڪي "سونهاري سانجاڻ" کي 'سونهاري ساڄاڻ' ۾ ڏسن ٿا، معنيٰ ڪني اٿن: سولي ۽ سُٺي سڃاڻپ.

سونهاري جي لغوي معنيٰ آهي، سونهن واري، سُهڻي هتي معنيٰ دلپسند، وڻندڙ، لاجواب.

سانجاڻ = سانجڻ، رڌو پڪو،

سونهاري سانجاڻ = دلپسند کاڌو، وڻندڙ رڌو پڪو

پيَڙا = مسافر، واٽهڙو.

بيت جي لغوي خيال کان معنيٰ: انهن سنگهارن جي گهر جو رڌو پڪو يا تيار ڪيل ماني نهايت وڻندڙ آهي. اهڙا ته قربائتا آهن، جو اڳ ۾ مسافر کي لفظن پيارين ۽ پوءِ پاڻ.

آخر ۾ مان سنڌ جي سڄاڻ اديبن کي عالمن کي عرض ڪندس ته شاهه سائين جي اهڙن انوکن تي چڱي طرح ڇنڊڇاڻ ڪن ته جيئن 'لطيف لغات' ڏاهڻ ۾ آساني ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu